# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

# بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرش ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سيني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيتروادَ جي ڀيدڀاءَ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سيني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٿ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سيني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

منظوري نمبر : م را ش س پر پ / اوو / ش پر / ١٦-٢٠١٥ / ١٦٧٣ تاريخ ٢٠١٦-٤-٦

# اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر

## درجو ڇهون

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پر واري ’ڪيو آر ڪوڊ‘ کي سمارٽ فون ذريعي اسڪين ڪري سگھجي ٿو. ان وسيلي توهانکي پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس (URL) ملنديون.

MA3HNL

پھريون چاپو : ۲۰۱٦
سڌاريل چاپو : 2022

© : مھاراشٽر راڄيہ پانيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-۴۱۱۰۰۴
مھاراشٽر راڄيہ پانيہ پستڪ نرمتي و ابياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ ھن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آھن. ھن ڪتاب جو ڪوبہ حصو سنچالڪ، مھارشٽر راڄيہ پانيہ پُستڪ نرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل جي لکيت ۾ منظوريءَ کان سواءِ ڪٿي نٿو سگھجي.

**اِتهاس وشيہ ڪاميٽي:**
ڊاڪٽر سدانند موري، اڌيڪش
شري موھن شيٽي، ميمبر
شري پانڊورنگ بلڪوڙي، - ميمبر
ائڊووڪيٽ وڪرم ايڙڪي، ميمبر
ڊاڪٽر ايرام دڪشت، ميمبر
شري باپو صاحب شندي، ميمبر
شري بالڪرشڻ چوپڙي، ميمبر
شري پرشانت سروڏڪر، ميمبر
شري موگل جاڌوَ، ميمبر - سيڪريٽري

**ناگرڪ شاستر وشيہ سمتي :**
ڊاڪٽر شريڪانت پرانجپي، اڌيڪش
پروفيسر ساڌنا ڪلڪرڻي، ميمبر
ڊاڪٽر موھن ڪاشيڪر، ميمبر
شري، ويجنات ڪاڙي، ميمبر
شري موگل جاڌو، ميمبر سيڪريٽري

**اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر ابياس گٽ:**
شري راھول پربِھُو
شري سنجيہ وجريڪر
شري سياش رانوڙ
شريمتي سنيتا دڙوي
پروفيسر شواني لمبي
شري پاٿو صاحب اُماٽي
ڊاڪٽر : ناگنات ييولي
شري سدانند ڏونگري
شري رويندر پاٽل
شري وڪرم اڙسور
شريمتي روپالي گرڪر
شريمتي ميناڪشي اُپاڌيايہ
شريمتي ڪانچن ڪيتڪر
شريمتي شوڪنيا پٽوي
ڊاڪٽر اَنيل سنگھاري
ڊاڪٽر راو صاحب شيرڪي
شري مريبا چندنشوي
شري سنتوش شندي
ڊاڪٽر ستيش چاپلي
شري وشال ڪلڪرني
شري شيبيڪر پاٽل
شري سنجيہ مھتا
شري رامداس ناڪر

**ترجمو ڪندڙ:**
شري وجيہ منگلاڻي

**چڪاس ڪندڙ:**
شري شيام رانڌومل تلواڻي

**ٽائيپ سيٽنگ : ڪرشنا اِنٽرپرائيز، ڪئمپ، پوني**
اَنيتا ماڪيجا، جانڪي موٽواڻي

**سنيوجڪ:**
شري موگل جاڌو، وشيش اڌڪاري
اِتھاس ۽ ناگرڪ شاستر
شريمتي ورشا سرودي،
وشيہ سھايڪ، اِتھاس ۽ ناگرڪ شاستر

**پرڪاشڪ:**
شري وويڪ اُتم گوساوي،
ڪنٽرولر، پانيہ پُستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي - ۲۵.

**ڪور پيج ۽ سجاوٽ :**
پروفيسر دليپ قدم، شري رويندر موڪاٽي

**نقاشڪار :**
شري رويڪرڻ جاڌو

**ڪاغذ :**
۷۰ جي. ايس. ايم. ڪريم وو

**چاپيندڙ :**

**ڇپائي آرڊر :**

**نرمتي :**
شري سچيتانند آڦڙي، مکيہ نرمتي آفيسر
شري پرڀاڪر پربُ، نرمتي اَڌڪاري
شري ششانڪ ڪڻڪدڙي، نرمتي سھايڪ

**سنيوجڪ:**
شريمتي ڪيتڪي جاني
(اِنچارج آفيسر، سنڌي)

**سنيوجن سھايہ:**
شريمتي گيتا گٽيش ناڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ چويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳيہ وڌاتا
پَنجابَ، سنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪَ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي ڳؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سيني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

’ٻارن لاءِ مفت ۽ لازمي تعليم جو حق قانون ٢٠٠٩‘ ۽ ’قومي سکيا خاڪو ٢٠٠٥‘ کي نظر ۾ رکي مهاراشٽر راڄيه ۾ ’’پرائمري تعليم اَڀياس ڪرم ٢٠١٢‘‘ تيار ڪيو ويو. اِنهيءَ اَڀياس ڪرم جي ڪارروائي ٢٠١٣-٢٠١٤ اِنهيءَ تعليمي سال کان شروع ٿي آهي. اَڀياس ڪرم ۾ ٽئين درجي کان پنجين درجي تائين اتهاس، ناگرڪ شاستر اِهي وشيه گڏ ڪري پسگردائي اَڀياس ڀاڱو- ١ ۽ پسگردائي اڀياس -٢ ۾ ڏنا ويا آهن. درجي ڇهين کان اڀياس ڪرم ۾ اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر اهي وشيه الڳ وشيه آهن. هن کان اڳ واري اڀياسڪرم ۾انهن وشين لاءِ ٻه اَلڳ ڪتاب هئا. هاڻي اهي ٻئي وشيه هن وڏي ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. هي ڪتاب توهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسانکي خوشي ٿي رهي آهي.

پڙهڻ - پاڙهڻ جي ترتيب ٻال مرڪزي هجي، خود اڀياس تي زور هجي، پڙهڻ- پاڙهڻ جي ترتيبمزيدار ۽ خوشيءَ واري هجي اهو وشال نظريو رکي هي ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي. پرائمري تعليم جي الڳ الڳ ڏاڪن تي شاگرد کهڙيون لياقتون حاصل ڪن اهو پڙهڻ پاڙهڻ وقت چٽو هجي. ان لاءِ هن ڪتاب ۾ اتهاس ۽ راڄ ڪاروبار وياڱن جي شروعات ۾ اُن وشيه جون لياقتون ٻڌايل آهن. انهن لياقتن جي نسبت ۾ هن ڪتاب کي نئين نموني پيش ڪيل آهي.

اتهاس جي ڀاڱي ۾ پراچين ڀارت جو اتهاس ڏنل آهي. ان مان ٻارن کي پنهنجي سڀيتا ۽ رسمن جي سموري ڄاڻ ملي ۽ ان ذريعي سندن سماجڪ ايڪتا جي سمجهه وڌي اهو مقصد آهي، هڙاپا سڀيتا جي وقت کان ڀارت جي ڏوارنهن ديشن سان جڙيل واپاري ناتا ڀارت جي شاهوڪاريءَ جا مول ڪارڻ هئا. اهي واپاري ناتا وشو برادري ۾ انتر راشٽريه سهڪار کان سواءِ ممڪن نه آهي، ان تي زور ڏنل آهي.

ناگرڪ شاستر ڀاڱي ۾ ’مڪاني ڪاروباري سنسٿائون‘ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ وقت وڪاس جي يوجنائن ۾ مڪاني جنتا جو سهڀاڱہ، عورتن جو سهڀاڱ ۽ سندن سهڀاڱ مان ٿيل تبديلين جو خاص ذڪر ڪيل آهي. اسانجي ديش جو ڪاروبار، ڀارت جي جوڙجڪ، قاعدن ۽ نيمن موجب هلندو آهي اهو ٻارن جي سؤلي ٻوليءَ ۾ سمجهايل آهي. ٻابن ۾ چوڪندن ۾ ڏنل ڄاڻ شاگردن جي تعليم کي اٿردار ٻڻائيندي. ماسترن لاءِ الڳ هدايتون ڏنل آهن. پاڙهڻ وڏ ۾ وڏ مشغولي آڌارت هجي اهو خيال رکيو ويو آهي.

هيءُ ڪتاب وڌ ۾ وڌ نردوش ۽ معياري ٿئي، اُن نظر کان مهاراشٽر جي سڀني ڀاڱن مان چونڊ اُستادن، تعليمدانن ۽ وشيه جي ڄاڻو اُستادن کان هن ڪتاب جي سمالوچنا ڪرائي ويئي. آيل سوچنائون، ويچارن کي ڌيان ۾ رکي هن ڪتاب کي آخرين روپ ڏنو ويو آهي. اِتهاس وشيه ڪاميٽي، ناگرڪ شاستر وشيه سمتي اڀياس گٽ ميمبر، ليکڪ ۽ چتر ڪارن جي گهڻي وشواس ۽ محنت سان هيءُ درسي ڪتاب تيار ڪيو آهي. منڊل اِنهن سڀني جو تهدل شڪرگذار آهي.

اُميد ته شاگرد، ماستر ۽ مائٽ هِن ڪتاب جو سواگت ڪندا!

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ

نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل - پڻي.

پڻي،

تاريخ -٩ ميءِ ٢٠١٦، اکڻ ٽيج

ڀارتيه سوريه ١٩ ويساکه ١٩٣٨

# - ماسترن لاءِ -

- شاگردن کي پراچين ڀارت جو اتهاس سيکارڻ جو مقصد آهي تہ کين پنهنجي سڀيتا ۽ ريتين رسمن جي سمُوري ڄاڻ ملي جنهن سان سندن سماجڪ ۽ راشٽريہ ميلاپ جو احساس وَڌي. ماسترن کي پراچين ڀارت جو اتهاس سيکارڻ وقت ان مقصد کي خيال ۾ رکي سيکارڻ جي طريقي جي تجويز ڪرڻ گُهرجي.
- روزاني زندگيءَ ۾ ڏسجندڙ سڀيتڪ ريتين - رسمن بابت شاگردن جي من ۾ ڪيترائي سوال هوُندا آهن. اهي سوال ڪهڙا هوُندا اها ڄاڻ ماستر کي پنهنجي آزمودن دواران هئڻ گهرجي. شاگرد اهي سوال ٻي ڏيا تي پڇن. ماستر شاگردن کي ان بابت اُتساهہ ڏياري.
- اسانجي سڀيتڪ ورثي جي ڄاڻ پراچين ڀارت جي اتهاس جي اڀياس مان مِلڻ لاءِ الڳہ الڳہ پراچين عمارتوُن، سِڪا، شيوُن انهن جي ڏڻ ۾ وڏ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جا ساڌن ڪهڙا؟ اِن بابت شاگردن کي ٻُڌائجي. درسي ڪتاب ڪانسواءِ وڌيڪ ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ اُنهن کي اُتساهہ ڏياري.
- هڙاپا سڀيتا جي وقت کان ڀارت جا ڏورانهن ديشن سان استاپت ڏيل واپاري ناتا ڀارت جي واڌاري جو مُول سبب هئا، اهو ڌيان ۾ رکي انتر راشٽريہ واپار جو سُروُپ شاگردن کي سمجهائي ٻُڌايو. شاگردن کي سمجهايو تہ اهو واپار وشو برادري ڀاءُ ۽ انتر راشٽريہ ميل ميلاپ کان سواءِ ممڪن نہ آهي. اِها ڄاڻ شاگردن جي ڌيان تي آڻيو.
- رامائڻ ۽ مهاڀارت اهي مهاڪاويہ ڏکڻ اوڀر اِيشيا جي اِنڊونيشيا، ۽ ڪمبوڊيا ديشن ۾ نرتيہ ۽ ناٽڪ جي روُپ ۾ پيش ڪرڻ جي پرمپرا اڄ سوُڌو قائم آهي. اُتان جي پراچين شلپن ۾ اهي ڪٿائوُن ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري ڪلاس ۾ پيش ڪرڻ جا پروجيڪٽ شاگردن کي ڏجن.
- ناگرڪ شاستر وشيہ جي شروُعات ڪرڻ کان اڳہ اسان جي ديش جو حڪوُمتي سرشتو سمجهائجي. مرڪزي سرڪار، گهٽڪ راڄيہ سرڪاروُن ۽ مڪاني حڪوُمتي سرشتي بابت ٿوري ۾ ڄاڻ ڏجي.
- مڪاني ڪاروبار لاءِ راڄيہ سرڪار جا الڳہ قاعدا آهن. شاگردن کي اهي قاعدا وستار سان سمجهائڻا نہ آهن. پر شاگردن کي اهو ٻُڌائڻ ضروُري آهي تہ اسان جي ديش جو ڪاروبار جوڙجڪ، قاعدن قانوُن موجب هلندو آهي. قاعدي جي راڄ جا فائدا کين الڳہ الڳہ مثالن مان سمجهائڻ گهرجي.
- جوڙجڪ جي ٧٣ ۽ ٧٤ دُرستي جو هتي مختصر ذڪر آيل آهي. انهن جوڙجڪ جي دُرستين سبب مڪاني حڪوُمتي سنستائوُن مضبوُط ٿيون آهن، ان سبب انهن سنستائن ۾ آيل بدلاوَ شاگردن کي ٻُڌائجن.
- مڪاني حڪوُمتي سنستائن ۾ استرين جو ڀهرو وٺڻ ۽ اُن سبب ٿيل بدلاوَ پڻ شاگردن کي ضروُر ٻُڌائجن.
- برٽش راڄ ۾ مڪاني سنستائن کي 'مڪاني خود حڪوُمتي سنستائوُن' ڪري چئبو هو. آزاديءَ کان پوءِ هر سطح تي سوُراڄ هئڻ سبب هاڻي انهن کي 'مڪاني حڪومتي سنستائوُن' چيو ويندو آهي.

# پراچين ڀارت جو اتهاس

## فهرست



| باب جو نالو | صفحي نمبر |
|---|---|
| ١. ڀارت جو اڀيبيت ۽ اتهاس ................................ | 1 |
| ٢. اتهاس جا ساڌن ........................................ | 6 |
| ٣. هڙاپا سڀيتا ............................................ | 10 |
| ٤. ويدڪ سڀيتا ........................................... | 15 |
| ٥. پراچين ڀارت جون ڌرمي ڌارائون ........................ | 20 |
| ٦. جنپد ۽ مهاجنپد ...................................... | 26 |
| ٧. موريه ڪال ۾ ڀارت ................................... | 30 |
| ٨. موريه سامراجيه ڪان پوءِ وارا راڄ ........................ | 36 |
| ٩. ڏکڻ ڀارت جا پراچين راڄ ............................ | 42 |
| ١٠. پراچين ڀارت: سڀيتڪ ............................... | 48 |
| ١١. پراچين ڀارت ۽ جڳُ ................................... | 54 |



**S.O.I. Note :** The following foot notes are applicable : (1) © Government of India, Copyright : 2016. (2) The responsibility for the correctness of internal details rests with the publisher. (3) The territorial waters of India extend into the sea to a distance of twelve nautical miles measured from the appropriate base line. (4) The administrative headquarters of Chandigarh, Haryana and Punjab are at Chandigarh. (5) The interstate boundaries amongst Arunachal Pradesh, Assam and Meghalaya shown on this map are as interpreted from the "North-Eastern Areas (Reorganisation) Act. 1971," but have yet to be verified. (6) The external boundaries and coastlines of India agree with the Record/Master Copy certified by Survey of India. (7) The state boundaries between Uttarakhand & Uttar Pradesh, Bihar & Jharkhand and Chattisgarh & Madhya Pradesh have not been verified by the Governments concerned. (8) The spellings of names in this map, have been taken from various sources.

## علمي حاصلات

**درجي ڇهين جي آخر ۾ شاگرد هن ذيل لياقتن ۾ قابليت حاصل ڪن، اِها اُميد آهي.**

| پڙهائي تعليمي ترتيب | علمي حاصلات |
|---|---|
| **سکندڙن کي جوڙن ۾/ گروهن ۾/ شخصي طور سکڻ جا موقعا ڏيڻ ۽ هيٺين ڳالهين لاءِ اتساهت ڪرڻ.**<br>• - اتهاس نهڻ ۽ جاگرافيڪ خاصيتون ان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.<br>• - چٽن جدا جدا اتهاس جي ساڌنن کي پڙهڻ، ڇنڊڇاڻ، انهن تي ڳالهه ٻولهه ڪري اتهاس جي ماهرن ڀارت جي پراچين اتهاس جي وري رچنا ڪيئن ڪئي هوندي ان بابت سوچڻ.<br>• نشي بابت مشغوليون : اهم استان ڳولهڻ، شڪار ۽ ڪاڌو گڏ ڪرڻ جا هنڌ، فصل جي پئداش، هڙپا سيپتا، جنيد، مها جنيد، سامراجيه، گوتم بڌ ۽ مهاوير جي زندگيءَ سان جڙيل استان، ڀارت ٻاهر هوندڙ ڪلا ۽ عمارت سازيءَ جا مرڪز ۽ انجو ڀارت سان لاڳاپو.<br>• مهاڪاويه، رامائڻ، مهاڀارت، سلڌڪرم، مٽي ميڪ لائي يا ڪاليداس جو اهم ساهت پڙهڻ.<br>• ڳالهه ٻول ڪرڻ ٻوڌي ۽ جين ڌرمن جا تتوَ ۽ ٻيون ويچار ڌارائون جا بنيادي متا - سندن سکيائن جي اڄوڪي وت ۾ ضرورت - پراچين ڀارت جي ڪلائن ۽ عمارت سازيءَ جو اڀياس، ڀارتي سيپتا ۽ وگيان ڪيتر ۾ يوگدان.<br>• ڪردار نڀاهڻ : انيڪ اتهاسڪ خيالن تي آڌارت مثالن ڪلنگ ترائي ڪانپوءِ سمارٽ اشوڪ ۾ آيل تبديلي، ان وت جي لکيه ساڌن جي ڪنهن وشيه تي آڌارت.<br>• پروجيڪٽ : راجين جي اوسرڻ ۽ سنگهه جو طريو : جدا جدا راجين ۽ گهراڻن جو يوگدان، ڀارت جو ٻاهرين دنيا سان ٿيل ناتي جو خاص اثران پروجيڪٽ تي ڪلاس ۾ ڳالهه ٻول.<br>• **عجائب گهر جو دؤرو :** شروعاتي انساني بستين جا طبي نشان ڏسڻ لاءِ هڙپا وت جي سيپتائن ۾ استرتا ۽ تبديليون بابت ڳالهه ٻول ڪرڻ. | سکندڙ :<br>06.73H.01 اتهاس ۽ جاگرافيءَ ۾ آسي لاڳاپو سڃاڻن ٿا.<br>06.73H.02 اتهاس جا جدا جدا ساڌن سڃاڻن ٿا ۽ سندن هاڻوڪي وت جي اتهاس لکڻ لاءِ استعمال سمجهائن ٿا.<br>06.73H.03 ڀارت جي نشي تي اهم اتهاسڪ سنڌ ڏيکارن ٿا.<br>06.73H.04 اهو راجيه، راڄ گهراڻن جو يوگدان سمجهائن ٿا. مثال اشوڪ جو شلاليک، گپت ڪال جا سڪا، پلون جا رٿ مندر وغيره.<br>06.73H.05 پراچين زماني جا وشال واعا سمجهائي ٿو مثال شڪار ڪرڻ ۽ ڪاڌو گڏ ڪرڻ ڏاڪي کان کيتيءَ جي شروعات سنڌوُ سيپتا جا پهريان شهر وغيره هڪ هنڌ جي واعي جو ٻئي واعي سان لاڳاپو جوڙي ٿو.<br>06.73H.06 ان زماني جي لکيه ساڌنن ۾ ٻڌايل ڳالهين، واعن، شخصن جو بيان ڪن ٿا.<br>06.73H.07 ڀارت جي ٻاهرين ديشن / ايراضين سان لاڳاپي جو ڌرم، ڪلا، عمارت سازي وغيره ڪيترن تي ٿيل اثر ظاهر ڪن ٿا.<br>06.73H.08 ڀارت جو سيپتڪ ۽ وگيانڪ ڪيترن ۾ يوگدان سمجهائي ٿو. مثال پولروگيان علم طب، حساب، ڌاتو شاستر وغيره.<br>06.73H.09 جدا جدا اتهاسڪ واعن نسبت ڄاڻ جي ڇنڊڇاڻ ڪن ٿا.<br>06.73H.10 پراچين ڪال جي جدا جدا ڌرمن ۽ ويچار ڌارائن جا بنيادي متا / تتو ۽ ملهه جي ڇنڊڇاڻ ڪن ٿا.<br>06.73H.11 انسانيت ۽ ڌرم نرپيڪشتا سڀ کان اوچا ويچار آهن اهو سمجهائن ٿا.<br>06.73H.12 ويچارڪ ۽ سيپتڪ ڏي - وٺ سان انساني ڄاڻ وڌي ٿي اهو سمجهن ٿا. |

# ١. ڀارت جو اڀڀيت ۽ اتهاس

**١.١ اتهاس جي رچنا ۽ جاگرافيڪل خاصيتوُن.**
**١.٢ ڀارت جوُن جاگرافيڪل خاصيتوُن.**
**١.٣ ڀارتيہ اُڀڀيت.**

## ١.١ اتهاس جي رچنا ۽ جاگرافيڪل خاصيتوُن.

پنجين درجي ۾ اسين ڏٺوسين تہ ماڻهوءَ سندس پسگردائيءَ جو ڪيئن هڪٻئي سان گهاٽو ناتو آهي. اسين اهو بہ ڏٺو تہ آدي ماڻهوءَ جي رهڻي ڪرڻيءَ ۽ هُنر ۾ بدلاوَ سندس پسگردائيءَ جي بدلاون سان ڪيئن جُڙيل هئا. اسين جائزو ورتو تہ پٿر يُگ جي سڀيتا ڪان نديءَ ڪناري جي ڪيتيءَ واري سڀيتا اهو انساني سڀيتا جو اتهاس ڪيئن گُهڙيو.

اتهاس معنيٰ انساني سڀيتا جي سفر ۾ ٿيل ماضيءَ جي سڀني قسمن جي گهٽنائن جي نهڪندڙ بيان جڳهہ، وقت، ماڻهو ۽ سماج اهي اتهاس جا چار بنيادي پايا آهن. انهن چئن جُزن کانسواءِ اتهاس نٿو لکي سگهجي. انهن مان جڳهہ اهو جُزو جاگرافيڪل حالتن سان لاڳاپو رکندڙ آهي. اتهاس ۽ جاگرافيءَ جو ناتو اَٽ ٽٽندڙ آهي. جاگرافيڪل حالتوُن اتهاس تي گهڻو اثر ڪنديوُن آهن.



**اچو ڳالهہ ٻولهہ ڪريون.**

- توهان جي پسگردائيءَ ۾ ڪهڙا ڏنڌا آهن؟
- توهانجي پسگردائيءَ ۾ ڪهڙا فصل پوکيا ويندا آهن؟

اسانجو کاڌو- پيتو، ويس - وڳا، گهرن جي بناوت، ڌنڌا وغيره ڳالهيوُن گهڻي قدر اسان جي رهائش جي جاگرافيڪل خاصيتن تي مدار رکن ٿيون اسان جو سماجڪ جيون بہ انهن تي مدار رکي ٿو. مثال طوَر جابلوُ ايراضين ۾ رهندڙ ماڻهن جو جيون ميداني ايراضين ۾ رهندڙ ماڻهن ڪان ڏکيو هوندو آهي. جابلوُ ايراضين ۾ ميداني ايراضين جي پيٽ ۾ پلي زمين تمام گهٽ انداز ۾ ميسر ٿئي ٿي. جابلوُ ايراضين ۾ رهندڙ ماڻهن کي اناج ۽ ڀاڄيوُن گهٽ انداز ۾ ميسر هوُنديوُن آهن. انجي ڀيٽ ۾ ميداني ايراضين ۾ رهندڙ ماڻهن کي اهي ڳالهيوُن چڱيون ملنديون آهن. انجو اثر کاڌي- پيتي تي ڏسجي ٿو. جابلوُ ايراضين وارن ماڻهوُن کاڌي لاءِ ماس ۽ جهنگل مان ملندڙ شين تي وڌيڪ مدار رکن ٿا. ساڳئي نموُني انهن جي رهڻي ڪرڻي ۾ بين ڳالهين ۾ بہ فرق ڏسجي ٿو.

اسانجي پسگردائيءَ جي آبهوا، برسات،







گهرن جا قسم

ڪيتيءَ جي پيدائش، نباتات ۽ جانورن ۾ نرالپ وغيره ڳالهيون اسانجي جيئڻ جا وسيلا آهن. انهن ڳالهين جي آڌار تي ئي رهڻي ڪرڻي ۽ سڀيتا جو واڌارو ٿئي ٿو. جتي جيئڻ جي وسيلن جو انداز وڌيڪ آهي اُتي انساني سماج گهڻي وقت تائين رهي ٿو. وقت گُذرندي اُن بستيءَ جي تبديل ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ٿئي ٿي. پسگردائيءَ جو نقصان، ڏُڪار، لڙايون يا ٻين سببن ڪري جيئڻ جي وسيلن جي گهٽتائي ٿيڻ تي ماڻهوُ ڳوٺ، شهر لڏي ويندا آهن. اُهي ڳوٺ، شهر اُجڙ ٿي ويندا آهن. اهڙيوُن انيڪ گهٽنائوُن اتهاس ۾ ٿيل آهن. ان مان ظاهر آهي تہ اتهاس ۽ جاگرافيءَ جو اَٽوٽ ناتو آهي.

### ١.٢ ڀارت جوُن جاگرافيڪل خاصيتوُن:

اسانجي ڀارت ديش جي وڏي پکيڙ آهي. انجي اُتر ۾ هماليہ جبل، اوڀر ۾ بنگال جو اپسمنڊ، اولهہ ۾ عربي سمنڊ ۽ ڏکڻ ۾ هندي وڏو سمنڊ آهي. انڊمان- نِڪوبار ۽ لڪش دويپ ٻيٽ ڇڏي ٻچيل ڀاڱو ڀارت جو لاڳيتو ڀاڱو آهي.

پراچين ڀارت جو اتهاس سکڻ وقت اسان کي اهو ڀاڱو خيال ۾ رکڻو پوندو. انکي ئي اسين پراچين ڀارت ڪري چونداسين. اڄ جا پاڪستان ۽ بنگلا ديش ع. س. ١٩۴٧ کان اڳ ڀارت جا ڀاڱا هئا.

ڀارت جي زمين جاگرافيءَ جي لحاظ کان ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي.

١. هماليہ
٢. سنڌوُ- گنگا- برهمپُترا ندين جا ميداني ڀاڱا.
٣. ٿر جو رڻپٽ
۴. ڏکڻ جو مٿاهون پٽ.
۵. سامونڊي ڪنارن جو ڀاڱو.
٦. سامونڊي ٻيٽ.

**١. هماليہ:** هندوڪش ۽ هماليہ جبل ڀارتيہ اُپکند جي اُتر ۾ جڙ هڪ اٽڪنڊ پٽ تي رهيو



هماليہ جبل

آهي. ان پت سبب ڀارتيہ اُپبيٽ وچ ايشيا جي بيابان کان جُدا رهيو آهي. هندوڪش جبل جي خئبر بولن ماٿريءَ مان ويندڙ هڪ خشڪي واپاري رستو آهي. اِهو وچ ايشيا مان ويندڙ جهوني واپاري رستي سان ڳنڍيل آهي. چين مان نڪري وچ ايشيا مان عربي ديشن ڏانهن ويندڙ اهو رستو ريشمي رستو ڪري سڏجاتو ويندو آهي. ڇو تہ ان رستي تان مُغربي ديشن ڏانهن ويندڙ مال ۾ ريشم مُکيہ هئي. ان ماٿريءَ مان ئي انيڪ پرڏيهي حملاور ڀارت ۾ داخل ٿيا. انيڪ پرڏيهي ياتري ان رستي کان ڀارت ۾ داخل ٿيا.



خئبر ماٿري

### ٢. سنڌوُ-گنگا - برهمپُترا ندين جا ميداني ڀاڱا:

سنڌوُ گنگا ۽ برهمپُترا انهن ٽن وڏين ندين ۽ سندن اُپ ندين جي ماٿرين جي هيءَ ايراضي آهي. اها ايراضي اولهہ ۾ سنڌ- پنجاب کان شروع ٿي اوير



گنگا ندي

۾ هاڻوڪي بنگلا ديش تائين ڦهليل آهي. ڀارت جي سڀ کان پراچين شهري سڀيتا- هڙاپا ۽ اُن کان پوءِ جا پراچين گڻراجيہ ۽ سامراجيہ هن ايراضيءَ ۾ ئي اُسريا.

**توهانکي ڄاڻ آهي ڇا؟**

آفريڪا کنڊ جو سهارا رڻپٽ دُنيا جو سڀ کان وڏو رڻپٽ آهي.



ٿر جو رڻپٽ

**۳. ٿر جو رڻپٽ:** ٿر جو رڻپٽ راجستان، هرياڻا ۽ گجرات جي ڪڇ ڀاڱن ۾ ڦهليل آهي. انجو ڪُجهہ حصو هاڻوڪي پاڪستان ۾ پڻ آهي. اُتر ۾ ستلج ندي، اوڀر ۾ اَرولي جابلوُ قطارون، ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻپٽ ۽ اولهہ ۾ سنڌو ندي آهي. هماچل پرديش مان شروع ٿيندڙ گهگر ندي ٿر جي رڻپٽ ۾ پهچي ٿي. پاڪستان ۾ هنکي هاڪرا چيو ويندو آهي. هاڻي راجستان ۽ پاڪستان ۾ اها سُڪي ويئي آهي. نديءَ جي سُڪل ڀاڱن وارين ايراضين ۾ هڙاپا سڀيتا جا کيترائي هنڌ پکڙيل آهن.

**۴. ڏکڻ جو مٿاهون پٽ:** اوڀر ڪناري ۽ اولهہ ڪناري جي وچ واري ايراضي ڏکڻ طرف سوڙهي ٿيندي وڃي ٿي. انجي اولهہ طرف عربي سمنڊ، ڏکڻ ۾ هندي مهاساگر ۽ اوڀر ۾ بنگال جو اپ سمنڊ آهي. ٽنهي طرفن کان پاڻيءَ سان گهيريل هيءَ ايراضي سمنڊ ۾ گهريل ڪنهن ٽڪنڊي ڇُهنب وانگر لڳندي آهي.

ڏکڻ جي مٿاهين پٽ جي اُتر ۾ ساتپوڙا ۽ ونڌيہ جبلن جو قطارون آهن. انجي اولهہ ۾ سهيادري جابلوُ قطارون آهن. ان کي اولهندا گهاٽ بہ چوندا آهن. سهيادري جبلن جي اولهہ پاسي تري ۾ ڪونڪڻ ۽ ملبار ڪناري واري ايراضي آهي. مٿاهين پٽ جي اوڀر طرف جابلو ڀاڱن کي ايرندا گهاٽ چئجي ٿو. هن مٿاهين پٽ جي زمين ڀلي آهي، هڙاپا سڀيتا کان پوءِ واري وقت ۾ انيڪ ڪيتي ڪندڙ سڀيتائوُن وڌيوُن وسيوُن. موريہ سامراجيہ پراچين ڀارت جو سڀ کان وڏو سامراجيہ هو ۽ ڏکڻ جي مٿاهين پٽ بہ ان سامراجيہ ۾ شامل هو. موريہ سامراجيہ کان پوءِ بہ هتي کيترائي ننڍا وڏا راڄ ٿي گذريا آهن.

**۵. سامونڊي ڪنارن وارو ڀاڱو:** پراچين ڀارت ۾ هڙاپا سڀيتا جي وقت کان مُغربي ديشن اسان واپار ٿيندو هو. اهو واپار سامونڊي رستن ذريعي ٿيندو هو . ٽنهنڪري ڀارت جي سامونڊي بندرن ذريعي پرڏيهي سڀيتا ۽ ماڻهن سان ڀارتي لوڪن جي ڏي-وٺ ٿيندي هئي. پوءِ واري وقت ۾ خُشڪي رستي پڻ واپار ۽ وهنوار شروُع ٿيو. سامونڊي رستن جي اهميت پوءِ بہ قائم رهي.

**۶. سامونڊي ٻيٽ:** بنگال جي اُپ سمنڊ ۾ اَنڊمان ۽ نڪوبار، ڀارت جا ٻيٽ آهن. لڪش دويپ ٻيٽ پڻ ڀارت جا عربي سمنڊ ۾ ٻيٽ آهن. پراچين وقت ۾ سامونڊي واپار ۾ انهن ٻيٽن جي وڏي




اهميت هئي. پيريپلس آف دَ ايريٿرين سي، يعني ٻاڙهي سمنڊ جي چاڙ جو ڪتاب ۾ پارتي ٻيٽن جو ذڪر آهي. هي ڪتاب هڪ گريڪ خلاصيءَ لکيو آهي.

**ڪري ڏسو**

پارت جي نقشي ۾ هيٺيون ڳالهيون درج ڪريو.

١. هماليه جبل

٢. ٿر جو رڻپٽ

٣. اُيرندي ڪناري وارا ميدان



**اندمان ٻيٽ**

**١.٣ پارتيه اُپ کنڊ-** هڙاپاءِ موهن جو دڙو هي جڳهيون هاڻوڪي پاڪستان ۾ آهن. پارت،

افغانستان، پاڪستان، نيپال، ڀوٽان، بنگلا ديش، شري لنڪا ۽ مالديو، ديش گڏجي ننڍڙ ايراضي ڏکڻ ايشيا نالي سان سڏجي ٿي. ان کي 'ڀارتي اُپ کنڊ' پڻ چئجي ٿو. هڙاپا سڀيتا جو وستار مُکيه طور ڀارت جي اُتر اولهه طرف ٿيو آهي.

اسان جا پاڙيسري مُلڪ چين ۽ ميا نمار اُهي ڏکڻ ايشيا يا ڀارتي اُپ کنڊ ۾ شامل نہ آهن. انهنجا پراچين ڀارت سان اتهاسڪ ناتا رهيا آهن. پراچين ڀارت جي اتهاس جي ابياس ۾ انهن جي پڻ اهميت آهي.

## اڀياس

**١. هيٺين سوالن مان هرهڪ جو هڪ جُملي ۾ جواب لکو:**

١. اتهاس جي معنيٰ ڇا آهي؟

٢. انساني سماج گهڻي وقت تائين ڪٿي بستي ڪري رهي ٿو؟

٣. جابلوُ ايراضين ۾ رهندڙ ماڻهن کي کاڌي لاءِ کهڙين شين تي مدار رکڻو پوي ٿو؟

۴. ڀارت ۾ سڀ کان پراچين ناگري سڀيتا کهڙي؟

**٢. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب ڏيو.**

١. انساني سماجڪ جيون کهڙين ڳالهين تي مدار رکي ٿو؟

٢. اسانجي رهائشي استان جوُن کهڙيون ڳالهيون اسانجي جيئڻ جا ساڌن آهن.

٣. ڀارتي اُپ کنڊ بابت ٿوري ۾ ڄاڻ لکو.

**٣. سبب ڏيو.**

١. اتهاس ۽ جاگرافيءَ جو ناتو اڻٽٽ آهي.

٢. ماڻهن کي ڳوٺ / شهر لڏي وڃڻا پوندا آهن.

**۴. جابلوُ ڀاڱن ۽ ميداني ڀاڱن جي ماڻهن جي لوڪ جيون ۾ فرق بيان ڪريو.**

**۵. ڪتاب ۾ ڀارت - قدرتي نقشي جي جاچ ڪري اُن تي آڌار رکندڙ سوالن جا جواب لکو.**

١. ڀارت جي اُتر ۾ کهڙيون جابلوُ قطاروُن آهن؟

٢. ڀارت جي اُتر کان ايندڙ کهڙا رستا آهن؟

٣. گنگا- برهمپترا ندين جو ميلاپ ڪٿي ٿيندو آهي؟

۴. ڀارت جي اوير ۾ کهڙا ٻيٽ آهن؟

۵. تر جو رٽپٽ ڀارت جي کهڙي طرف ۾ آهي؟

**مشغوُلي:**

١. توهانجي پسگردائيءَ جي آبي ٻندارن جي ڄاڻ گڏ ڪريو.

٢. دنيا جي نقشي ۾ هيٺين ڳالهيون ڏيکاريو.

١. هماليہ جبل

٢. ريشمي رستو

٣. عربستان

MAC009

✠✠✠



الڳ الڳ ويس وڳا

# ٢- اتهاس جا ساڌن


٢.١ پوئتڪ ساڌن

٢.٢ لکيل ساڌن

٢.٣ زباني ساڌن

٢.۴ پراچين ڀارت جي اتهاس جا ساڌن

٢.۵ اتهاس لکڻ بابت گهربل خبرداري.


**ڪري ڏسو**

- توهان جي گهر ۾ موجود ڏاڏي - ڏاڏيءَ جي وقت جي شين جي ياداشت ٺاهيو.
- توهان جي پسگردائي / شهر جي ڪنهن پراچين عمارت جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

اسانجي وڏن جون استعمال ڪيل انيڪ شيون اڄ بہ موجود آهن. انهن دوران اُڪريل ڪيترائي ليک اسان کي مليا آهن. انهن ساڌنن جي مدد سان اسان کي اتهاس جي ڄاڻ پوي ٿي. تنهن کان سواءِ ريتيون رسمون، لوڪ ڪلائون، لوڪ ساهتيہ اتهاسڪ ڪاغذ پٽ انهن دوران اسانکي اتهاس جي ڄاڻ پوي ٿي. انهن سڀني کي اسان ’اتهاس جا ساڌن‘ چوندا آهيون.

اتهاس جا ساڌن ٽن قسمن جا آهن : پوئتڪ ساڌن، لکيل ساڌن، زباني ساڌن.

**ٻڌايو ڏسان!**

- قلعا، غفائون، استوپ انهن ساڌنن کي پوئتڪ ساڌن چوندا آهن. ٻين ڪهڙين عمارتن کي پوئتڪ ساڌن چئبو آهي؟

## ٢.١ پوئتڪ ساڌن

روزاني زندگيءَ ۾ ماڻهو جُدا جُدا قسمن جون شيون استعمال ڪندو آهي. جهوني وقت ۾ واپريل ڪيتريون ئي شيون اڄ اسانکي اهميت ڀري ڄاڻ ڏيئي سگهن ٿيون. پراچين شين جي نڪرن جي آڪار، رنگ، نقاشيءَ مان اُهي برتن ڪهڙي وقت جا آهن اهو انداز لڳائي سگهجي ٿو. زيور ۽ ٻين شين مان انساني سماج ۾ سنبنڌن جي ڄاڻ پوي ٿي. اناج، ڦلن جي ٻجن ۽ جانورن جي هڏن مان ڪاڏي جي ڄاڻ ملي ٿي. الڳ الڳ وقتن تي ماڻهوءَ دوران ٺهيل عمارتن ۽ گهرن جا نشان ملن ٿا. ان کان سواءِ سڪا ۽ مُهرون پڻ ملن ٿا. انهن سڀني مان انساني وهنوار جي ڄاڻ پوي ٿي. اهي سڀ شيون ۽ عمارتون يا انهن جي نشانن کي اِتهاس جا ’پوئتڪ ساڌن‘ چئجي ٿو.

**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

اناج جا داڻا گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪندا آهن. اُنهن کي جيت جڻيو لڳي ويندو آهي. اُهي پُري پوي ٿا.

پراچين وقت ۾ اناج مان اتو ٺاهڻ کان اڳ ۾ اُن کي سيڪيندا هئا پوءِ اُهو ڏاريندا هئا. اَنُ سيڪڻ وقت ڪي داڻا وڌيڪ سيڪجي يا سڙي ويندا هئا تہ اُهي ڦٽي ڪري ڇڏيا هُئا. اهي سڙيل داڻا سالن جا سال جٽاءُ ڪندا آهن. اُهي کوٽائيءَ ۾ ملندا آهن. اُنهن کي تجربي خاني ۾ چڪاسڻ سان ڄاڻ پوي ٿي تہ اُهي ڪهڙي اناج جا داڻا آهن.



سڪا



زيور



ٺڪر



برتن

**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

مندرن جون ڀتيوُن، غفائن جوُن ڀتيون، شلائوُن، ٽامر پٽر، برتن، ڪچيون سِروُن، ڀوڄ پٽر وغيره تي اُڪريل ليکہ لکيل ساڌنن ۾ شامل ڪيا آهن.



ٽامر پٽر



شلا ليکہ

## ٢.٢ لکيل ساڌن

پٿر يگ جي ماڻهوءَ پنهنجي جيون جا ڪيترائي قصا ۽ ڀاونائُون چٽرن دوران ظاهر ڪيُون آهن، هزارين سال گذرڻ کان پوءِ ماڻهوءَ کي لکڻ جي ڪلا حاصل ٿي.

شروُعات ۾ ماڻهوُ نشانن جو استعمال ڄاڻ درج ڪرڻ لاءِ ڪندو هو، اُن مان لپيءَ جو وڪاس ٿيڻ ۾ هزار سال گُذري ويا.

شروُعات ۾ ٺڪر، ڪچيون سِروُن، وڻن جو کلوُن، ڀوڄ پٽر، وغيره جو لکڻ لاءِ اپيوگ ٿيندو هو. اهڙي قسم جي شين تي لکڻ لاءِ ڪنهن چهنبدار شيءَ جو استعمال ٿيندو هو. جيئن آزموُدو ۽ وگيان وڌندو ويو تيئن تيئن هُن الڳ الڳ طريقن سان لکڻ جي شروعات ڪئي، آس پاس ۾ ٿيل گهٽنائون، درباري ڪم ڪار جو احوال وغيره ڄاڻ لکي رکڻ جي شروعات ٿي. انيڪ راجائن، پنهنجا فرمان، فيصلا دان پٽرن، پٿرن يا ٽامي جي پٽرن تي اُڪرائي رکيا آهن. وقت گذرندي ساهتيہ جا انيڪ روُپ پيدا ٿيا. ڌارمڪ- سماجڪ گرنٿ، ناٽڪ ڪاويہ، سفرناما ۽ وگيانڪ وشين تي ليکہ لکيا ويا. ان ساهتيہ مان اُن وقت جو اتهاس سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي. انهن سڀني ساهتين کي اتهاس جا لکيل ساڌن چئجي ٿو.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

ڀوڄ پٽر، ڀوڄ وڻ جي ڇل مان ٺهندو آهي. ڀوڄ وڻ ڪشمير ۾ وڌندا آهن.



ڀوڄ وڻ



ڀوڄ پٽر

## ڪري ڏسو

- توهانجي پسگردائيءَ / شهر جي عجائب گهر (ميوزم) ۾ وڃو. اُتي ڪهڙيون ڪهڙيون شيون آهن انجو احوال لکو.
- گيت گڏ ڪريو.
- الڳ الڳ لوڪ گيت حاصل ڪريو. انهن مان ڪو اسڪولُ جي ڪاريه ڪرم ۾ پيش ڪريو.

### ٢.٣ زباني ساڌن

رباعيوُن، لوڪ گيت، لوڪ ڪٿائوُن وغيره ساهتيه لکيل صوُرت ۾ حاصل نه ٿيا. اهي ڪنهن رچيا انجي ڄاڻ نٿي ملي. اهي هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ کي ملن ٿا. اهڙي ساهتيه کي زباني نمونئي سانديل ساهتيه چئجي ٿو. لوڪ گيت، لوڪ ڪلائوُن وغيره وغيره ساهتيه ان ۾ شامل آهن. اهڙن ساڌنن کي اتهاس جا زباني ساڌن چئجي ٿو.

## ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

- **اووي (دوهو)**

پاندوُرنگ پتا. رُوڪمڻي منهنجي ماتا.
آڪاڙ جي واري، پنڌلڪ ٿيو نيائي.

- **لوڪ گيت**

مهانگري اُڄني • (اُڄين)
ڏاڍو ديالو داني
هوندو هو راڄا
سُکي هئي پرڄا
تنهي لوڪن ۾ تنهنجي هُئي چرچا
ائين هو اُڄني جو 'اڪرم' راڄا • (وڪرمادتيه)

## ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

### پراچين ڀارت جي اتهاس - لکڻ جا ساڌن

**پوٽڪ ساڌن**

| شيون | جايون |
|---|---|
| غفائن جا چتر | غفائون |
| متيءَ جا برتن | گهر |
| متيءَ جا پُتلا | استوپ |
| مٺيا | غفائون |
| زيور، جواهر | مندر |
| پٿرن جو مورتون | چرچ |
| ڌاتوءَ جون شيون | مسجد |
| سڪا | ٽنيا |
| هٿيار | |

**لکيل ساڌن**

- هڙاپا لپيءَ جا ليکه
- ويدڪ ساهتيه
- ميسو پوٽيميا جا ليکه
- مهاڀارت، رامايڻ جا هٿ لکيل گرنٿ
- جين، ٻوڌي ساهتيه
- گريڪ اتهاسڪار ۽ مسافرن جا ليکه
- چيني مسافرن جا سفرناما
- وياڪرڻ جا ڪتاب، پُراڻ، اڪريل ليکه

**زباني ساڌن**

پراچين ڀارت جو زباني طريقي سانديل ويدڪ، ٻوڌي ۽ جين ساهتيه هاڻي لکيل صورت ۾ مؤجود آهي. هاڻي اهي لکيل صورت ۾ مؤجود هوُندي به اُهي ياد ڪرڻ جي رواج اڄ به شروع آهي.
زباني صوُرت واري ان ساهتيه جو اپيوگ جڏهن اتهاس لکڻ لاءِ ڪجي ٿو ته اُن کي زباني ساڌنن ۾ شامل ڪجي ٿو.

### ٢.۴ پراچين پارٽ جي اتهاس جا ساڌن

پٿر يگہ جي وقت کان عيسوي سن جي اٺين صديءَ تائين جو عرصو پارٽ جي اتهاس جو پراچين عرصو مڃيو وڃي ٿو. پارٽ جي پٿر يگہ جي ڄاڻ پراچين شين جي کوٽائيءَ مان ملي ٿي. ان وقت ۾ لپيءَ جو وڪاس نہ ٿيو هو. ع.س. کان اڳہ ١۵٠٠ کان پوءِ واري پراچين اتهاس جي ڄاڻ ويدڪ ساهتيہ مان ملي ٿي. شروعات ۾ ويد لکيل روپ ۾ نہ هئا. اُهي زباني ياد ڪرڻ جو طريقو پراچين پارتي ماڻهن ايجاد ڪيو هو. وقت گذرندي ويد لکيا ويا. ويدڪ ساهتيہ پراچين پارتي اتهاس جو هڪ اهميت پريو ساڌن آهي. ان ۾ براهمڻ گرنٿ، اپنشد، آرٽيڪ، رامائڻ، مهاڀارت، اهي مهاڪاويہ، جين ۽ ٻوڌي گرنٿ، ناٽڪ، ڪاويہ، شلا ليکہ، ٽنين جا ليکہ، پرڏيهي مسافرن جا سفرناما وغيره شامل آهن. ان کان سواءِ پراچين شين جي کوٽائيءَ ۾ مليل شيون، پراچين جايون، سڪا اهڙن انيڪ پوتڪ ساڌنن جي مدد اسان کي پراچين پارتي اتهاس جي معلومات ملي ٿي.

### ٢.۵ اتهاس لکڻ وقت گهربل خبرداري:

اتهاسڪ ساڌنن جو اپيوگہ ڪرڻ وقت خبرداري وٺڻ گهرجي. ڪو لکيل ثبوت صرف جهونو آهي انڪري اُهو وشواس جوڳو آهي، اهو ضروري نہ آهي. اهو مواد ڪنهن لکيو، ڇو لکيو، ڪڏهن لکيو اها جاچ ڪرڻي پوي ٿي. پروسي لائق ٿيل ساڌنن مان ڪڍيل نتيجا هڪ ٻئي سان پيٽي ڏسڻا پوندا آهن. اتهاس لکڻ وقت اهڙي جاچ پڙتال ضروري آهي.



**توهان ڇا ڪندا؟**

- توهانکي ڪو جهونو سڪو مليو؟
  - ڄاڻ وٽ رکندا.
  - مائٽن کي ڏيندا.
  - عجائب گهر ۾ جمع ڪرائيندا.



**اڀياس**

١. هڪ جملي ۾ جواب لکو.

(١) لکڻ لاءِ ڪهڙين شين جو استعمال ٿيندو هو؟

(٢) ويدڪ ساهتيہ مان ڪهڙي ڄاڻ ملي ٿي؟

(٣) زباني طريقي ڪهڙو ساهتيہ سانڍيو ويو آهي؟

٢. هيٺين ساڌنن کي پوتڪ، لکيل ۽ زباني ساڌنن ۾ ورهايو.

تامر پٽر، لوڪ ڪٿائون، مٽيءَ جا برتن، مٽيا سفرناما، رباعيون، شلا ليکہ، پوواڙا، ويدڪ ساهتيہ، استوپ، سڪا، پچن، پُراڻ.

| پوتڪ ساڌن | لکيل ساڌن | زباني ساڌن |
| --- | --- | --- |
| ----- | ----- | ----- |
| ----- | ----- | ----- |
| ----- | ----- | ----- |

٣. هن باب ۾ ڏنل مٽيءَ جا برتن ڏسو ۽ اُنهن جي شڪل ڪڍو.

۴. ڪنهن بہ سڪي کي ڄاڇي هيٺين ڳالهين بابت ڄاڻ لکو.

سڪي جو مواد، واپرايل ڌاتو، سال

----------- ---------- --------

سڪي جا نشان، سڪي جو چٽر، ٻولي

----------- ---------- --------

وزن -------، آڪار ----، قيمت -----

۵. ڪهڙيون ڳالهيون توهان کي زباني ياد آهن؟ انهن جا گروهہ ٺاهيو.

مثال : بيت، سلوڪ، پرارٿنا، ڪوڙا وغيره.

**مشغولي:**

پوتڪ، لکيل ساڌنن جا چٽر گڏ ڪريو ۽ اُنهن جو نمائُ رکو.

❖❖❖

# ٣ - هڙاپا سڀيتا


٣.١ هڙاپا سڀيتا

٣.٢ گهر ۽ نگر رچنا

٣.٣ مهرون - برتن

٣.۴ شاهي سنان گهر

٣.۵ لوڪ جيون

٣.٦ واپار

٣.٧ ناس ٿيڻ جا سبب




**ڪري ڏسو:**

ڀارت جي نقشي خاڪي ۾ هڙاپا سڀيتا جي هنڌن جا نالا لکو.

## ٣.١ هڙاپا سڀيتا

ع.س. ١٩٢١ ۾ پنجاب راڄيہ راوي نديءَ جي ڪناري تي هڙاپا ۾ ڀريان کوٽائي شروع ٿي، ان ڪري هن سڀيتا کي 'هڙاپا سڀيتا' نالو مليو. ان کي 'سنڌو سڀيتا' نالي بہ سُڃاتو وڃي ٿو.

هڙاپا جي ڏکڻ ۾ اٽڪل ٦٥٠ ڪ.م. مفاصلي تي سنڌوُ نديءَ جي ماٿريءَ ۾ موهن جو دڙو ۾ کوٽائي شروع ٿي. هڙاپا ۽ موهن جو دڙو جي کوٽائيءَ مان شين ۽ جاين جا جيڪي نشان مليا، انهن ۾ چڱي هڪجهڙائي هئي.

ڌولاويرا، لوٿل، ڪالي ٻنگن، دائماباد وغيره



هندن تي کوٽائيءَ مان بہ ساڳيا نشان مليا آهن.
عام طور هڙاپا سڀيتا جون خاصيتون هرهنڌ ساڳيون ئي آهن. نگر رچنا، رستا، گهرن جي بناوت، خراب پاڻيءَ جو نيڪال، مُهرون، برتن، رانديڪا،لاش کي پورڻ جو طريقو اهي مُکيہ آهن.

**ٻڌايو ڏسان !**

- توهان جي پسگردائيءَ / شهر ۾ گهرن جي بناوت ڪيئن آهي؟
- گهر ڪپڙن وارا، ڪُڏن وارا، لاهيءَ وارن چيرن جا آهن چا ؟

### ٣.٢ گهر ۽ نگر رچنا:

هڙاپا سڀيتا جي ماڻهن جا گهر ۽ ٻيون عمارتون پڪين سرن جون ٺهيل هيون. اڏاوت ۾ ڪٿي ڪٿي ڪچين سرن ۽ پٿرن جو استعمال پڻ ٿيل آهي. وچ ۾ چوٽڪ ۽ چوڌاري گهر اهڙي رچنا هئي. گهرن جي آڳند / اَڱڻ ۾ کوھ، سنان گهر، صحت خانا هوندا هئا. خراب پاڻيءَ جي نيڪال جو جوڳو بندوبست هئو. ان لاءِ مٽيءَ جي پڪل نيسارن جو اپيوگ ٿيندو هو. رستن جوُن نالين سرن جون ٻڌل هونديون هيوُن. اُهي ڍڪيل هوُنديون هيون. ان مان ظاهر آهي تہ هوُ عام صحت لاءِ ڪيترا جاڳرت هئا.



هڙاپا سڀيتا جا کوھ

**ٻڌايو ڏسان !**

- خراب پاڻي نيڪال ڪرڻ جوُن ناليون جيڪڏهن ڍڪيل نہ هوُنديون تہ صحت جا ڪهڙا مسئلا پيدا ٿيندا ؟

رستا ويڪرا ۽ هڪ ٻئي کي ڪوني ڪند تي ڪپيندڙ هئا. ان وسيلي نهندڙ چوُڪنڊن جاين ۾ گهر اڏيا ويندا هئا. نگر جا ٻہ يا وڌيڪ ڀاڱا ڪيل هوندا هئا. ۽ هرهڪ ڀاڱي کي قلعي بندي ڪيل هوُندي هئي.

**ڪري ڏسو**

هڪ پتاتو ڪٽو. اُهو وچ مان ڪپيو. ڪپيل اَڇي حصي تي ڪوڪي سان ڊزائين، اکر اُڪريو. اُهو مَسُ يا رنگہ ۾ ٻوڙيو ۽ اڇي ڪاغذ تي ٺپي وانگر لڳايو. چڪاس ڪريو.

### ٣.٣ مُهروُن - برتن

هڙاپا سڀيتا جون مهروُن مُکيہ طوُر چوُرس آڪار جوُن هيون ۽ اسٽئيٽائيٽ پٿر مان ٺاهيل هونديون هيون. مهرن تي الڳہ الڳہ جانورن جون شڪليون آهن. انهن ۾ ٻيل، مينهن، هاٿي، گينڊو، چيتي جهڙا اصلي جانور ۽ هڪ سڱہ وارو خيالي جانور ڏسڻ اچن ٿا. جانورن کان سواءِ انسان جوُن شڪليون بہ نظر اچن ٿيون. اهي مُهروُن ٺپا لڳائڻ لاءِ ڪم آڻبيون هيوُن.



مُهرون

### ڪري ڏسو

متيءَ جا برتن ڪيئن ٺاهيا آهن، اهو ڄاڻڻ لاءِ ڪنڀر سان مُلاقات ڪريو.

- متي ڪهڙي واپرائيندا آهن؟
- اُها ڪٿان آڻن ٿا ؟
- هڪ برتن ٺاهڻ لاءِ گهڻو وقت لڳندو آهي ؟

### چڪاس ڪريو

توهان جي شهر جي ترڻ جي تلاءَ ڏانهن وڃو. تلاءَ جو پاڻي نيڪال ڪرڻ ۽ ٻيو پاڻي ڀرڻ جي ترتيب چڪاس ڪريو.

جديد ترڻ جي تلاءَ ۽ هڙاپا واري وقت جي سنان گهر جي ڀيٽ ڪريو.

هڙاپا سڀيتا جي کوٽائيءَ مان الڳ الڳ قسمن ۽ آڪارن جا برتن مليا آهن. انهن ۾ ڳاڙهو رنگ لڳائي ڪاري رنگ سان نقاشي ٿيل برتن مليا آهن. نقاشيءَ ۾ مڇين جا چلر، هڪ ٻئي کي ڪپيندڙ گول، پپل جا پن، وغيره شڪليوُن ڪيندا هئا. هڙاپا سڀيتا جا ماڻهو لاش پوُرڻ وقت اُن سان گڏ متيءَ جا برتن به پوُريندا هئا.



برتن





### ٣.٤ شاهي سنان گهر

موهن جو دڙو وٽ هڪ وشال سنان گهر مليو آهي. ان سنان گهر جو سنان ڪُنڊ لڳ ڀڳ ٢.٥ ميٽر اونهو آهي. اُن جي ڊيگهه ١٢ ميٽر ۽ ويڪر ٧ ميٽر آهي. ڪُنڊ جو پاڻي زمين ۾ نہ سِمي وڃي ان ڪري اُهو پڪين سرن سان ٺاهيل هو. اُن ۾ لهڻ لاءِ ڏاڪڻون آهن. اُنجو پاڻي متائڻ جي بہ سهوليت هئي.



موهن جي دڙي وارو وشال سنان گهر

### پڙهيو ڏسان

- توهان جي شهر / پسگردائيءَ ۾ ٿيندڙ فصلن ميون جا نالا لکو.
- توهانجي شهر جا ماڻهوُ ڪهڙن قسمن جا ڪپڙا واپرائيندا آهن؟
- توهان کي زيورن جي ڪهڙن قسمن جي ڄاڻ آهي؟

## ٣.٥ ماڻهن جو جيون

هڙاپا سڀيتا جا ماڻهوُ کيتي ڪندا هئا. ڪاليبنگن ۾ کيڙيل کيت مليو آهي. اُهي ماڻهوُ الڳ الڳ فصل لُڻندا هئا. جن ۾ ڪڻڪ، جو مکيه فصل هئا. راجستان ۾ جَوَ ۽ گُجرات ۾ نانگليءَ جو فصل وڏي پئماني تي پوکيو ويندو هئو. انهن کان سواءِ مٽر، تر، مَسوُر وغيره فصل لُڻيا ويندا هئا. ڪين ڪپهه جي به ڄاڻ هئي.

کوٽائيءَ ۾ مليل پُتلن، مُهرن جي چترن ۽ ڪپڙن جي مليل نشانن مان چئي سگهجي ٿو ته هوُ ڪپڙو اُڻندا هئا. استري - پرشن جا پوشاڪ گوڏن تائين هوندي هئي ۽ کهلي تي انگوڇو رکندا هئا.

کوٽائيءَ ۾ الڳ الڳ قسمن جا زيور مليا آهن. زيور سون، ٽامي، هيرا- جواهر ۽ سپن، ٻجن ۽ ڪوڏين جا هئا. انيڪ تهن واري مالها، منديوُن، بازوبند، ڪمر بند، وغيره زيور استريون پائينديون هيون. استريوُن ڦُوٽ تائين ڪنگڻون پائينديوُن هيون.



هڙاپا سڀيتا جا زيور

هڙاپا سمي جي بهترين ڪلا جو هڪ نموُنو آهي اُتي مليل خاص پتلو. پتلي جي منهن جو هرهڪ تفصيل چٽو آهي، هنجي ڪُلهي تي پيل شال ۽ اُنجي ڊزائين به سُهڻي نموُني ڏيکاريل آهي.



هڙاپا سمي جو ڪلا جو نموُنو

**ڪري ڏسو.**

توهانجي ويجهي واري ڪرياني جي دوڪان تي وڃو. دوڪاندار، دُڪان جو مال ڪٿان آڻيندو آهي انجي ڄاڻ وٺو. سامان جي ياداشت ناهيو.

## ٣.٦ واپار

هڙاپا سڀيتا جا ماڻهوُ ڀارت ۾ ۽ ڀارت کان ٻاهر به واپار ڪندا هئا. سندوُ ماتريءَ ۾ سُٺي قسم جي ڪپهه ٿيندي هئي. اُنجي اولهه ايشيا، ڏکڻ يورپ ۽ ايجپٽ ديشن ڏانهن روانگي ٿيندي هئي. سوٽي ڪپڙو به روانگي ڪيو ويندو هئو. ايجپٽ ڏانهن ململ جو ڪپڙو هڙاپا سڀيتا جا ماڻهو موڪليندا هئا. ڪشمير، ڏکڻ ڀارت، ايران، افغانستان، بلوُچستان مان چاندي، جست، قيمتي پٿر، ماڻڪ ديودار لڪڙي وغيره شيون آنديوُن وينديون هيوُن پرڏيهي واپار خشڪي ۽ درياهي ٻنهي رستن وسيلي ٿيندو هو. کوٽائيءَ ۾ مليل ڪجهه مُهرن تي جهازن جا چتر اُڪريل آهن، لوٿل وٽ تمام وڏو دڪو لڌو ويو آهي. هڙاپا سڀيتا جو واپار عربي سمنڊ جي ڪناري کان هلندو هو.



لوٿل وارو دڪو (نشانن وسيلي وري ٺاهيل)

## ٣.٧ ناس ٿيڻ جا سبب

وري وري ايندڙ ٻوڏون، ٻاهرين جي حملن، واپاري ۾ ڪمي وغيره سببن ڪري هڙاپا سڀيتا ناس ٿي، ڳڌوڳڌ برسات گهٽ پوڻ، ندين سُڪڻ، زلزلا، ساموندي پاڻيءَ جي سنوت ۾ بدلاون سبب ﺑـ ڪُجهه هنڌ اُجڙ ٿي ويا. انهن سببن ڪري اُتان جي ماڻهن وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ڪئي ۽ هڙاپا سڀيتا جي شهرن جو ناس ٿيو.

هڙاپا سڀيتا اڄ تي رسيل پري ٻاڳي شهري سڀيتا هئي، اُن ڀارتيہ سڀيتا جو پايو وڌو.

### اڀياس

١. **هڪ جُملي ۾ جواب لکو.**

(١) ان سڀيتا کي هڙاپا نالو ڪيئن پيو؟

(٢) هڙاپا سڀيتا جي برتنن تي ڪيل نقاشيءَ ۾ ڪهڙا چتر نکتل آهن؟

(٣) هڙاپا سڀيتا جا واپاري ايجپٽ ڏانهن ڪهڙو ڪپڙو روانگي ڪندا هئا؟

٢. **پراچين استان گهمڻ وقت ڇا ڪندا؟**

جيئن- استانن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ، پردوشڻ روڪڻ، اتهاسڪ ساڌنن جي سنڀال وغيره.

٣. **موهن جي دڙي جي وشال سنان گهر جي شڪل ڪڍو.**

٤. **هڙاپا جي ماڻهن جي جيونيءَ بابت هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.**

| | مکيہ فصل | ڪپڙا | زيور |
|---|---|---|---|
| (١) | ---- | ---- | ---- |
| (٢) | ---- | ---- | ---- |
| (٣) | ---- | ---- | ---- |
| (٤) | ---- | ---- | ---- |

٥. **’هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو‘ اهڙا سوال توهان پاڻ ٺاهيو ۽ اُنهن جا جواب لکو.**

مثال- هڙاپا سڀيتا ۾ مهروُن ٺاهڻ لاءِ لڳندڙ پٿر.

٦. **هڙاپا سڀيتا جي سمي واريون ٻيون سڀيتائون دُنيا جي خاڪي نقشي ۾ ڏيکاريو.**

**مشغوُلي**

(١) توهانجي اسڪوُل جو نقشو ٺاهيو ۽ اِسڪوُل جا الڳ الڳ ڀاڱا ڏيکاريو جيئن، لئبرري، ميدان، ڪمپيوٽر روُم وغيره.

(٢) توهانجي شهر ۽ گهر جي اناج سانڍڻ جي طريقي تي احوال لکو.



هڙاپا سمي جا رانديڪا

# ۴- ويدڪ سپيتا

۴.۱ ويدڪ ساهتيه
۴.۲ ڪٽنب سرشتو، روزاني زندگي
۴.۳ کيتي، جانور پالڻ، مالي ۽ سماجڪ زندگي
۴.۴ ڌرمي ويچار
۴.۵ راڄ ڪاروبار

### ۴.۱ ويدڪ ساهتيه

’ويد‘ ساهتيه تي آڌارت سپيتا معنيٰ ويدڪ سپيتا. ’ويد‘ اسانجو سڀ کان پراچين ساهتيه مڃيو ويندو آهي. ويدن جي رچنا انيڪ رشين ڪئي. ويدن جي ڪجهه سلوڪن ۾ استرين جي تعريف ڪيل آهي.

ويدڪ ساهتيه سنسڪرت ڀاشا ۾ لکيو ويو. اهو تمام عُمدو آهي. ان ۾ رگ ويد، مُول گرنٿ مڃيو ويندو آهي. اهو ڪاويه روپ ۾ آهي. رگ ويد ملائي يجر ويد، سام ويد، اٿرو ويد اهڙا چار ويد آهن. انهن چئن ويدڪ گرنٿن کي ’سنهتا‘ چئجي ٿو. ’وِد‘ معنيٰ ڄاڻڻ، ان مان ’ويد‘ لفظ نهيو آهي. جنهنجو مطلب آهي ’گيان‘. زباني ياد ڪري ويدن جو جتن ڪيو ويو. ويدن کي ’شرُتي‘ پڻ چوندا آهن.

**رگ ويد سَنهِتا:** رچائن سان ٺهيل ويد يعني رگ ويد، ’رِچا‘ معنيٰ تعريف ڪرڻ لاءِ رچيل پد. انيڪ رچائون گڏي ديوتا جي استتي ڪرڻ لاءِ ناهيل ڪاويه کي ’سوڪت‘ (سلوڪ) چوندا آهن. رگ ويد سنهِتا ۾ انيڪ ديوتائن جي اُستتي ڪندڙ سلوڪ آهن.

**يجرويد سَنهتا :** يجرويد سنهتا ۾ يگيه وقت اچارجندڙ منتر آهن. يگيه ۾ ڪهڙي منتر کي ڪڏهن ۽ ڪيئن پڙهجي ان بابت ڄاڻ يجرويد ۾ ڏنل آهي. منتر پڊن ۾ انجو مطلب نثر روپ ۾ ڏنل آهي.



**چا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

ڪُجهه سلوڪن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ:
- ”هي ايشور، خوب برسات وسائي. اسانجي کيتن ۾ ڀرپور فصل ٿئي. اسانجي ٻارن کي کير- مکڻ ڏي.“
- ”گائيون اسان جي گهر اچن. اُهي اسان جي وٿاڻ ۾ خوشيءَ سان رهن. هُنن کي گهڻيئي گابڙا ٿين.“
- ”اُٿو ڀرڀات ٿيڻ سان اوندهه مٽي ويئي آهي ۽ روشني ٿي رهي آهي. ڀرڀات سان گڏ سڄو جڳ جاڳيو آهي. اسان پنهنجا ڪم ڪري ڌن ڪمايون.“

**سام ويد سَنهتا :** ڪُجهه يگيه ڪرڻ وقت منتر سُرتال ۾ ڳايا ويندا هئا. اُهي ڪيئن ڳائجن ان بابت سام ويد ۾ ڄاڻ ڏنل آهي. ڀارتي سنگيت جي رچنا ۾ سام ويدجو وڏو يوگدان آهي.

**اٿر ويد سنهتا :** اٿرو رشيءَ جو نالو هن ويد کي ڏنو ويو آهي. اٿرو ويد ۾ روزاني زندگيءَ جي ڳالهين کي اهميت ڏنل آهي. زندگيءَ ۾ ايندڙ سنڪٽن، مسئلن جا اُپاءُ ان ۾ ٻڌايل آهن. انيڪ جڙي ٻوٽين جي به ڄاڻ ان ۾ ٻڌايل آهي، راڄا راڄ ڪاروبار ڪيئن هلائي. انجي ڄاڻ به ڏنل آهي.

سنهتائن جي رچنا کان پوءِ براهمڻ گرنٿ، آرڻيڪ، اُپنشد انهن جي رچنا ٿي، اهي به ويد ساهتيه ۾ شامل ڪيا ويندا آهن.

**براهمڻ گرنٿ :** براهمڻ گرنٿن ۾ ٻڌايل آهي

تہ ويدن جو يگيہ لاءِ اپيوگ ڪيئن ڪجي. هرهڪ ويد جو الڳہ براهمڻ گرنٿ آهي.

**آرڻيڪ :** آرڻيہ (جهنگل) ۾ وڃي ايڪانت ۾ ڪيل چنتن بابت 'آرڻيڪ' گرنٿن ۾ ٻڌايل آهي. يگيہ ڪرڻ وقت ڪا غلطي نہ ٿئي ان بابت آرڻيڪ ۾ ٻڌايل آهي.

**اُپ نشد :** 'اُپ نشد' مطلب گروءَ وٽ ويهي حاصل ڪيل گيان. جنم - موت بابت ڪيترائي سوال اسانجي من ۾ ايندا آهن. انهن سوالن جا جواب سولا نہ آهن. انهن ڳُوڙهن سوالن تي اُپ نشدن ۾ چرچا ڪيل آهي.

چار ويد، براهمڻ گرنٿ، آرڻيڪ ۽ اپنشدن جي رچنا ۾ لڳ ڀڳ ۱۵۰۰ سالن جو عرصو گذري ويو. ان عرصي ۾ ويدڪ سڀيتا ۾ ڪيترائي بدلاوَ آيا. انهن بدلاون ۽ لوڪ جيون جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ويدڪ ساهتيہ ضروري ساڌن آهي.

## ۴.۲ ڪٽنب سرشتو، روزاني زندگي

ويدڪ سمي ۾ گڏيل ڪٽنب سرشتو هو. ڪٽنب جو ڪمائيندڙ پرش، گهر جو وڏو 'گرهہ پتي' هوندو هو. گهر پتيءَ جي ڪٽنب ۾ ماتا پتا، ڀائر، سندن گهر وارا، سندن پٽن جا ڪٽنب وغيره سڀ شامل هئا. ڪٽنب سرشتو پرش پرڌان هو. شروعاتي وقت ۾ لوپا مُدرا، گارگي، ميترئي وغيره ڪن ودوان استرين جو ذڪر ويد ساهتيہ ۾ آيل آهي پر پوءِ استرين تي بندش وڌندا ويا. سماج ۾ ڪٽنب ۾ سندن درجو گهٽجندو ويو.

ويدڪ زماني ۾ گهر مٽيءَ يا ڪاٺ جا ٺهيل هوندا هئا. ڪاهہ ٻڌي اُن مٿان چيٽي ۽ مٽيءَ جو ليپو پائي ڇتيون ٺاهيندا هئا. زمين تي بہ ليپو پائيندا آهن. گهر کي 'گرهہ' يا 'شالا' چوندا هئا.

ويدڪ زماني ۾ ماڻهن جو کاڌو مُکيہ طور ڪڻڪ، جَوَ ۽ چانور هوندو هو. انهن اناج مان هوُ الڳہ الڳہ



ويدڪ زماني جا گهر

پدارٿ ٺاهيندا هئا. جون کي يَوَ، ڪڻڪ کي گوڌُوم، چانور کي وريهي چوندا هئا. کير، ڏهي، مکڻ، گيهہ ۽ ماکي سندن وڻندڙ شيوُن هيون هو مانهہ، مسوُر، تر ۽ ماس بہ کائيندا هئا.

ويدڪ زماني جا ماڻهوءَ اوُني ۽ سوتي ڪپڙا پائيندا هئا. وڻن جي چوڏن مان ٺهيل ڪپڙا بہ پائيندا هئا. جانورن جي چمڙي کي ڪپڙن طور بہ واپرائيندا هئا. استري پرش گلن جا هارَ، مٽين جون مالهائوُن، سون جو زيور پائيندا هئا. 'نِشڪ' نالي گلي ۾ پائيندڙ زيور ڪين وٽندو هو. انجو اپيوگ شين جي خريدي وڪري ۾ بہ ٿيندو هو.

ڳائڻ، وڄائڻ، ناچ، ناٽڪ رٿن جي ڊوڙ ۽ شڪار ڪرڻ سندن وندر جا وسيلا هئا. ويڻا، جهانجهہ، شنک ۽ ڍولڪي ۽ ڊمروُ سندن مکيہ ساز هئا.



ويدڪ زماني جا ساز

## ۴.۳ کيتي، جانور پالڻ، مالي ۽ سماجڪ جيون

ويدڪ زماني ۾ کيتي ڪرڻ مکيه ڌنڌو هو. گهڻن ٻيلن واري هر سان زمين کيڙبي هئي. هر ۾ لوهه جو ڦر لڳايو ويندو هو. اترو ويد ۾ فصل کي لڳندڙ جيت، فصُل ناس ڪندڙ ساهوارا ۽ اُنتي اُپاءَ بابت ٻڌايل آهي. پاڻ لاءِ ڇيٽي جو استعمال ڪندا هئا.

ويدڪ زماني ۾ گهوڙو، ڳاءِ - ٻيل ۽ ڪتو انهن جانورن کي خاص اهميت هئي. ڳاءِ جو متا ستا لاءِ اپيوگ ٿيندو هو. ان ڪري ڳاءِ کي خاص مُلهه هو. ڪوئي ڳاءِ نه چورائي وڃي ان لاءِ خاص سنڀال ڪئي ويندي هئي. گهوڙي کي پالتو بڻائي رٿ کي جوڙڻ ۾ ويدڪ زماني جا ماڻهوُ ماهر هئا. اُن زماني ۾ رٿ جا ڦيٿا آرن وارا هئا. پريل ڦيٿن کان آرن وارا ڦيٿا هلڪا ٿيندا هئا. تنهن ڪري اُهي رٿ تيز رفتار وارا هئا.



ويدڪ زماني جو رٿ

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

گهوڙي کي انگريزيءَ ۾ ’هارس‘ چوندا آهن. ڪنهن اِنجڻ جي رفتار ماپڻ لاءِ جيڪو ايڪو واپرائيندا آهن اُنکي ’هارس پاور‘ چوندا آهن.



اُن وقت ۾ کيتي ۽ جانور پالڻ کان سواءِ ٻين ڌنڌن جو به وڪاس ٿيو هو. واپاري، ڪاريگر سماجڪ سرشتي جاءِ اهميت پريا جُزا هئا. ’شريڻي‘ نالي سان سندن الڳ سنگهه هو. شريڻيءَ جي وڏي کي ’شريشٺي‘ چوندا هئا. پر ڌيري ڌيري ڪاريگرن جو درجو گهٽجندو ويو.

اُن زماني ۾ سماج ۾ براهمڻ، ڪتري ويشيه ۽ شوُدر اهي ورڻ (طبقا) هئا. اهي ورڻ ڌنڌن موجب طيءِ ٿيندا هئا. پوءِ واري وقت ۾ ورڻ جنم موجب ليکجڻ لڳو ان سان جاتيوُن ٺهيوُن. جاتي سرشتي سبب سماج ۾ اوُچ - نيچ پيدا ٿي.

آدرشي جيون ڪيئن جيئجي ويدڪ زماني ۾ ان بابت ڪجهه ويچار پختا ٿي ويا هئا. ان ۾ جنم کان موُت تائين چئن ڏاڪن کي چار ’آشرم‘ چوندا هئا. پهريون آشرم هو ’برهمچريه آشرم‘. گروُ وٽ رهي وديا حاصل ڪرڻ جو اهو وقت هو. برهمچريه آشرم ڪاميابيءَ سان پورو ڪرڻ بعد ٻيو ڏاڪو هو ’’گرهست آشرم‘‘. ان آشرم ۾ پُرش کي پنهنجي پتنيءَ سان گڏجي ڪٽنب ۽ سماج ڏانهن پنهنجي فرض نڀاهڻا پوندا هئا. ٽيون آشرم هو ’وان پرست آشرم‘.



گروُ- شِش

ان ڏاڪي ۾ انسان کي گهر جو موھ ڇڏي ڪنھن اڪيلائيءَ واري هنڌ رهي سادي نموني زندگي جيئڻي پوندي هئي. چوٿون آشرم هو ’سنياس آشرم‘. هن ڏاڪي ۾ انسان کي سڀ رشتا ناتا ڇڏي انساني جنم جو مطلب سمجهڻ لاءِ جيئڻ ۽ هڪ جڳهه تي نه رهڻ اهو اُميد هئي.

### ۴.۴ ڌرمي ويچار

ويدڪ زماني ۾ سج، هوا، برسات، بجلي، نديوُن وغيره قُدرتي شڪتين کي ديوتا مڃيندا هئا. اهي جيون آباد ڪندڙ تين ان لاءِ ويدن ۾ سندن پرارٿنا ڪيل آهي. انهن شڪتين کي خوش ڪرڻ لاءِ ماڻهوُ باهه ۾ الڳ الڳ شيون ارپڻ ڪندا هئا. ان کي ’هوي‘ چوندا هئا. باهه ۾ ’هوي‘ ارپڻ ڪرڻ يعني يڳيه. شروعات ۾ يڳيه ڪريا سؤلي هوندي هئي.



يڳيه

پوءِ اُنجا نيم ڏکيا ٿيندا ويا. اهي ڏکيون يڳيه ڪريائوُن ڪرائيندڙ پنڊتن جي اهميت وڌندي ويئي. ويدڪ زماني جي ماڻهن قدرتي وهنوار بابت به ويچار رکيا هئا. اونهاري کان پوءِ چؤماسو ايندو آهي ۽ چؤماسي کان پوءِ سيارو. اهو نيمائتو قدرتي چڪر آهي. قدرتي چڪر ۽ ان موجب هلندي جيون چڪر کي ويدڪ زماني جي ماڻهن، رِت نالو ڏنو هو. ساهوارن جي زندگي به قدرتي چڪر جو ئي حصو آهي. قدرتي چڪر ۾ رُڪاوٽون اچڻ سان مصيبتوُن ايندوُن آهي. ائين نه ٿئي ان لاءِ هرڪنهن کي خبرداري وٺڻ گهرجي. ڪوبه قدرت جا نيم نه ٽوڙي. اهڙي هلت کي ڌرمي هلت چئبو آهي.

**اچو ڳالهه - ٻولهه ڪريوُن.**

قدرتي چڪر ۾ رُڪاوٽون ڪيئن اچي سگهن ٿيون؟ رُڪاوٽون نه اچن ان لاءِ توهان ڇا ڪندا؟ مثال- برسات گهٽ پيئي ته پيئڻ جي پاڻيءَ جو بندوبست ڪيئن ڪندا؟

### ۴.۵ راڄ ڪاروباري سرشتو:

ويدڪ زماني ۾ هرهڪ ڳوٺ جو هڪ پرمُک هوندو هو. هُنکي ’گرامڻي‘ چوندا هئا. انيڪ ڳوٺن جي ميڙ کي ’وِش‘ چوندا هئا. اُن جي پرمک کي وشپتي چوندا هئا. انيڪ وِش گڏجي ’جن‘ ٺهندا هئا. ’جن‘ جڏهن ڪنهن خاص ايراضيءَ ۾ ٺائيڪا ٿيندا هئا ته اُنکي ’جنپد‘ چوندا هئا. ’جن‘ جي پرمُک کي ’نرِپ‘ يا ’راجا‘ چوندا هئا. پرجا جي رکيا ڪرڻ، ڍل گڏ ڪرڻ ۽ سُنو ڪاروبار هلائڻ اهي راجا جا فرض هوُندا هئا.

راڄ ڪاروبار سُني نموني هلائڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ راجا اڌڪاري مقرر ڪندو هو. پنڊت ۽ سيناپتي مُکيه اڌڪاري هئا. ڍل اوڳاڙيندڙ اڌڪاريءَ کي ’ڀاڳ دگهه‘ چوندا هئا. ’ڀاڳ‘ معني حصو. ’جن‘ جي ڪمائيءَ مان راجا جو ’ڀاڳ‘ جمع ڪندڙ معني

’ياڳہ دگهہ‘ راجا کي صلاح ڏيڻ لاءِ ’سڀا‘، ’سمتي‘، ’ودت‘ ۽ ’جن‘ اهي چار سنستائون هيوُن. اِنهن ۾ راجيہ جا ماڻهوُ شامل هوندا هئا. ’سڀا‘ ۽ ’ودت‘ جي ڪم ڪار ۾ استريوُن بہ ڀرو وٺنديون هيوُن. راجيہ جي وڏن ماڻهن جي منڊل کي ’سڀا‘ ۽ ماڻهن جي عام بيٺڪ کي ’سمتي‘ چوندا هئا. سمتيءَ ۾ ماڻهو حصو وٺندا هئا. اڳتي ويدڪ ويچارڌارا ۾ ’سمرتي‘ ۽ ’پُراڻ‘ ساهتيہ نرماڻ ٿيا. ويد، سمرتي، پُراڻ، مڪاني ماڻهن جي مڃتائن تي آڌارت ڌرمي ويچارڌارا وقت گذرندي ’هندوُ‘ نالي سان سُڃاتي ويئي.

پراچين ڀارت ۾ يگيہ ڪرڻ ۽ ورڻ سرشتي بابت ويدڪ ويچارڌارا کان الڳہ راءِ رکڻ وارا ڌارمڪ ويچار بہ هئا. اهو اسان ايندڙ باب ۾ ڏسندا سين.

## پياس

### ١. باب جي آڌار تي جواب لکو.

(١) ويدڪ ساهتيہ جون ودوان استريوُن.

-----------------------------

(٢) ويدڪ زماني ۾ وندر جا وسيلا

-----------------------------

(٣) ويدڪ زماني جا چار آشرم

-----------------------------

### ٢. جُملا صحيح آهن يا غلط سُڃاڻو.

(١) يگيہ وقت چيا ويندڙ منتر - رگ ويد

(٢) اٿرو رِشيءَ جو نالو ڏنل ويد - اٿرو ويد

(٣) يگيہ وقت منترن ڳائڻ بابت رهبري ڪندڙ ويد- سام ويد

### ٣. هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(١) ويدڪ ساهتيہ جي ڀاشا ---------

(٢) وِد معنيٰ ---------

(٣) گوڌوم مطلب -------

(٤) گهر جو مُکيہ --------------

(٥) شريڻيءَ جو مُکيہ ---------

### ٤. نالا لکو:

(١) توهان کي ڄاڻ هوندڙ ساز

-----------------------------

(٢) هاڻوڪي وقت جا استرين جا بہ زيور

-----------------------------

(٣) وندر جا هاڻوڪا وسيلا

-----------------------------

### ٥. ٿوري ۾ جواب لکو:

(١) ويدڪ زماني جا ماڻهو ڪهڙا پدارٿ کائيندا هئا؟

(٢) ويدڪ سمي ۾ ’ڳانءِ‘ جي خاص سنڀال ڇو ڪندا هئا؟

(٣) سنياس آشرم ۾ ماڻهوءَ کي ڪيئن رهڻو پوندو هئو؟

### ٥. نوٽ لکو:

(١) ويد زماني جا ڌرمي ويچار

(٢) ويدڪ زماني جا گهر

(٣) ويدڪ زماني جو راڄ ڪاروبار

### مشغوُلي:

(١) توهانجي پسگردائيءَ جي ڪن ڪاريگرن سان مُلاقات ڪري سندن ڄاڻ لکو:

(٢) باب جي نون لفظن ۽ اُنهن جي معنيٰ جي ياداشت ناهيو.

✠✠✠

MB51V7

# ٥ - پراچين ڀارت جوُن ڌرمي ڌارائون

٥.١ جين ڌرم
٥.٢ ٻوڌي ڌرم
٥.٣ يهوُدي ڌرم
٥.٤ عيسائي ڌرم
٥.٥ اسلام ڌرم
٥.٦ پارسي ڌرم

ويدڪ زماني جي آخر ۾ يگيه جي ننڍين ننڍين ڳالهين کي بـ حد کان وڌيڪ اهميت ملڻ لڳي. انهن ڳالهين جو گيان فقط پنڊتن کي هو. ٻين کي اهو گيان حاصل ڪرڻ جي منظوري نـ هئي. ورڻ سرشتي جا ٻنڌڻ سخت ٿيڻ لڳا. انسان جي لياقت کان، هنجي جنم موجب سماج ۾ سندس اسٿان طئہ ٿيڻ لڳو. ان ڪري اپنشدن جي وقت کان ڌرم فقط يگين تائين محدود نـ رکي اُنجو دائرو وڌيڪ ڪُشادو ڪرڻ جوُن ڪوششون ڪيون ويون. اُپنشدن ۾ آتما جي وجود ۽ اُنجي روپ تي وڌيڪ زور ڏنل هو. اهو عام ماڻهن لاءِ سمجهڻ ڏکيو هو. ان ڪري ڪنهن خاص ديوتا جي اُپاسنا تي زور ڏيندڙ پيڱتي پنت ٺهيا. مثال، شِو پيڱتن جو شيو پنٿ، وشڻو پيڱتن جو ويشڻو پنٿ. انهن ديوتائن جا الڳہ الڳہ پُراڻ لکيا ويا.

عيسوي سنہ کان اڳہ ڇهين صديءَ ۾ اهڙيون ويچار ڌارائون ٺهيون جن عام ماڻهن کي سؤلائيءَ سان سمجهہ ۾ اچڻ جهڙا ڌرمي ويچار اڳيان رکڻ جي ڪوشش ڪئي، انيڪ ماڻهن کي سمجهہ ۾ آيو تـ هرڪنهن کي پنهنجي ترقيءَ لاءِ سوچڻ جي آزادي آهي، ان مان نوان ڌرم وجود ۾ آيا. ماڻهوءَ جي ترقيءَ لاءِ جات پات جو ڀيد ڀاو ضرورُي نـ آهي، اهو انهن ڌرمن زور ڏيئي چيو. انهن سُني وهنوار جي اهميت ماڻهن کي سمجهائي. نون ويچارن جي پايي وجهندڙن ۾ ورڌمان مهاوير ۽ گوُتم ٻڌ جو ڪاريہ خاص اهميت پريو آهي.

## ٥.١ جين ڌرم

جين ڌرم ڀارت جي پراچين ڌرمن مان هڪ



ورڌمان مهاوير

آهي. ان ڌرم ۾ ’اهنسا‘ جي متي کي خاص اهميت آهي. ڌرمي گيان ڏيندڙن کي جين ڌرم ۾ ’تيرٿنڪر‘ چوندا آهن. جين پرمپرا موجب ڪل ٢٤ تيرٿنڪر ٿي گذريا آهن. ورڌمان مهاوير جين ڌرم جو چوويهون تير ٿنڪر هو.

### ورڌمان مهاوير (ع.س. کان ٥٩٩ کان ع.س. کان اڳہ ٥٢٧)

اڄ جي بهار راجيہ ۾ پراچين زماني ۾ وِرجي نالي هڪ مهاجنپد هو. اُتان جي راڄڌاني هئي وئشالي شهر. وئشالي شهر جي ڀرسان ڪنڊ گرام ۾ ورڌمان مهاوير جو جنم ٿيو. سندن پتا جو نالو سِڌارٿ ۽ ماتا جو نالو ترشلا هو.

ورڌمان مهاوير گيان حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٽنب پريوار جو تياڳہ ڪيو. ساڍا ٻارهان سال تپسيا ڪرڻ کان پوءِ کين گيان پراپت ٿيو. اهو گيان ’ڪيول‘ معنيٰ نِج روُپ جو هئو، تنهن ڪري کين ’ڪيولي‘ چيو ويو. شرير کي سُکہ پهچائيندڙ ڳالهين مان ملندڙ آنند ۽ تڪليف ڏيندڙ ڳالهين مان ٿيندڙ پيڙا، انهن جو پاڻ تي ڪوبہ اثر نہ ٿيڻ ڏيڻ معنيٰ وِڪارن کي جيتڻ. اهڙي جيت هُن حاصل ڪئي هئي تنهن ڪري کين ’جِن‘ يعني ’جيتڻ وارو‘

چيو ويو. جن لفظ مان جين لفظ ٺهيو آهي. ورڌمان کي وڪارن تي جيت حاصل ڪندڙ مهان وير يعني مهاوير چيو ويندو آهي. گيان پراپتيءَ کان پوءِ ماڻهن کي ڌرم سمجهائڻ لاءِ هنن ٽيهه سال اُپديش ڏنا. ماڻهن کي ڌرم سؤلائيءَ سان سمجهه ۾ اچي ان لاءِ هن 'ارڌما گڌي' ٻوليءَ ۾ اپديش ڏنا. اهو ڌرم شُڌ وهنوار تي زور ڏيندڙ هو. شڌ وهنوار جي هُنجي ٻڌايل رستي جو تت پنچ مها ورت ۽ ٽي رتن گرنٿن ۾ سمايل آهي. ماڻهن کي اُپديش ڏيڻ لاءِ تيرٿنڪرن جون جيڪي سڀاڻون ٿينديون هيون تن کي ارڌماگڌي ٻوليءَ ۾ 'سَمِ وَسرڻ' چوندا هئا. انهن سڀائن ۾ برابري هونڌي هئي. 'سم وسرڻ ۾ سڀني ورڻن جا ماڻهو شامل ٿي سگهندا هئا.

**پنچ مهاورت :** پنچ مهاورت معنيٰ ڪنورتا سان پالڻ وارا پنچ نيم.

**١. اَهنسا :** ڪنهن به جيو کي نقصان پهچي يا سندس جان وڃي اهڙي هلت نه هلڻ.

**٢. ستيه :** هرهڪ لفظ ۽ ڪم سچو هجي.

**٣. اَستييه :** 'ستييه' معنيٰ چوري. ٻئي جي شيءِ سندس منظوريءَ کان سواءِ کڻڻ معنيٰ چوري ڪرڻ. چوري نه ڪرڻ معنيٰ استييه.

**۴. اَپريگرهه:** ماڻهو لوڀ ڪري ملڪيت گڏ ڪندا آهن. ائين نه ڪرڻ معنيٰ اپريگرهه.

**۵. برهمچريه:** شرير کي سُک ڏيندڙ ڳالهين کي ڇڏي ورتن جو پالن ڪرڻ معنيٰ برهمچريه.

**تري رتن :** تري رتن مطلب

١. سَميڪ درشن ٢. سَميڪ گيان ٣. سميڪ چرتر اهي ٽي متا. سَميڪ جي معنيٰ آهي برابر.

**١. سَميڪ درشن :** تيرٿنڪرن جي اُپديش جو سچ سمجهي اُنتي وشواس رکڻ.

**٢. سميڪ گيان :** تيرٿنڪر جي اُپديش ۽ فيلسوفيءَ جو ابياس ڪري اُنجو صحيح مطلب سمجهڻ.

**٣. سميڪ چريتر:** پنجن مهاورتن جو سخت پالڻ ڪرڻ.

**اُپديش جو تت :** مهاوير جي اُپديشن مان 'اَنيڪانتواد' سِڌانت سچ جي کوج لاءِ بيحد ضروري آهي. 'اَنيڪانت' لفظ جي 'انت' لفظ جي معنيٰ آهي 'پاسو'. سچ جي کوج ڪرڻ وقت وشيه جي هڪ - ٻن پاسن جي کوج ڪرڻ وقت وشيه جي هڪ - ٻن پاسن تي ڌيان ڏيئي نتيجو ڪڍڻ سان سچ نٿو نظر اَچي. ان ڪري اُن وشيه جي سڀني پاسن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، اهو ان سڌانت ۾ مڃيل آهي. ان سڌانت سبب سماج ۾ ماڻهو پنهنجن ويچارن تي هٺ نٿو ڪري. ٻين جي ويچارن لاءِ به آدر پيدا ٿئي ٿو.

ورڌمان مهاوير جي سکيا هئي ته ماڻهوءَ جو وڏپڻو هنجي ورڻ تي نه پر هنجي اُتم چريتر تي مدار رکي ٿو. استرين لاءِ گيان حاصل ڪرڻ جا رستا ويدڪ زماني ۾ ڏيري ڏيري بند ٿي ويا. پر ورڌمان مهاوير استرين کي به سنياس وٺڻ جو حق ڏنو. سڀني ساهوارن تي پريم ڪريو، من ۾ ٻين لاءِ ديا ۽ همدردي رکو، جيئو ۽ جيئڻ ڏيو اهڙو اُپديش هن ڏنو.

### ۵.٢: ٻڌ ڌرم

ٻڌ ڌرم جي پرسار ڀارت ۽ ڀارت کان ٻاهر انيڪ ديشن ۾ ٿيو. گوتم ٻڌ ٻڌ ڌرم جو پايو وڌو هو.

#### گوتم ٻڌ (ع.س. کان اڳ ٥٦٣-۴٨٣)

گوتم ٻڌ جو جنم نيپال جي لُنبني بَن ۾ ٿيو. سندن پتا جو نالو شُڌو دن ۽ ماتا جو نالو مايا ديوي هو. گوتم ٻڌ جو اصلي نالو سِڌارٿ هو. ڪين انساني جيون جو پورڻ گيان حاصل ٿيو هو، ان ڪري هُنن کي 'ٻُڌ' چوندا هئا. هُن کي سوال پيو ته ماڻهوءَ کي جيون ۾ ڏُک ڇو آهي؟ انجو جواب حاصل ڪرڻ



گوَتم ٻُڌ.

لاءِ هُن ڪٽنب پريوار ڇڏي ڏنو. هڪ ويساکي پورڻما تي بهار جي گيا شهر ويجهو اُروُ ويلا ۾ هوُ هڪ پپل جي وڻ هيٺان ڌيان لڳائي ويٺا هئا. تڏهن کين بوڌي پراپت ٿي.

’بوڌي مطلب مهان گيان‘ اُن پپل جي وڻ کي ’بوڌي وڻ‘ چوندا آهن ۽ اُروُ ويلا کي هاڻي بوڌ گيا چوندا آهن.



بوڌي وڻ.

گوَتم ٻُڌ پهريون پروچن واراڻسيءَ ويجهو سارناٿ ۾ ڏنو. ان پروچن ۾ هن جيڪا سکيا ڏني اُن کي ’ڌَمَ‘ چوندا آهن. ان پروچن ۾ هن ڌرم جي چڪر کي رفتار ڏني ان ڪري ان گهٽنا کي پالي ڀاشا ۾ ’ڌَم چَڪ پوَتن‘ چوندا آهن. سنسڪرت ۾ اُنکي ’ڌرم چڪر پروترن‘ چوندا آهن.

اُن ڪان پوءِ هُن ڌرم جي سکيا ڏيڻ لاءِ پنجيتاليهه سال رتن ڪيو. هوُ پنڌ پنڌ ڦريا. هنن سکيائوُن پالي ڀاشا ۾ ڏنيوُن. بوڌي ڌرم ۾ ٻُڌ، ڌم ۽ سنگهه جي شرڻ ۾ وڃڻو پوندو آهي اُنکي ’ترشرڻ‘ چوندا آهن. ٻُڌ جي ٻُڌايل ڌرم جو سار هيٺئين نموُني آهي.

**آريہ ستيہ:** انساني جيون جي پوري وهنوار جو مول چار ستيہ آهن. تنکي ’آريہ ستيہ‘ چيل آهي.

۱. **دُکہ:** انساني جيون ۾ دُکہ آهي.

۲. **دُکن جو ڪارڻ:** دُک جو ڪارڻ هوُندو آهي.

۳. **دُکہ-نوارڻ:** دک دوُر ڪري سگهبو آهي.

۴. **پرتپد:** پَرتپدَ معنيٰ رستو. اهو دُکہ جو انت ڪرڻ جو رستو آهي. اهو رستو شُڌ وهنوار جو آهي. ان رستي کي ’اَشٽانگہ مارگہ‘ چيل آهي.

**پنچ شيل:** گوَتم ٻُڌ پنجن نيمن جو پالن ڪرڻ لاءِ چيو. انهن نيمن کي پنچشيل چئجي ٿو.

۱. ساهوارن جي هڇا نہ ڪرڻ.

۲. چوري نہ ڪرڻ.

۳. غلط وهنوار نہ ڪرڻ.

۴. ڪوُڙ نہ ڳالهائڻ.

۵. نشيدار شيوُن نہ واپرائڻ.

**بوڌي سنگهہ:** ٻُڌ ڌرم جو پرچار ڪرڻ لاءِ بوڌي ڀڪشن جو سنگهہ ٺاهيو. گرهست جيون جو تياڳہ ڪري سنگهہ ۾ شامل ٿيندڙ هُن جي ششن کي ’ڀِڪشو‘ چوندا آهن. ٻُڌ وانگر ڀڪشو بہ رٽن ڪري ماڻهن کي ڌرم جي سکيا ڏيندا هئا. عوُرتن جو الڳہ سنگهہ هو. اُهي استري ڀڪشو هيوُن. بوڌي ڌرم ۾ سيني ورڻن ۽ ذاتين جا ماڻهوُ شامل ٿي سگهندا هئا.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**اشٽانگ مارگ:**

۱. **سميڪ درشٽي :** چئن آريہ ستين جي ڄاڻ.

۲. **سميڪ سنڪلپ :** هنسا جو تياڳ

۳. **سميڪ واچا :** ڪوڙ، ڪنورتا، چُغلي ۽ اجايو بڙ بڙ نہ ڪرڻ.

۴. **سميڪ ڪرمانت:** ساهوارن جي هٿيا، چوري ۽ ڇڙواڳيءَ کان دور رهڻ.

۵. **سميڪ آجيو:** صحيح رستي پيٽ ڪمائڻ.

۶. **سميڪ ويايام:** ويايام معنيٰ ڪوشش ڪرڻ. غلط ڪرڻ نہ ڪرڻ، غلط ڪرڻ ٿيا هُجن تہ اُنجو تياڳ ڪرڻ، سُٺا ڪرم ڪرڻ ۽ اُنهن کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

۷. **سميڪ سمرتي:** ڌيان لڳائڻ، لوڀ وغيره وڪارن کان دور رهي مَن کي سمجهائڻ.

۸. **سميڪ سماڌي:** من اڪاگر ڪري ڌيان لڳائڻ.

**اُپديش جو سار:** گوتم ٻڌ انساني ٻڌيءَ جي آزاد ٿيڻ جو پڌرنامو ڪيو. ورڻ جي آڌار تي نابرابري نہ هجي. جنم سان ڪو ننڍو - وڏو ڪونہ ٿيندو آهي، اُهو وهنوار سان ٿيندو آهي. ننڍڙي جهرڪي بہ پنهنجي آکيري ۾ آزاديءَ سان چُوں چُوں ڪندي آهي.' هنجو اهو جُملو مشهور آهي. ان مان آزادي ۽ برابريءَ بابت سندن سوچ ظاهر ٿئي ٿي. هُن چيو تہ پُرشن وانگر استرين کي بہ پنهنجي ترقي ڪرڻ جو حق آهي. يگيہ وغيره ڪرم ڪانڊ جو هن ورود ڪيو. هُن جا ٻڌايل پرگيا (سمجهہ) ۽ شيل (چريتر) مُلهہ انسان لاءِ ڪلياڻ ڪاري آهن. سڀني ساهوارن لاءِ 'ديا' اهو سندن شخصيت جو خاص گڻ هو.

گوتم ٻڌ جو ٻڌايل سهنشيلتا مُلهہ فقط ڀارتي سماج لاءِ ئي نہ پر سڄي انساني جات لاءِ رهبري ڪندڙ آهي.

**لوڪايت:** لوڪايت يا چارواڪ نالي ڄاتل پراچين وقت جي ويچارڌارا بہ اهميت ڀري آهي. انجو زور آزاد ويچارن تي هو. ان ويدن جو آڌار ناڪاريو.

پراچين ڀارت ۾ نوان نوان ڌارمڪ ويچار پيدا ٿيندا رهيا. وقت گذرندي جيئُ عيسائي، اسلام ۽ پارسي ڌرم ڀارتي سماج ۾ داخل ٿيا وڌيا وسيا.

## ۵.۳ يهوُدي ڌرم

يهوُدي ڌرم جا ماڻهو عيسوي سن جي پهرينءَ کان ٽين صديءَ جي آس پاس ۾ ڪيرل جي ڪوچين ۾ آيا. يهوُدي ڌرم کي 'جيوُ' ڌرم بہ چئبو آهي. ايشور هڪ ئي آهي ائين هوُ مڃيندا آهن. يهوُدي ڌرم جي سکيائن ۾ نياءَ، سچ، شانتي، پريم، ديا، نئڙت، دان ڪرڻ، سُٺو ڳالهائڻ ۽ سوايمان انهن گڻن تي زور ڏنل آهي. سندن پرارٿنا گهر کي 'سنيگاگ' چوندا آهن.




سنيگاگ

## ۵.۴ عيسائي ڌرم

عيسائي ڌرم جو پايو يسوع مسيح ڪئي. اهو ڌرم سڄي دُنيا ۾ ڦهليل آهي. يسوع مسيح جي

۱۲ ششين مان هڪ سينٽ ٿامس عيسوي سنه جي پهرين صديءَ ۾ ڪيرل ۾ آيو. هُن ترچوُر ضلعي جي پَلَيوُر ۾ عيسوي سنه ۵۲ ۾ چرچ جو پايو وڌو. عيسائي ڌرم جي سکيائن موجب ايشور هڪ آهي. هوُ سيني جو پيارو پتا ۽ سرو شڪتيوان آهي. يسوُع مسيح ايشور جو پُٽ آهي اِئين به مڃيو ويندو آهي ته انسان جات جي ڪلياڻ لاءِ ڌرتيءَ تي آيو هو. اسان سڀ هڪ ٻئي جا ڀائر - ڀينر آهيوُن. اسان کي سيني سان پيار پريو ورتاءُ ڪرڻ گُهرجي، دُشمن سان به! عيسائي ڌرم ۾ چيل آهي، ڏوهي انسانن کي معاف ڪرڻ گهرجي. ائين عيسائي ڌرم ۾ چيل آهي. ’بائيبل‘ عيسائي ڌرم جو پوتر گرنٿ آهي. عيسائي ماڻهن جي پرارٿنا گهر کي ’چرچ‘ چئبو آهي.



چرچ

## ۵.۵: اِسلام ڌرم

اِسلام اِيشور هڪ آهي. الله هڪ ئي آهي ۽ مُحمد پيغمبر هُنجو دوُت آهي. ايشور جو سنديش محمد پيغمبر ذريعي پوتر قُران ۾ ظاهر ٿيو آهي. ’اِسلام‘ لفظ جي معنيٰ آهي. شانتي ان لفظ جو مطلب ’الله جي شرڻ ۾ وڃڻ‘ اِئين به آهي. هر وقت ۽ هرهنڌ فقط الله ئي آهي ۽ هوُ سروشڪتيوان ۽ ديالوُآهي، اِئين اِسلام ۾ چيل آهي، انساني وجود جو مقصد ئي الله جي پوُڄا ڪرڻ آهي، اسلام ۾ ائين چيل آهي. ماڻهوءَ کي زندگي ڪيئن جيئڻ گهرجي انجي راهه پوتر قُران ۾ ڏيکاريل آهي.

ڀارت ۽ عربستان ۾ قديم وقت کان واپاري ناتا هئا. عربي واپاري ڪيرل جي ڪناري وارن بندرن وٽ ايندا هئا. عيسوي سنه جي ستين صديءَ ۾ عربستان ۾ اسلام جو ڦهلاءُ ٿيو. ان صديءَ ۾ ئي عربي واپارين دوارن اسلام ڀارت ۾ آيو. اسلام ڌرم جي پرارٿنا گهر کي ’مسجد‘ چوندا آهن.



مسجد

## ۵.٦ فارسي ڌرم

فارسي ماڻهن کي ويدڪ سيپتا جي ماڻهن ۾ قديم زماني کان ناتا هئا. فارسي ڌرم جي پوتر گرنٿ جو نالو ’اَويستا‘ آهي. رگويد ۽ اويستا جي بوليءَ ۾ هڪجهڙائي آهي. فارسي ماڻهوُ ايران جي ’فارس‘ يا ’پارس‘ پرانت مان ڀارت ۾ آيا، ان ڪري کين فارسي چوندا آهن. هوُ پهرين گُجرات ۾ آيا. هوُ عيسوي سنه جي اٺين صديءَ ۾ ڀارت ۾ آيا اهو ڪن جو سوچڻ آهي. زرٿسٽر فارسي ڌرم جو پايو وجهندڙ هو. فارسين جي ايشور کي ’اَهُر مجد‘ نالي جاتو ويندو آهي. فارسي ڌرم ۾ باهه ۽ پاڻيءَ کي گهڻي اهميت آهي. سندن مندر ۾ پوتر اگني برندي آهي. سندن مندر کي ’اگياري‘ چوندا آهن. اُتم ويچار، اُتم واڻي، ۽ اُتم ڪم اهي ٽي وهنوار جا تتو فارسي ويچار ڌارا جو مرڪز آهي.



اگياري

## اڀياس

**۱. خالي ۾ مُناسب لفظ لکو.**

(۱) جين ڌرم ۾ -------- جي متي کي اهميت ڏنل آهي.

(۲) سيني ساهوارن لاءِ -------- اهو گوتم ٻُڌ جي شخصيت جو خاص گڻ هو.

**۲. ٿوري ۾ جواب لکو:**

(۱) ورڌمان مهاوير ڪهڙي سکيا ڏني؟

(۲) گوتم ٻُڌ جو ڪهڙو جُملو مشهوُر آهي؟ ان مان سندن ڪهڙي سوچ ظاهر آهي؟

(۳) يهوُدي ڌرم جي سکيائن ۾ ڪهڙن گڻن تي زور ڏنل آهي؟

(۴) عيسائي ڌرم ۾ ڇا چيل آهي؟

(۵) اسلام ڌرم ڪهڙي سکيا ڏئي ٿو؟

(٦) فارسي ويچاڌارا جو مرڪز ڇا آهي؟

**۳. نوٽ لکو.**

(۱) آريه ستيه (۲) پنچ شيل

**۴. هيٺ ڏنل ٻالهين کي پنچ مهاورت ۽ تري رتن ۾ ورهايو.**

(۱) اهنسا (۲) سميڪ درشن (۳) ستيه (۴) استييه (۵) سميڪ گيان (٦) اپريگرهه (۷) سميڪ چريتر (۸) برهمچريه.

| پنچ مهاورت | تري رتن |
|---|---|
| ۱. | ۱. |
| ۲. | ۲. |
| ۳. | ۳. |
| ۴. | |
| ۵. | |

**۵. سبب لکو:**

(۱) ورڌمان مهاوير کي 'جن' ڇو چوندا هئا؟

(۲) گوتم ٻُڌ کي 'ٻُڌ' ڇو چوڻ لڳا؟

**مشغوُلي :**

(۱) الڳ الڳ ڏڻن جي ڄاڻ ۽ چتر گڏ ڪريو.

(۲) الڳ الڳ ڌرمن جي پرارٿنا گهرن ۾ وڃو انجو ورڻن ڪلاس ۾ ڪريو.

# ٦ - جنپد ۽ مها جنپد




**٦.١ جنپد**

**٦.٢ مهاجنپد**

**٦.٣ مگڌ سامراجيه جو اُسرڻ**

**ڪري ڏسو.**

ڀارت جي خاڪي نقشي ۾ سورهن مهاجنپدن جا نالا لکو.

## ٦.١ جنپد

رواجي طؤر ع.س. کان اڳ ١٠٠٠ کان ع.س. کان اڳ ٦٠٠ اهو عرصو ويدڪ زماني کان پوءِ وارو عرصو مڃيو ويندو آهي. ان عرصي ۾ جنپد برپا ٿيا. جنپد معنيٰ ننڍا راڄيه. ڀارتيه اُپ کنڊ جي اُتر - اولهه طرف اڄ جي افغانستان کان اوير ۾ بهار، بنگال، اوڙيسا تائين ايراضيءَ ۾ ۽ ڏکڻ ۾

مهاراشٽر تائين اهي جنپد ڦهليل هئا.

اڄ جي مهاراشٽر جو ڪُجهه ڀاڱو اُن وقت جي اَشمڪ' جنپد ۾ هو. سنسڪرت، پالي ۽ ارڌماڳڌي ساهتيہ ۾ انهن جنپدن جو نالو آيل آهي، ڳريڪ اتهاسڪارن جي لکين مان بہ ان بابت ڄاڻ ملي ٿي. انهن مان ڪُجهه جنپدن ۾ راڄائي هئي. پر ڪُجهه ۾ گڻ راڄيہ (لوڪ راڄيہ) هو. جنپدن جي وڏن ماڻهن جي گڻ پريشد هئي. گڻ پريشد جا ميمبر گڏيل چرچا ڪري راڄ ڪاروبار جي نسبت فيصلا ڪندا هئا. جنهن سڀا گهر ۾ اها چرچا ٿيندي هئي اُنکي سَنٿاگار' چوندا هئا. گوتم ٻُڌ شاڪيہ گڻراڄيہ جا هئا. هرهڪ جنپد جا پنهنجا سِڪا هئا.

## ٦.٢ مهاجنپد

مهاجنپد

| ڪوسل | وتس | اَونتي | مگڌ |
|---|---|---|---|
| • ڪوسل مهاجنپد جو وستار هماليہ جي ترائيءَ وارن ڀاڱن نيپال ۽ اُتر پرديش ۾ ٿيو. | • وتس مهاجنپد جو وستار اُتر پرديش جي پرياڳ يعني الهاباد جي آس پاس ايراضيءَ ۾ ٿيو. | • مڌيہ پرديش جي مالوا ايراضيءَ ۾ اونتي پراچين مهاجنپد هو. | • بهار جي پٽنا، گيا شهرن جي آس پاس ايراضين ۽ بنگال جي ڪُجهه ڀاڱي ۾ پراچين مگڌ مهاجنپد هو. |
| • ان راڄ ۾ شراوستي ڪُشاوتي ۽ ساڪيت شهر مشهور هئا. | • ڪوسم نگر پراچين وقت جو ڪوشنبي نگر هو. | • ان جي راڄڌاني اُڄيني (اُڄين) نگر هو. | • راڄگرهه (راڄگير) ان مهاجنپد جي راڄڌاني هئي. |
| • شراوستي ڪوسل مهاجنپد جي راڄڌاني هئي. | • اهو هڪ اهم واپاري مرڪز هو. | • اُڄيني هڪ اهم واپاري مرڪز هو. | • مها گووند معمار بنبيسار جو راڄمحل ٺاهيو هو. |
| • گوتم ٻُڌ شراوستيءَ جي مشهور جيتون مَٺ ۾ چڱو وقت رهيا هئا. | • ڪوشنبيءَ جي ٽن شاهوڪار واپارين گوتم ٻُڌ ۽ سندس ششين لاءِ ٽي مَٺ نهرايا هئا. | • اونتيءَ جو راڄا پرديوت وردمان مهاوير ۽ گوتم ٻُڌ جو هم وقتي هو. | • مشهوُر ويد جيوڪ بنبيسار جي دربار ۾ هو. |
| • ڪوسل جو راڄا پرسينجيت، وردمان مهاوير ۽ گوتم ٻُڌ جو هم وقتي هو. | • ڪوشنبيءَ جو راڄا اُديَن گوتم ٻُڌ جو هم وقتي هو. | • اونتيءَ وردن جي ايامڪاريءَ ۾ اونتي راڄ مگڌ ۾ ملي ويو. | • بنبيسار، گوتم ٻُڌ جو شِش بڻيو. |
| • ڪوسل جو راڄ مگڌ راڄ جو ملي ويو. | • راڄا اُدين ڪانپوءِ وتس مهاجنپد جي آزادي گهڻو وقت هلي نہ سگهي. اونتي مهاجنپد جي راڄا اهو راڄ جيتي ورتو. | | |

کي جنپد ڏيري ڏيري وڏيڪ طاقتور بڻيا. اُنهن جي حدن جو وستار ٿيو. انهن جنپدن کي مها جنپد سڏيو ويو. ساهتيه ۾ آيل ذڪر وسيلي خبر پوي ٿي ته ع.س. کان اڳ ٦ صديءَ تائين مهاجنپدن مان ١٦ مهاجنپدن کي وڏيڪ اهميت حاصل ٿي. انهن مان ٻه ڪوسل، وتس، اونتي ۽ مگڌ اهي چار مهاجنپد وڏيڪ سگهارا ٿيندا ويا.

## ٦.٣ مگڌ سامراجيه جو اُسرڻ

بنبيسار جي پُٽ اجات شترُو ٻه مگڌ جي وستار ڪرڻ جي نيتي اختيار ڪئي. هُن اوير جا ڪيترائي گڻراجيه کٽيا. اجات شتروءَ جي وقت ۾ مگڌ وڌيو ويڃهيو. هُن ٻوڌ ڌرم سويڪار ڪيو. گوتم ٻُڌ جي چولو ڇڏڻ کان پوءِ اجات شتروءَ جي وقت ۾ راجگرهه ۾ ٻوڌي ڌرم جي پهرين سنگتي يعني پريشد ٿي.



**اجات شترُو - شلپ**

اجات شتروءَ جي وقت ۾ مگڌ جي نئين راڄڌاني پاٽليگرام جو پايو وڌو ويو. اڳتي هلي اهو پاٽليپتر نالي مشهورُ ٿيو. پاٽليپتر اڄ جي پاٽنا شهر جي پسگردائيءَ ۾ آهي.

اجات شتروءَ کان پوءِ وارن مگڌ جي راجائن ۾ شِشُناگ ناميارو راجا هو. هُن اونتي، ڪوسل ۽ وتس راڄ مگڌ ۾ ملائي ڇڏيا. اُتر ڀارت جو لڳ ڀڳ سمورُو پرديشُ مگڌ جي اثر هيٺ اچي ويو. اهڙي نموني مگڌ سامراجيه کي روُپ مليو.

**مگڌ سامراجيه جا نند راجا:** ع. س. کان اڳ ٣٦٤ کان ع.س. کان اڳ ٣٢٤ تائين مگڌ راڄ تي نند راجائن جي راجائي هئي. وڏي سامراجيه لاءِ ضروُري راڄ ڪاروباري سرشتو نند راجائن ٺاهيو. پيادل، گهوڙا، هاٿي ۽ رٿ اهڙي چئن قسمن جي سئنا نند راجائن وٽ هئي. هنن وزن ۽ ماپ جا پئمانا مقرر ڪيا.

نند راجائن مان آخري راجا ڌنانند هو هنجي وقت ۾ مگڌ راڄ جو وستار اولهه ۾ پنجاب تائين ٿيو. ڌنانند جي اپامڪاريءَ ۾ چندر گُپت مؤريه نالي وڏ خيالي جوان پاٽليپتر کٽي ورتو، هُن راڄ جو خاتمو ڪيو ۽ مؤريه سامراجيه جو پايو وڌو.

ايندڙ باب ۾ اسين مؤريه سامراجيه جي اُسرڻ واري وقت ۾ ڀارت جي اُتر - اولهه ۽ اولهه ڀاڱي ۾ ٿيل حملن جي ڄاڻ وٺنداسين. ۽ مؤريه سامراجيه جي تفصيلوار ڄاڻ حاصل ڪنداسين.



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

سورهن جنپدن جي پراچين ۽ هاڻوڪا نالا :

(١) ڪاشي (بنارس)، (٢) ڪوسل (لکنؤ) (٣) مَل (گورکپور) (٤) وتس (الهاباد) (٥) چيد (ڪانپور) (٦) ڪُرُوُ (دهلي) (٧) پانچال (روهلکنڊ)، (٨) متسيه (جئپور) (٩) شوُرسين (مَٿرا)، (١٠) اشمڪ (اؤرنگاباد- مهاراشٽر)، (١١) اونتي (اُڄين) (١٢) انگ (چنپا - اوير بهار) (١٣) مگڌ (ڏکڻ بهار) (١٤) ورجي (اُتر بهار) (١٥) گانڌار (پيشاور)، (١٦) ڪَنبوج (گانڌار ويجهو)

## اڀياس

### ١. هيٺين مان هرهڪ سوال جو جواب هڪ جُملي ۾ لکو.

(١) جنپد معنيٰ ڇا؟

(٢) مهاجنپد معنيٰ ڇا؟

(٣) ٻوڌي ڌرم جي پھرين پريشد ڪٿي ٿي؟

(۴) وزن ۽ ماپ جا پئمانا ڪنهن مقرر ڪيا؟

### ٢. ٻڌايو ڏسان.

(١) اڄ جي مهاراشٽر جو ڪُجھ حصو اُن وقت جي ان جنپد جو حصو هو.

(٢) جنپد جي وڏن ماڻهن جي ٿيل.

(٣) جنهن سڀا گهر ۾ چرچا ٿيندي هئي.

(۴) گوتم ٻڌ ان گڻراجيه جو هو.

(۵) چئن قسمن جي سڪا.

### ٣. جوڙا ملايو.

| الف گروهه | ب گروهه |
|---|---|
| (١) سنگتي | (الف) اجات شترو |
| (٢) ڏنانند | (ب) پريشد |
| (٣) پاٽليگرام | (ب) مها گووند |
| | (پ) نند راجا |

### ۴. ڀارت جي الڳ الڳ راجين ۾ اُنهن جي راڄڌانين جي ياداشت ٺاهيو.

### مشغُولي :

(١) توهانجي ويجهو واري قلعي ۾ وڃو. هيٺين مُدن بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.

(١) قلعي جو قسم (٢) ڪنهنجي راڄ ۾ نهيو. (٣) قلعدار (۴) مُکيه خاصيتُون

٢. ڀارتي لشڪر ۾ ڪهڙا جٿا (دَلَ) آهن، انجي ڄاڻ حاصل ڪريو.

(٣) هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.

| نمبر | مهاجنپد جو راجيه | ايراضي | راڄڌاني | مُکيه راجا جو نالو |
|---|---|---|---|---|
| ١. | | هماليه جي ترائيءَ ۾ | --- | --- |
| ٢. | وتس | --- | --- | --- |
| ٣. | --- | --- | --- | پرديوت |
| ۴. | --- | پاٽلا، گيا شهرن جي آس پاس جو ڀاڱو | --- | --- |

✠✠✠

# ٧- مؤريہ ڪال ۾ ڀارت

٧.١ گريڪ سمراٽ سڪندر جي چڙهائي.

٧.٢ مؤريہ سامراجيہ.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

ع. س کان اڳ ڇهين صديءَ ۾ ايران ۾ سائرس راجا هڪ شاهي حڪومت جي اسٿاپنا ڪئي هئي. اها حڪومت اُتر - اولهہ ڀارت کان روم تائين ۽ آفريڪا جي ايجپٽ تائين ڦهليل هئي. ع. س. کان اڳ ٥١٨ جي آس پاس ايراني سمراٽ دارُيش ڀارت جي اُتر اولهہ وارو ڀاڱو ۽ پنجاب جو ڪُجهہ حصو جيتي ورتو. داريش راجا ان علائقي جا ڪُجهہ سئنڪ پنهنجي سئنا ۾ شامل ڪري ورتا. گريڪ اتهاسڪارن جي ليکن مان ان بابت ڄاڻ ملي ٿي. داريش جي وقت ۾ ڀارت ۽ ايران وچ ۾ راڄنيتڪ ناتا جُڙيا. ان سان واپار ۽ ڪلا جي ڪيتر ۾ ڏي وٺ وڌي. داريش پنهنجي حڪومت ۾ هرهنڌ ساڳيو 'دارِڪ' ناڻو شروع ڪيو. جنهن سان واپار ڪرڻ سؤلو ٿيو. سندس وقت ۾ 'پرسيپولِس' اهو راڄڌانيءَ جو شهر جوڙيو ويو. پر پرسيپولِس شهر ايران ۾ آهي.



دارِڪ

## ٧.١ گريڪ سمراٽ سِڪندر جي چڙهائي

گريڪ سمراٽ اليڪزينڊر عرف سِڪندر ع.س. کان اڳ ٣٢٦ ۾ ڀارت جي اُتر اولهہ ڀاڱي



سمراٽ سِڪندر

تي چڙهائي ڪئي. سنڌوُندي پار ڪري هوُتڪشِلا ۾ آيو. وات تي ڪِن مڪاني ڀارتي راجائن سندس سخت مُقابلو ڪيو. سڪندر تہ بہ پنجاب تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو. پر ان چڙهائيءَ ۾ سڪندر جي سئنڪن کي تمام تڪليفوُن سهڻيوُن پيوُن. هوُ پنهنجي ديش لاءِ سِڪي ويا هئا. هُنن سڪندر خلاف بغاوت ڪري ڇڏي. سڪندر کي واپس ورڻو پيو. ڀارت جي ڪٽيل علائقن جي بندوبست لاءِ هن گريڪ عملدارن کي مُقرر ڪيو. تنکي 'سَترپ' نالو ڏنائين. واپس موٽندي وات ۾ ع.س. کان اڳ ٣٢٣ ۾ بئبلون ۾ هوُ گذاري ويو. اهو هنڌ اڄوڪي عراق ۾ آهي.

سڪندر جي اچڻ سان ڀارت ۽ اولهہ جي ملڪن جو واپار وڌيو. سڪندر سان گڏ جيڪي اتهاسڪار آيا، اُنهن پنهنجي ليکن وسيلي ڀارت جي سُڃاڻپ مغربي ديشن کي ڪرائي. گريڪ مؤرتي ڪلا جو ڀارتي ڪلا تي اثر پيو. اُن مان گانڌار نالي ڪلا جو نمونو اُسريو. گريڪ راڄائن جا سِڪا خاص هوُندا هئا. انهن سڪن جي هڪ پاسي اُن راڄا جو چتر ۽ ٻئي پاسي ڪنهن گريڪ ديوتا جو چتر هوندو هو. سڪي تي راڄا جو نالو هوندو هو. سڪندر جا سڪا بہ اهڙي قسم جا هئا.



سڪندر جو چانديءَ جو سڪو - ٻئي پاسا

ان کان پوءِ يارتي راجائن بہ اهڙي قسم جا سڪا نهرائڻ شروع ڪيا.

## ۷.۲ موريہ سامراجيہ

**چندرگپت موريہ:** چندرگُپت موريہ، موريہ سامراجيہ جي اسٿاپنا ڪئي. مگڌ جي نند راجا ڌنانند جي ظلمي راڄ مان ماڻهو تنگ ٿي پيا هئا. اُن کي هارائي، ع.س. کان ۳۲۵ جي آس پاس مگڌ ۾ پنهنجي حڪومت برپا ڪئي. هُن اَونتي ۽ سؤراشٽر جيتي پنهنجي سلطنت جي وستار ڪرڻ جي شروعات ڪئي. سڪندر جي موت کان پوءِ هُنجي مقرر ڪيل سترپن ۾ ستا لاءِ لڙايون شروع ٿيون. سيليوُڪس نڪيٽر، سڪندر جو سيناپتي هو. سڪندر جي موت کان پوءِ هوُ ٻيبيلان جو راجا ٿيو. هُن اُتر اولهہ ڀارت ۽ پنجاب تي حملا ڪيا. چندرگُپت موريہ ڪاميابيءَ سان سندس مُخالفت ڪئي. سيليوُڪس نڪيٽر جي هار سبب افغانستان جاقابل، قنڌار، هيرات اهي پرديش موريہ حڪومت ۾ شامل ٿي ويا.

**چا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

سنسڪرت ناٽڪ ڪار وشاکہ دت ’مُدرا راڪشس‘ ناٽڪ لکيو هو. ان ۾ ڌنانند جو خاتمو ڪري چندرگپت موريہ حڪومت ڪيئن برپا ڪئي، اها ڪٿا پيش ڪئي آهي. ان ناٽڪ ۾ آريہ چاڻڪيہ يعني ڪوٽليہ جي يوگدان کي خاص اهميت ڏنل آهي.

سيليوڪس نڪيٽر جو راجدوُت مئگيسٿِنس، چندرگپت موريہ جي دربار ۾ رهيو هو. هنجي ’انڊڪا‘ ڪتابُ موريہ ڪال جي ڀارت جي اڀياس جو اهميت ڀريو وسيلو آهي.

سمراٽ چندرگپت موريہ گُجرات راجيہ جي جهوُناڳڙهہ ويجهو ’سُدرشن‘ نالي بند ٻڌايو هو. اهڙي ڄاڻ وارو شِلا ليکہ آهي.

**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

جين پرمپرا موجب چندرگپت موريہ جين ڌرم اختيار ڪيو هو. زندگيءَ جي آخر ۾ راڄ پد جو تياڳ ڪيو هو. هُن ٻچيل زندگي، ڪرناٽڪ جي شروڻ بيلگول ۾ گُذاري. اُتي ئي هوُ گذاري ويو.

**سمراٽ اشوڪ:** چندرگپت جي راجپد تياڳڻ کانپوءِ هنجو پُٽ ’بندوُسار‘ مگڌ جو راجا ٿيو. بندوُسار جي موت کان پوءِ سندس پُٽ اشوڪ ع.س. کان اڳہ ۲۷۳ ۾ راجا ٿيو. راجا ٿيڻ کان اڳہ هنکي تڪشيشلا ۽ اُجينيءَ ۾ راجيپال مقرر ڪيو ويو هو. اُن وقت تڪششلا ۾ ٿيل بغاوت هُن ڪاميابيءَ سان دٻائي ڇڏي هئي. مگڌ جي سمراٽ ٿيڻ کان پوءِ هُن ڪلنگ تي چڙهائي ڪئي. ڪلنگ راڄ، اَڄ جي اوڙيسا راجيہ ۾ هو. سمراٽ اشوڪ ڪلنگ تي جيت حاصل ڪئي.

اُتر اولهہ ۾ افغانستان ۽ اُتر ۾ نيپال کان ڏکڻ ۾ ڪرناٽڪ ۽ آنڌر پرديش تائين اوڀر ۾ بنگال کان اولهہ ۾ سؤراشٽر تائين سمراٽ اشوڪ جو راڄ پکڙيل هو.

**ڪلنگ جي يڌ:** ڪلنگ جي يڌ ۾ خوُن ريزي ڏسي اشوڪ وري ڪڏهن بہ يڌ نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سچ، اَهنسا، ٻين تي ديا معاف ڪرڻ اهي گڻ هُن لاءِ اهم هئا.




**هميشهہ ياد رکو**

سمراٽ اشوڪ جو سنديش:

- ماتا پتا جي شيوا ڪرڻ گهرجي.
- جنهن جيت سان پريم پاونا وڌي اُها ئي اصلي جيت آهي.

**ڪري ڏسو**

ڀارت جي خاڪي نقشي ۾ سمراٽ اشوڪ جا شلا ليک ۽ ٿنڀا ڏيکاريندڙ هنڌ ڏيکاريو.

پنهنجو سنديش ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ هُن ڪيترن هنڌن تي شلا ليک ۽ ٿنڀن تي ليک اُڪرايا. اِهي ليک براهمي لپيءَ ۾ آهن. انهن ليکن ۾ هُن پاڻ کي 'ديوانہ پيو پِيَدَسي (ديوتائن جو پريہ پريدرشي) سڏايو آهي. راڄ تلڪ ٿيڻ جي اٺن سالن کان پوءِ هُن ڪلنگہ کي کٽيو ۽ اُتي بربادي ڏسي هُنجو من بدلجي ويو، ائين هِڪ ليکہ ۾ لکيل آهي.

سمرات اشوڪ جي دهلي - ٽوپڙا جي هڪ ليکہ ۾ چمڙن، گينڊن، باندرن وغيره جي شڪار تي سخت بندش ۽ جهنگلن ۾ باهہ نہ لڳائڻ بابت لکيل آهي.



سمرات اشوڪ

**اشوڪ جا ڌرم ڦهلاءَ جا ڪم :** اشوڪ ٻُڌ ڌرم اختيار ڪيو هو. هُن پاٽليپتر ۾ ٻوڌ ڌرم جي ٽين پريشد سڏائي هئي. ٻوڌ ڌرم جي ڦهلاوَ لاءِ هُن پنهنجي پٽ مهيندر ۽ ڌيءَ سنگهمترا کي شريلنڪا موڪليو هو. اُتر - اوڀر ايشيا ۽ وچ ايشيا جي ديشن ۾ ڌرم ڦهلاءَ لاءِ هُن ڀکشو موڪليا هئا. هُن ڪيترائي استوپ ۽ ٻوڌي مٺ ٺهرايا.

**لوڪ ڪلياڻ جا ڪاريہ:** اشوڪ رعيت لاءِ سهوُليتوُن ميسر ڪرائڻ تي زور ڏنو.

مثال - ماڻهن ۽ جانورن کي مفت علاج ڪرائڻ، انيڪ رستا ٺهرائڻ رستن جي ٻنهي پاسي وڻ پوکائڻ وغيره.

هُن ڌرم شالائوُن ٺهرايوُن ۽ کوهہ کوٽايا.

**ڪري ڏسو**

توهان جي پسگردائيءَ ۾ ڪهڙيون سنستائون لوڪ ڪلياڻ جا ڪم ڪنديوُن آهن انجو احوال تيار ڪريو.

**موُريہ ڪال جو راڄ ڪاروباري سرشتو**

موُريہ سلطنت جي راڄڌاني پاٽليپتر هئي. ڪاروبار جي سهوليت کان راجيہ چئن ويڀاڳن ۾ ورهايو ويو هو. هر ويڀاڳہ جي الڳہ راڄڌاني هئي.

١. اوڀر ويڀاڳہ - توشالي (اوڙيسا)
٢. اولهہ ويڀاڳہ - اُجيني (مڌيہ پرديش)
٣. ڏکڻ ويڀاڳہ - سُورڻ گِري
(ڪرناٽڪ جو ڪنڪگِري)
٤. اُتر ويڀاڳ - تڪششلا (پاڪستان)

راڄ ڪاروبار ۾ راجا کي صلاح ڏيڻ لاءِ منتري پريشد هو. جُدا جُدا سطحن تي ڪم ڪندڙ ڪيترائي عملدار هئا. سيني تي ڌيان ڏيڻ ۽ دُشمن جي ڪارروائين تي نظر رکڻ لاءِ عُمدو جاسوُسي کاتو هو.

**موُريہ زماني جو لوڪ جيون:** ان زمان ۾ کيتيءَ کي خاص اهميت هئي. کيتيءَ سان گڏ واپار ۽ ٻين ڌنڌن ۾ بہ واڌارو ٿيو هو. هاٿيءَ جي ڏندن تي اُڪرڻ جو ڪم، ڪپڙا اُڻڻ ۽ رنگڻ، ڌاتوءَ تي ڪم وغيره ڪيترائي ڌنڌا هئا. مٽيءَ جا ڪارل، چمڪندڙ برتن ٺاهيا جهاز ٺاهڻ جو ڪم بہ وڏي پئماني تي ٿيندو هو. ڌاتوءَ جي ڪم ۾ ٻين ڌاتن سان گڏ لوهہ جون شيون ٺاهڻ جو بہ ڪم ٿيندو هو.

شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڏڻ وار ملهايا ويندا هئا.

ماڻهن جي وندر لاءِ ناچ ۽ گيتن جا ڪاريہ ڪرم ٿيندا هئا. ڪُشتي ۽ رَٿن جي ڊوڙ لوڪ پريہ رانديوُن هيوُن. سانگ ٺاهي ناٽڪ ڪرڻ ۽ شطرنج بہ وندر جا وسيلا هئا. شطرنج کي 'اشٽ پد' چوندا هئا.



ٿنڀي جو مٿُ

**مؤريہ زماني جي ڪلا ۽ ساهتيہ :** سمرات اشوڪ جي وقت ۾ شلپ (پٿر) ڪلا کي همٿايو ويو.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ڀارت جي راڄ مُهر سارناٿ جي اشوڪ جي ٿنڀي تان ڪنيل آهي. سارناٿ جي ٿنڀي تي چار شينهن آهن. هرهڪ شينهن جي پٺيءَ تي هڪ چڪر آهي. انهن مان اسان کي هڪ چڪر پورو ڏسڻ ايندو آهي. چڪر جي هڪ پاسي گهوڙو ۽ ٻئي پاسي ڍڳو (بيل) آهي. راڄ مهر جو جيڪو پاسو نظر نٿو اچي اُتي هاٿي ۽ شينهن اهي ساهوارا آهن.

اشوڪ جا ڪڙا ڪيل ٿنڀا ڀارتي شلپ ڪلا جو عُمدو مثال آهن. انهن ٿنڀن تي هاٿي، شينهن، بيل وغيره ساهوارن جا عُمدا شلپ آهن. سارناٿ جي اشوڪ ٿنڀي وارو چڪر ڀارت جي ترنگي تي لهرائيندو آهي. اُن ٿنڀي تي چئني پاسي شينهن آهن. سامهوُن ڏسڻ سان فقط ٽي شينهن نظر ايندا آهن اها ڀارت جي راڄ مُهر آهي. اشوڪ جي وقت ۾ ڪوٽايل برابار ٽڪريءَ جوُن غفائون مشهوُر آهن. اهي غفائون بهار ۾ آهن. ڀارتي غفائن ۾ اهي غفائوُن سڀ کان پراچين آهن.

سمرات اشوڪ جي موت کان پوءِ مؤريہ سلطنت جي زواليت ٿيڻ لڳي.



برابار جوُن غفائوُن

مؤريہ ڪال ڪان پوءِ پارٽ ۾ انيڪ راڄ اُسريا. ڪي سامراجيہ بہ اُسريا. مؤريہ سامراجيہ پراچين پارت جو سڀ کان وڏو سامراجيہ هو.

مؤريہ ڪال ڪانپوءِ راڄنيتڪ ۽ سپيتڪ حالتوُن اسين ايندڙ باب ۾ سمجهنداسين.

## پياس

**١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ هڪ جُملي ۾ لکو.**

(١) سترپ ۾ لڙايوُن ڇو شروُع ٿيون؟

(٢) اشوڪ، ٻوڌي ڌرم جي ڦهلاءَ لاءِ ڪنهنکي شري لنڪا موڪليو؟

(٣) مؤريہ ڪال ۾ ڪهڙا ڏنڍا ٿيندا هئا؟

(٤) سمراٽ اشوڪ جيڪي ٿنبا کڙا ڪيا، اُنهن تي ڪهڙن جانورن جا شلپ آهن؟

**٢. هيٺين بابت ٻڌايو:**

(١) سترپ

(٢) سُدرشن

(٣) ’ديوان پيو پيدَسيِ‘

(٤) اشٽپد

**٣. ياد ڪري لکو.**

(١) چندرگپت مؤريہ جي سامراجيہ جي پکيڙ

(٢) سمراٽ اشوڪ جي سامراجيہ جي پکيڙ.

**٤. جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| (١) سمراٽ اليڪزينڊر | (الف) سيليوڪس نڪيٽر جو راجدوُت |
| (٢) مئگيستنيس | (ب) گريڪ جو سمراٽ |
| (٣) سمراٽ اشوڪ | (ٻ) روم جو سمراٽ |
| | (پ) مگڌ جو سمراٽ |

**٥. توهان ڇا ٿا سوچيو؟**

(١) سڪندر کي آخر واپس موٽڻو پيو.

(٢) گريڪ راڄائن جا سڪا خاص هوُندا هئا.

(٣) سمراٽ اشوڪ ڪڏهن بہ يُڌ نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

**٦. پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.**

(١) سمراٽ اشوڪ جا لوڪ ڪلياڻ جا ڪاريہ.

(٢) مؤريہ ڪال جا ونڊر ۽ راند جا وسيلا.

**٧. اجوڪي وقت ۾ يوئان شوانگ جهڙا پرڏيهي مُسافر توهان کي مليا تہ توهان ڇا ڪندا؟**

**مشغولي :**

(١) توهان جي پسگردائيءَ ۾ لوڪ عيوضين دواران ڪيل لوڪ ڪلياڻ جي ڪارين جي ڄاڻ وٺي احوال لکو.

(٢) سمراٽ اشوڪ بابت وڌيڪ ڄاڻ گڏ ڪري، اُن بابت ناٽڪ پيش ڪريو.

✠✠✠

# ٨ - مؤريہ سامراجيہ کان پوءِ وارا راڄ




٨.١ شُنگ گهراڻو

٨.٢ اندو-گريڪ راجا

٨.٣ ڪُشاڻ راجا

٨.۴ گپت راج گهراڻو

٨.٥ ورڌن راج گهراڻو

٨.٦ اُتر - اوير يارت جون حڪومتون.

### ٨.١ شُنگ گهراڻو.

سمراٽ اشوڪ کان پوءِ مؤريہ حڪومت جي زواليت شروع ٿي. آخري مؤريہ راجا جو نالو برهدرٿ هو. هُنجي سيناپتي پُشيہ مِتر شُنگ بغاوت

ڪري برهه درت جي هٿيا ڪئي. ۽ هو پاڻ راجا ٿيو.

## ٨.٢ اِنڊو - گريڪ راجا

ان وقت پارٿي اُپَڪنڊ جي اُتر اولهه ايراضيءَ نندانندڙا راڄ ٺهي پيا جنڪي اِنڊو گريڪ راڄ چيو ويندو آهي، پراچين پارٿي سڪن جي اتهاس ۾ انهن راجائن جا سڪا اهميت وارا آهن. هڪ پاسي راجا جو چِتر ٻئي پاسي ديوتا جو چِتر اُڪرڻ سڪا ٺاهڻ جو رواج هو. اهو رواج پوءِ پارت ۾ به پيو. انڊو - گريڪ راجائن ۾ مينندر راجا مشهوُر هو. هُن ناگسين ٻوڌي ڀڪشوءَ سان ٻوڌي فيلسوفيءَ بابت چرچا ڪئي هُئي، مينندر کي ئي مِلِند چوندا آهن. هُن جي ناگسين ڀڪشوءَ کان پڇيل سوالن مان 'ملند پڇهه' گرنٿ ٺهيو. پالي لفظ 'پڇهه' جو مطلب آهي 'سوال.'



مينندر جا چانديءَ جا سڪا - ٻئي پاسا

## ٨.٣ ڪُشاڻ راجا.

ڀارت ۾ اَلڳ اَلڳ ماڻهن جو ٽوليوُن ساندهه ايندي رهيوُن. اُنهن ۾ وچ ايشيا مان آيل 'ڪُشاڻ' ٽولين به هيوُن. ع. س جي پهرين صديءَ ۾ هُنن اُتر اولهه ڀاڱن ۽ ڪشمير ۾ راڄ استاپن ڪيو. ڀارت ۾ سونا سڪا ضربڻ (گهڙڻ) جي شروعات ڪُشاڻ راجائن ڪئي. سڪن تي گوتم ٻُڌ ۽ الڳ الڳ ڀارتيه ديوتائن جا چِتر ٺاهڻ جو رواج ڪُشاڻ راجائن شروع ڪيو.

ڪُشاڻ راجا ڪنشڪ پنهنجي سامراجيه جو وستار ڪيو.

**سمرات ڪنشڪ:** ڪنشڪ راجا جي سلطنت اولهه ڪابل کان اوڀر ۾ واراڻسيءَ تائين ڦهليل هو. ڪنشڪ جا سون ۽ چانديءَ جا سڪا مليا آهن. ڪنشڪ جي وقت ٻوڌ ڌرم جي چوٿين پريشد ڪشمير ۾ٿي هئي. ڪنشڪ ڪشمير ۾ ڪنشڪپور شهر وسايو هو. شري نگر ويجهو ڪامپوُر ئي اڳيون ڪنشڪپور هوندو. ڪنشڪ جي وقت ۾ اَشو گهوش ڪوي ٿي گذريو آهي. هُن 'ٻُڌ چَرِت.' ۽ 'وجر سوُچي' ڪتاب لکيا. ڪنشڪ جي دربار ۾ 'چَرَڪ' مشهوُر ويد هو.



ڪنشڪ جو سون جو سڪو - ٻئي پاسا

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

ڪنشڪ جا سونا سڪا: اهي سڪا سمرات ڪنشڪ ضربيا هئا. انجي مُکيه پاسي گريڪ لپيءَ ۾ 'شائو نانو شائو ڪنيشڪي ڪوشانو' اُئين لکيل آهي. انجو مطلب آهي 'راجائن جو راجا ڪنشڪ ڪُشاڻ' سڪي جي پُٺئين پاسي گوتم ٻُڌ جو چِتر آهي. پاسي ۾ گريڪ لپيءَ ۾ 'بودو' معنيٰ ٻُڌ لکيل آهي.

## ۸.۴ گپت راڄ گهراڻو.

ع.س جي ٽين صديءَ جي آخر ۾ اُتر ڀارت ۾ گُپت راڄ گهراڻي جي ستا اُڀري. لڳ ڀڳ ٽي صديون گپت گهراڻي جي ستا هئي. هن گهراڻي جي برپا ڪندڙ ’شري گپت‘ هو. سُمدر گُپت ۽ چندرگپت ٻيون اهي گُپت گهراڻي جا ناميارا راجا هُئا.

**سَمُدر گپت:** چندر گپت پهرئين جي ايامڪاريءَ ۾ گُپتا راڄ وستار جي شروعات ٿي. هُنجي پُٽ سَمدر گپت آس پاسي جي راجائن کي هارائي راڄ اجاں وڌايو. هُنجي وقت ۾ گُپت حڪومت آسام کان پنجاب تائين ڦهليل هُئي. تامل ناڊوءَ جي ڪانچيءَ تائين اُيرندي ڪناري جو پرديش به هُن کٽي ورتو. سُمدر گپت جي جيتن سبب هُنجو نالو هرهنڌ وڌي ويو هو. ان ڪري اُتر اولهه سرحد وارن راجائن ۽ شري لنڪا جي راجا به هُن سان دوستيءَ جا قرار ڪيا. سمدر گپت جي بهادريءَ ۽ هُنجي جيتن جو ورڻن پرياگ جي ٿنڀي تي تفصيل ۾ لکيل آهي. اهو ليکه ’پرياگ پرشستي‘ يا ’اللهه باد پرشستي‘ چيو ويندو آهي. سمدر گپت ويڻا وڄائڻ ۾ ماهر هو. سمدر گپت الڳ الڳ شڪليُون هوندڙ سڪا ڪڍيا هئا. اُنهن مان هڪ ۾ هوُ ويڻا وڄائيندي ڏسڻ اچي ٿو. انتي سمدر گپت نالو لکيل آهي.



سمدر گپت جو سونو سڪو- ٻئي پاسا

**چندر گپت ٻيون:** هوُ سمدر گپت جو پٽ هو. هُن گپتا حڪومت اُتر اولهه ۾ وڌائي، هُن مالوا گُجرات ۽ سؤراشٽر جيتي ورتا. چندرگپت ٻئين پنهنجي ڌيءَ پرڀاوتيءَ جو وواهه واڪاٽڪ گهراڻي جي رودرسين ٻئين سان ڪرايو. اهڙي نموني ڏکڻ جي طاقتور واڪاٽڪ ستا سان پنهنجا ناتا جوڙيا. دهليءَ ويجهو مهرولي ۾ هڪ لوهي ٿنڀو آهي. اهو ڏيڍ هزار سالن کان به اڀ جو آهي. تہ به اهو ڪٽجيو نہ آهي. پراچين ڀارتي ماڻهن جي تڪنيڪي واڌاري جو اهو هڪ مثال آهي، ان لوهي ٿنڀي تي ’چندر‘ راجا جو ذڪر ٿيل آهي. ان مان انداز لڳائجي ٿو تہ اهو لوهي ٿنڀو چندر گپت ٻين جي وقت جو آهي.



**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

فاهيان نالي چيني مُسافر، چندرگپت ٻين جي وقت ۾ ڀارت ۾ آيو هو. پنهنجي سفرنامي ۾ هُن گپت ڪال جي سماجڪ جيون جو ورڻن ڪيو آهي. اُن لکيو آهي، ڀارت جا شهر وڏا ۽ آباد آهن، انهن شهرن ۾ مُسافرن لاءِ انيڪ ڌرم شالائوُن آهن. شهرن ۾ اسپتالون بہ آهن. اُتي غريبن جو مفت ۾ علاج ٿيندو آهي، وڏا مَٺ ۽ مندر آهن. ماڻهن کي ڏنڊو چونڊڻ جي آزادي آهي، ماڻهوُ ڪٿي بہ اچي وڃي سگهن ٿا. سرڪاري عملدارن ۽ سئنڪن کي وقت تي پگهار ملندي آهي. هتان جا ماڻهو نشو نہ ڪندا آهن ۽ نہ ئي هنسا ڪندا آهن، گپت راڄ ڪاروبار سُٺي نموُني هلايو ويندو آهي.

چندر گپت جي وقت ۾ ’فاهيان‘ ٻوڌي ڀِڪوُ چين مان ڀارت آيو هو. هُن پنهنجي مُسافريءَ جو ورڻن لکيو آهي. ان مان گپت حڪومت جي بهتر راڄ ڪاروباري سرشتي جي ڄاڻ ملي ٿي.

## ٨.٥ وردن راڄ گهراڻو.

گپت گهراڻي جي طاقت گهٽ ٿيڻ کانپوءِ اُتر ڀارت ۾ انيڪ حڪومتون وجود ۾ آيون. تن ۾ هڪ وردن راڄ گهراڻو هو. دهليءَ ويجهو ٿانيسر ۾ پرڀاڪر وردن نالي راجا راڄ ڪندو هو. هُن وردن گهراڻي جو بُنياد وڌو. هرش وردن هُنجو پٽ هو. هرش وردن حڪومت جو وستار ڪيو. هُنجي ايامڪاريءَ ۾ وردن سامراجيه اُتر ۾ نيپال، ڏکڻ ۾ نرمدا ندي، اوڀر ۾ آسام ۽ اولهہ ۾ گُجرات تائين ڦهليل هو. پراچين آسام کي ڪامروُپ چوندا هُئا. اُتان جي راجا ڀاسڪر ورمن سان هرش وردن سان دوستيءَ جو ناتو هو. هرش وردن پنهنجو ايلچي چيني دربار ۾ موڪليو هو. هُن چيني سمراٽ سان بہ دوستيءَ جا ناتا ناهيا هُئا. هُن پنهنجي راڄڌاني قنوج ۾ اِستاپت ڪئي، سندس وقت ۾ واپار ۾ واڌارو ٿيو. راڄ جي ڪمائيءَ جو گهڻو حصو هوُ پرجا جي ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪندو هو. هر پنجين سال هوُ پنهنجي سڄي دؤلت پرجا ۾ دان ڪري ڇڏيندو هو.

هرش وردن جي دربار جي راڄ ڪوي باڻ ڀٽ، هرش وردن جي جيون تي آڌارت ڪتاب ’هرش چرت‘ لکيو. ان ڪتاب مان هرش وردن جي ايامڪاريءَ جي ڄاڻ ملي ٿي. هرش وردن بُڌ ڌرم اپنايو هو. هُن ٻين ڌرمن کي بہ آڌار ڏنو. هرش وردن ’رتناولي‘، ’ناگانند‘ ۽ ’پريہ درشڪا‘ اهي ٽي سنسڪرت ناٽڪ لکيا. هن جي وقت ۾ ’يوئان شوانگ‘ نالي ٻوڌي ڀِڪشوُ چين مان ڀارت آيو هو. هوُ سڄو ڀارت ڦِريو. هوُ نالندا وشوودياليہ ۾ ٻہ - ٽي سال رهيو. چين وڃي هُن ٻوڌي گرنٿن جو چيني ڀاشا ۾ ترجمو ڪيو.



يوئان شوانگ

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

يوئان شوانگ ڀارت ۾ ڦريو، هُن مهاراشٽر جي ماڻهن لاءِ سُنيوُن ڳالهيون چيو آهن، هُن چيو آهي، ”مهاراشٽر جا ماڻهو خودار آهن. ڪنهنجي ڪيل ڀلائيءَ کي هميشهہ ياد رکندا آهن، پر ڪو سندن اپمان ڪندو آهي تہ هوُ ڪنهنجي پرواهہ نہ ڪندا آهن. مُصيبت ۾ ڦاٿل ماڻهوءَ کي پنهنجي جان تي کيڏي بہ مدد ڪندا آهن، شرڻ ۾ آيل کي هوُنقصان نہ رسائيندا آهن.“



**نالندا وشوودياليه**

### ٨.٦ اُتر - اوپر ڀارت جو حڪومتون

اُتر اوپر ڀارت جي مٿپور پرديش جي ’اُلوپي‘ راڄ ڪنيا جو وواهه ارجن سان ٿيڻ جي ڪٿا مهاڀارت ۾ ٻڌايل آهي. ع. س جي چوٿين صديءَ ۾ ’ڪامروپ‘ راڄ اُڀريو، ان راڄ کي برپا ڪندڙ پُشيه ورمن هو. سمدر گپت جي لوهي ٿنڀي تي سندس ذڪر ٿيل آهي. ڪامروپ جي راجائن بابت ڪيترائي ليکه اُڪريل آهن. مهاڀارت ۽ رامائڻ مهاڪاوين ۾ ڪامروپ جو ذڪر ’پراگ جوتش‘ نالي آيل آهي. جنهن جي راڄڌاني ’پراگ جوتشپور‘ هُئي. اهو ئي شهر اڄ جي آسام راڄيه جو گوهاٽي شهر آهي. ’پيري پلس آف ايريٿرين سي‘ ڪتاب ۾ انجو ذڪر ’ڪرهاديا‘ يعني ’ڪرات ماڻهن ۾ پرديش‘ نالي آيل آهي. ڪامروپ راڄ برهمپترا نديءَ جي ماٿريءَ، ڀوٽان، بنگال ۽ بهار جي ڪُجهه ڀاڱن ۾ ڦهليل هو. يوئان شوانگ ڪامروپ راڄ ۾ به ويو هو. ان وقت اُتان جو راجا ’ڀاسڪر ورمن‘ هو.

هن باب ۾ اسين مؤريه ڪال کانپوءِ اُتر ڀارت جي الڳ الڳ حڪومتن جي ڄاڻ حاصل ڪئي. اُن وقت اُتر اوپر ڀارت جي حالتن بابت به پڙهيوسين. ايندڙ باب ۾ اسين ساڳئي وقت ڏکڻ ڀارت جي حڪومتن بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

ڀارتيه پرمپرا موجب ڪشمير جو قديم نالو ’ڪشيپپوُر‘ هو. گريڪ اتهاسڪارن انجو ذڪر ’ڪيسپپيراس‘، ڪيسپيٽراڪ ۽ ڪيسپيريا نالن سان ڪيو آهي. مهاڀارت جي وقت ۾ اُتي ڪمبوج گهراڻو راڄ ڪندو هو، ائين لکيل آهي. سمراٽ اشوڪ جي وقت ۾ ڪشمير مؤريه راڄ ۾ شامل ٿيل هو. ع.س جي ستين صديءَ ۾ اُتي ڪرڪوٽ گهراڻي جو راڄ هو. ڪَلهڻ پنهنجي ڪتاب راڄ ترنگڻيءَ ۾ ان بابت لکيو آهي.

## اڀياس

**١. هيٺين بابت ٻڌايو.**

١. پارٽ ۾ سونا سڪا ضربڻ جي شُروعات ڪندڙ راجا.

٢. ڪنشڪ جو ڪشمير ۾ وسايل شهر.

٣. ويڻا وڄائڻ ۾ ماهر راجا.

٤. ڪامرُوپ يعني ڪهڙو شهر.

**٢. باب جي نقشن کي جاچي گپت راڄ جي هاٺوڪي شهرن جي ياداشت ٺاهيو.**

**٣. پاڻ ۾ ويچار ڪري لکو.**

١. سمرات ڪنشڪ

٢. مهروليءَ جو لوهي ٿنڀو.

**٤. باب ۾ آيل گرنٿن ۽ اُنهنجي ليکڪن جي نالن جي ياداشت ٺاهيو.**

**٥. هيٺين مُدن تي آڌار تي گُپت ۽ وردن راڄ گهراڻي وچ ڀيٽ ڪريو.**

| مُدا | گپت گهراڻو | وردن گهراڻو |
|---|---|---|
| استاپن ڪندڙ | | |
| وستار ڪندڙ | | |
| ڪم | | |

**٦. ڏنل اکري پُڇهارت حل ڪريو.**



**اُڀا لفظ**

٢. ----- جي بهادري جو ورڻن پرياگ (الله باد) جي ٿنڀي تي آهي.

٣. مهروليءَ جي ٿنڀي تي ----- راجا جو ذڪر آهي.

٥. پُشيہ ورمن جو استاپن ڪيل راڄ -----

٧. ----- جي دربار ۾ ٻاڻ ڀٽ ڪوي هو.

٨. مشهوُر اندو-گريڪ راجا ------

**آڏا لفظ**

١. گپت گهراڻي جو راڄ اُتر اولهه ۾ وڏائيندڙ -----

٤. هرش وردن جو هڪ سنسڪرت ناٽڪ ---

٦. گپت گهراڻي جو سنستاپڪ -----

٩. ----- جو وواهه واڪاٽڪ گهراڻي جي رودرسين ٻئين سان ٿيو.

١٠. چندر گپت ٻين جي وقت ۾ پارٽ ۾ آيل ٻوڌي ڀڪشو. ---------

١١. ڪنشڪ جي دربار ۾ مشهوُر ويد -----

**مشغوُلي.**

مؤريہ سامراجيہ ڪانپوءِ وارن راجائن جي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪيو. توهانکي وڻندڙ راجا جو پارٽ ڪلاس ۾ ادا ڪريو.

✠✠✠

# ٩ - ڏکڻ ڀارت جا پراچين راڄ

٩.١ چيرن، پانڊيہ ۽ چول راڄ گهراڻا

٩.٢ ساتواهن راڄ گهراڻو.

٩.٣ واڪاٽڪ راڄ گهراڻو.

٩.٤ چالوڪيہ راڄ گهراڻو.

٩.٥ پلَوَ راڄ گهراڻو

٩.٦ راشٽر ڪوٽ راڄ گهراڻو.




ڪري ڏسو.

ڀارت جي خاڪي نقشي ۾ ڏکڻ ڀارت جا اهميت وارا هنڌ ڏيکاريو.

### ٩.١ چيرن، پانڊيہ ۽ چول راڄ گهراڻا.

ڏکڻ جي پراچين حڪومتن مان ٽن حڪومتن جو ذڪر ساهتيہ ۾ اچي ٿو. اهي حڪومتون آهن

چير، پانڊيہ ۽ چول. اهي حڪومتون ع.س کان چار صديون اڳ يا اُن کان بہ پهريان راڄ ڪنديون هيون انهن جو ذڪر رامائڻ، مهاڀارت مهاڪاوين ۾ بہ آيل آهي. تامل ڀاشا جي سَنگهر ساهتيہ ۾ بہ انهن حڪومتن جو ذڪر ٿيل آهي. موريہ سمراٽ اشوڪ جي ليکن ۾ بہ اُن جو ورنن ٿيل آهي. ’پيريپلس آف د ايريٿرين سي‘ ڪتاب ۾ چيل آهي تہ ’مُزيرس‘ بندر ڪيرل جي ڪناري تي هڪ اهميت ڀريو بندر آهي. اهو بندر چير راڄ ۾ هو. مُزيرس بندر تان مصالحا موتي، قيمتي پٿر وغيره شيون اٽليءَ جي روم ۽ ٻين مُغربي ديشن ڏانهن روانگي ڪيون وينديون هيون. پانڊيہ راڄ اڄ جي تامل‌ناڊوءُ راڄيہ ۾ ڦهليل هُئو. اُتان جي عُمدن موتين جي گهڻي گُهر هُئي. پانڊيہ راڄ جي راڄڌاني مَدُرائي هُئي. چولن جو راڄ تامل‌ناڊوءَ ترچرا پليءَ جي آس پاس ڀاڱن ۾ هو.

## ۹.۲ ساتواهن راڄ گهراڻو.

مؤريہ سلطنت جي زواليت کانپوءِ اُتر ڀارت وانگر مهاراشٽر، آنڌر پرديش ۽ ڪرناٽڪ راڄين ۾ بہ مڪاني راڄا آزاد ٿي ويا. اُنهن پنهنجا ننڍا راڄ استاپن ڪيا. اُنهن مان هڪ ساتواهن راڄ گهراڻو هو. پرتشٺان يعني پئٺڻ سندن راڄڌاني هُئي، راڄا سِمُڪ ساتواهن حڪومت برپا ڪندڙ هو. پڻي ضلعي جي جُنر ويجهو ناڻي گهاٽ جي غفائن جي اُڪريل ليکن ۾ ان گهراڻي جي وڏن ماڻهن جا نالا آهن، ڪي ساتواهن راڄا پنهنجي نالي اڳيان ماءُ جو نالو لکندا هُئا مثال، گوتمي پٽ ساتڪرٽي.

ساتواهن گهراڻي مان گوتمي پٽ ساتڪرٽي مشهوُر آهن. هُنجي بهادُريءَ جو ورڻن ناشڪ غفائن جي اُڪريل ليکن ۾ ڪيل آهي. هن شَڪ راڄا نهپان کي هارايو هئو.



### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**ناڻيگهاٽ:** پڻي ۽ ٺاڻي ضلعن جي حدن وٽ هوُندڙ گهاٽ رستو (جنر - مُرباڙ رستو) ناڻي گهاٽ نالي ڄاتو ويندو آهي. اهو پنج ڪلوميٽر ڊگهو گهاٽ، بہ هزار سال اڳ ساتواهن راڄائن جي وقت ۾ ناهيو ويو. پهرين اهو گهاٽ ديش ۽ ’ڪوڪڻ جي وچ ۾ مُکيہ واپاري رستو هو. واپار ۽ آمدرفت لاءِ اهو رستو استعمال ٿيندو هو. اُڪريل متڪو اڄ بہ اُتي ڏسڻ ايندو آهي. انهن غفائن ۾ ساتواهن راڄائن جوُن مورتيوُن ۽ پراچين شلا ليکہ آهن. راڄا ۽ راڻي جي ڏنل دان جو ورڻن شلا ليکن ۾ ڪيل آهي.

ناسڪ جي ليکن ۾ گوُتم پٽ جو ذڪر ’ترسمدر تويہ پييت واهن‘ ائين ڪيل آهي. تويہ مطلب پاڻي. راڄا جو واهڻ گهوڙو هو. انجو مطلب آهي ’جنهن جي گهوڙن ٽن سمنڊن جو پاڻي پيتو آهي.‘ ٽي سمنڊ آهن عربي سمنڊ، بنگال جو اُپسمنڊ ۽ هندي وڏو سمنڊ. هُنجي اياماڪاريءَ ۾ ساتواهن حڪومت اُتر ۾ نرمدا نديءَ کان ڏکڻ ۾ تُنگڀدرا نديءَ تائين ڦهليل هو.

هال نالي ساتواهن راڄا جو مهاراشٽريہ ان پراڪرت ٻوليءَ ۾ ’گاٿا سَپتشتي‘ ڪتاب مشهور آهي. ان ۾ ساتواهن ڪال جي لوڪ جيون جي ڄاڻ ڏنل آهي.

ساتواهن ڪال ۾ ڀارتي واپار ۾ واڌارو ٿيو. مهاراشٽر جي پئٺڻ، تير، پوڪردن، ڪولهاپور شهر واپاري مرڪز جي لحاظ کان اهميت ڀريا هئا. اُتي ڪيتريوُن ئي ڪلاتمڪ شيوُن ٺهڻ لڳيوُن. ڀارتي شيوُن روم تائين موڪليوُن ويندڀون هيوُن ڪن ساتواهن سڪن تي جهاز جون شڪليوُن آهن.

مهاراشٽر جي اجنتا، ناسڪ، ڪارلي، ڀاجي، ڪانهيري، جُنر وغيره غفائن مان ڪي ساتواهن راجائن جي وقت ۾ کوٽايون ويون.



جهاز جي شڪل هوندڙ ساتواهن سڪو.



ڪارلي جو چئتيه گهر.

### ٩.٣ واڪاٽڪ راڄ گهراڻو.

عيسوي سن جي ٽين صديءَ جي شروعات ۾ ساتواهن گهراڻي جي طاقت گهٽجي ويئي. ان کانپوءِ اُسريل حڪومتن ۾ واڪاٽڪ طاقتور حڪومت هُئي. ان گهراڻي جو سنستاپڪ ’ونڌيه شڪتي‘ راجا هو. هُن کانپوءِ پرورسين پهريون راجا ٿيو. هُن کانپوءِ راڄ ورهائجي ويو. اُنهن ۾ ٻه مُکيه ڀاڱا هُئا. هڪ ڀاڱي جي راڄڌاني نندي ورڌن (ناگپور ويجهو) هُئي، ٻئي ڀاڱي جي راڄڌاني وتسگُلم (هاڻوڪو واشم ضلعو) هُئي، ونڌيه شڪتيءَ جي پُٽ پرورسين پهرئين راڄ وڌايو. هُنجي وقت ۾ واڪاٽڪ حڪومت اُتر ۾ مالوا ۽ گُجرات کان ڏکڻ ۾ ڪولهاپور تائين ڦهليل هو. ڪولهاپور جو اُن وقت جو نالو ’ڪُنتل‘ هو. گُپت سمراٽ، چندرگُپت ٻئين جي ڌيءُ پرڀاوتيءَ جو وواهه رُودرسين ٻئين سان ٿيو هو، اها ڄاڻ اسين اڳ ۾ ئي ورتي آهي. واڪاٽڪ راجا ’هر يشيڻ‘ جو ’وراهه ديو‘ نالي منتري هو. هوُ ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ هو. اجنتا ۾ ١٦ نمبر غفا هُن کوٽائي هُئي.



اجنتا جي هڪ غُفا

اجنتا جي ڪجهه ٻين غفائن جي ٻه کوٽائي ۽ اُهي چترن سان سجائڻ جو ڪم هُر يشيڻ جي وقت ۾ ٿيو. واڪاٽڪ راجا پروسين ٻئين ’مهاراشٽريه‘ ان پراڪرت ڀاشا ۾ ’سيتو بنڌ‘ ڪتاب لکيو.



اجنتا غفائن ۾ ٻوڌي سَتو پدم پاڻي.

ڪاليداس جو ’ميگھدوُت‘ ڪاويہ بہ ان ئي وقت جو آهي.

**۹.۴. چالوُڪيہ راڄ گھراڻو.**

ڪرناٽڪ جي چالوڪيہ حڪوُمت طاقتور هئي، واڪاٽڪ حڪوُمت ڪانپوءِ اُيريل راڄن ۾ ڪَدنب، ڪلچُري وغيره حڪوُمتون هُيوُن. انهن سڀني راڄن تي چالوڪيہ راڄائن پنهنجو راڄ قائم ڪيو.

پُلڪيشي پهرئين عيسوي سن جي ڇهين صديءَ ۾ چالوڪيہ حڪومت جي استاپنا ڪئي. ڪرناٽڪ ۾ بدامي هُنجي راڄڌاني هُئي. بداميءَ جو قديم نالو ’واتاپي‘ هئو. چالوڪيہ راڄا پُلڪيشي ٻئين، هرش ورڌن سمرات جي حملي جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو هو. بَدامي، ايهولي، پٽدڪل جا مشهوُر مندر چالوڪين جي ايامڪاريءَ ۾ ٻڌا ويا.



پٽدڪل جو مندر

**۹.۵ پَلَو راڄ گھراڻو.**

پلو حڪوُمت ڏکڻ ڀارت جي مُکيہ حڪومت هئي، تاملنادوءَ ۾ ڪانچيپوُرم سندن راڄڌاني هُئي.



مھابليپورم جو رَٿُ مندر

مهيندر ورمن هڪ قابل پَلَو راجا هو. هُن پَلَو راڄ جو وستار ڪريو. هوُ پاڻ هڪ ناٽڪ نويس بہ هو. مهيندر ورمن جي پُٽ نرسنهن ورمن، چالوڪيہ راجا پُلڪيشي ٻئين جو حملو ناڪامياب ڪري ڇڏيو. هُن جي وقت ۾ مهابليپورم جي مشهور رٿ مندرن کي کوٽايو ويو. اهي مندر يڪي پٿرن کي اُڪري ٺاهيا ويا آهن.

پلو راجائن جي آرمارُ مضبوطُ ۽ هميشه تيار هوندي هُئي. سندن وقت ۾ ڀارت جا ڏکڻ اوڀر وارن ديشن سان ناتا جُڙيا. ديش اندر ۽ ٻاهرئين واپارر ۾ واڌارو ٿيو. يوُٽان شوانگ ڪانچي بہ ويو هو. هُن جو چوڻ هو تہ پلو راجائن جي وقت ۾ سيني ڌرمن جي ماڻهن سان همدردي ۽ نياوَ سان ورتاءُ ڪيو ويندو هو.

### ٩.٦ راشٽر ڪوُٽ راڄ گهراڻو.

راشٽر ڪوت راڄ گهراڻو جڏهن اڀ‍ُج تي هو تڏهن سندن حڪوُمت ونڌيہ جبلن کان ڏکڻ ۾ ڪنيا ڪُماريءَ تائين ڦهلجي ويئي هُئي. دنتي دُرگ راجا پهريائين انهن جي حڪوُمت مهاراشٽر ۾ اسٿاپت ڪئي. راجا ڪرشڻ پهرئين ويروُل جو مشهوُر ڪئلاش مندر کوٽايو.

هاڻي تائين اسان پراچين ڀارت جي الڳ الڳ حڪوُمتن جي ڄاڻ حاصل ڪئي. ايندڙ باب ۾ اسين پراچين ڀارت جي سماجڪ ۽ سياسي جيون جو جائزو وٺنداسين.



ويروُل (ايلورا) جا ڪئلاش مندر

## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**پيريپلس آف د ايريٿرين سي:**

پيريپاس يعني ڄاڻ جو ڪتاب ايريٿرين سي مطلب ڳاڙهو سمنڊ گريڪ ماڻهن جي ويچار موجب هندي وڏو سمنڊ ۽ ايران جي نار اهي ڳاڙهي سمنڊ جا ٽي ڀاڱا هئا. 'پيريپلس آف ايريٿرين سي' يعني 'ڳاڙهي سمنڊ جي ڄاڻ جو ڪتاب' اهو ڪتاب عيسوي سن جي پهرين صديءَ جي آس پاس لکيو ويو. هيءَ ڪتاب لکندڙ سيلاني ايجپٽ جو رهاڪوُ هو. پارٿ جو ساموُنڊي ڪنارو، ايران جي نار ۽ ايجپٽ وچ ۾ ٿيندڙ واپار جي ڄاڻ ان ڪتاب ۾ ملي ٿي. بيريگازا يعني ڀڙوچ، نالا - سوپارا، ڪلياڻ، مُزيرس وغيره بندرن جو ذڪر پيريپلس ۾ ٿيل آهي. مُزيرس ڪيرل جي ڪوچين ويجهو پراچين بندر هو. اڄ انجو وجود ڪونه آهي.

## اڀياس

**۱. هيٺين بابت ڄاڻايو.**

۱. ساتواهن راڄا پنهنجي نالي اڳيان ڪنهنجو نالو لکندا هُئا.

۲. ڪولهاپور جو پراچين نالو -

**۲. باب جي نقشن جي جاچ ڪري هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.**

| پَلَو | ڪانچي |
|---|---|
| ---- | ايهول، بدامي، پٽدڪل |
| ساتواهن | ---- |

**۳. هيٺين حڪومتن ۽ راڄڌانين جي ورهاست ڪريو.**

ساتواهن، پانڊيہ، چالوڪيہ، واڪاٽڪ، پَلَو، مَدُرائي، پرتشٺان، ڪانچيپوُرم، واتاپي

| نمبر | حڪومت | راڄڌاني |
|---|---|---|
| ۱. | | |
| ۲. | | |
| ۳. | | |
| ۴. | | |

**۴. باب جي ڪن ٻہ ٽن چٽرن کي جاچي انهن جي ڄاڻ پنهنجن لفظن ۾ لکو.**

**۵. هيٺين سوالن جا جواب هڪ هڪ جُملي ۾ لکو.**

۱. ڏکڻ ۾ پراچين حڪومتن ڪهڙيون هيوُن؟

۲. موُريہ سامراڄيہ جي زواليت ڪانپوءِ ڪهڙي پرديش جا مڪاني راڄا آزاد ٿي ويا؟

**۶. ٿوري ۾ جواب لکو.**

۱. مهيندر ورمن ڪهڙا ڪم ڪيا؟

۲. ترسمدر تويہ پيٽ واهن جو مطلب سمجهايو.

۳. مُزيرس بندر تان ڪهڙيون شين جي روانگي ٿيندي هُئي؟

**مشغوُلي:**

باب ۾ آيل چٽرن کي گڏ ڪريو ۽ اُنهنجي ڄاڻ جو اسڪوُل ۾ نماءُ رکو.

✠✠✠

HCFG4F

# ١٠ - پراچين پارت : سپيتنڪ

١٠.١ ڀاشا ۽ ساهتيه
١٠.٢ لوڪ جيون
١٠.٣ وگيان
١٠.٤ سکيا جا مرڪز
١٠.٥ عمارت سازي ۽ ڪلا.

## ١٠.١ ڀاشا ۽ ساهتيه

پراچين ڀارت ۾ ساهتيه لکڻ جو سلسلو لڳاتار هلندو رهيو. سنسڪرت، ارڌ ماگڌي، پالي ۽ تامل ڀاشائن ۾ ساهتيه لکيو ويو. ان ۾ ڌرمي گرنٿ، وياڪرڻ جا ڪتاب، مهاڪاويه، ناٽڪ، ڪهاڻيون وغيره الڳ الڳ قسمن جو ساهتيه لکيو ويو.

**سنگهم ساهتيه:** سَنگهم يعنيٖ ودوان ساهتيڪارن جي سڀا. انهن سڀائن ۾ لکيل ساهتيه کي سنگهم ساهتيه چوندا آهن. اهو تامل ساهتيه جو سڀ کان پراچين ساهتيه آهي. ان ۾ 'سِلَپڌ کَرم' ۽ 'مُڻي ميڪلائي' اهي مهاڪاويه مشهوُر آهن. سنگهم ساهتيه وسيلي ڏکڻ ڀارت جي پراچين ڪال جي راڄنيتڪ ۽ سماجڪ جيون جي ڄاڻ ملي ٿي.

**ڌرمي ساهتيه:** ان ۾ آگم گرنٿ، تپٽَڪ ۽ ڀڳوت گيتا گرنٿ مُکيه آهن. 'جَين آگم گرنٿ' ارڌماگڌي، شورسيني ۽ مهاراشٽريه انهن پراڪرت ٻولين ۾ لکيل آهي. آگم گرنٿ ۾ ورڌ مان مهاوير جا اُپديش گڏ ڪيل آهن، اَپڀرنش ڀاشا ۾ مهاپُراڻ، مهان انسان ۽ ڪٿا وغيره ساهتيه آهي. سِڌ سين دِوڪارَ 'سَمئي سُت' نالي سان نِياءُ شاستر بابت ڪتاب پراڪرت ۾ لکيو. وِمَل سُوريءَ 'پَئمَڇرِيَه' پراڪرت ڪاويه ۾ رام ڪٿا ٻُڌائي آهي، 'هريڀدرسوُريءَ' جو 'سمرائچڪها' ۽ اُديوتن سوُريءَ جو 'ڪُولُ يمالا ڪها' ڪتاب به مشهور آهن.



### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

اُتر ڀارت کان مهاراشٽر تائين پرديشن ۾ هلندڙ گهڻيون ئي ٻوليون پراڪرت ۽ سنسڪرت ٻولين مان نڪتيوُن آهن، ائين مڃيندا آهن. پراڪرت لفظ 'پرڪرت' لفظ مان نهيو آهي. پراڪرت مطلب قُدرتي. ماڻهوُ پراڪرت ٻوليون روزاني زندگيءَ ۾ ڪم آڻيندا هئا. پراڪرت ڀاشا پئشاچي، شوُرسيني، ماگڌي ۽ مهاراشٽريه انهن چئن ڀاڱن ۾ ورهائي ويندي آهي، مهاراشٽريه مان مراٺي نهي آهي، اهڙيءَ ريت پراڪرت ڀاشا مان مراٺيءَ جهڙين جديد ڀاشائن جي وڪاس جي ترتيب ۾ انهن ڀاشائن جي مول روُپ ۾ بدلاوَ ٿيا. انهن کي 'اَپڀرنش ڀاشائوُن' چيو ويو. اپڀرنش ڀاشائن مان جديد ڀاشائن جو وڪاس ٿيو. ڀاشائن مان جديد ڀاشائن جو وڪاس ٿيو.

تپٽڪن ۾ ٽي پٽڪ آهن. پٽڪ معنيٖ پيتي، هتي اُنجو مطلب ڀاڱا آهن. تپٽڪ پالي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. انهن ۾ ٽن قسمن جا ساهتيه آهي.

١. **سُتپٽڪ:** ان ۾ گوُتم ٻُڌ جا وچن گڏ ڪيل آهن. انهن وچنن کي 'سوُڪت' چوندا آهن.

٢. **ونيه پٽڪ:** هتي ونيه لفظ جو مطلب نيم آهي. ان ۾ ٻوڌي ڀکن کي ڪيئن هلڻ گهرجي، ان بابت نيم ڏنل آهن.

٣. **اَڀِڌَم پٽڪ :** ان ۾ ٻُڌ ڌرم جي فيلسوُفي ٻڌايل آهي، تپٽڪن جي سمجهاڻي ڏيندڙ 'اٿ ڪٿا' (ارٿ ڪٿا) گرنٿ مشهوُر آهي. ودوان عؤرتن پنهنجن آزموُدن جا ڪتاب لکيا. اُنهن ڪتابن کي 'ٿوري گاٿا' چوندا آهن. اهي پالي ڀاشا ۾ لکيل آهن. هِندن جو پوتر گرنٿ 'ڀڳوت گيتا' مهاڀارت جو ئي هڪ حصو آهي. 'ڦَلَ جي اِڇا نه رکي هر ڪنهن کي پنهنجو ڪرم ڪرڻ گهرجي.

ائين ڀڳوت گيتا ۾ چيل آهي. ان ڪانسواءِ ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ جو رستو سيني لاءِ کليل آهي.

عيسوي سنه اٺين صديءَ ۾ آدي شنڪراچاريه ٿي گذريا آهن. گيان ۽ ويراڳ انهن ڳالهين تي هن زور ڏنو. 'اُپنشد'، 'برهم سوٽر' ۽ 'ڀڳوت گيتا' گرنٿن تي سمجهاڻيءَ جا ڪتاب لکيا. ڀارت جي چئن طرفن ۾ بدري ناٿ، دوارڪا، جڳنناٿ پُري ۽ شرنگيري هنڌن تي مَٺ اسٿاپت ڪيا.



آدي شنڪر آچاريه.

ارٿ شاستر نالي ڪتاب ڪوٽليه لکيو. هُن ان ڪتاب ۾ سُٺي ڪاروباري سرشتي بابت لکيو آهي.

**وياڪرڻ گرنٿ:** وياڪرڻ جي ودوان 'پاڻني' دوارا لکيل 'اَشٽاڌيايي' سنسڪرتي وياڪرڻ جو آڌار گرنٿ مڃيو وڃي ٿو. پتنجليءَ 'مهاڀاشيه' ڪتاب لکيو. ان ڪتاب ۾ پاڻنيءَ جي اشٽاڌيايي ڪتاب جي سوٽرن جي سمجهاڻي ڏنل آهي.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

**ارٿ شاستر:** ڪوٽليه ارٿ شاستر ڪتاب لکيو. هن ڪتاب ۾ راجا جا فرض، منتري چونڊڻ جي ڪسوٽي، حفاظتي سرشتو، قلعن جا قسم، سئنا جي رچنا، جاسوسي سرشتو، خزاني ۽ ڪاڄرن جو بندوبست، نياءُ سرشتو، چوريءَ جي جاچ، سزائن جا قسم وغيره ڪاروباري ڳالهين بابت تفصيلوار چرچا ڪيل آهي.

**آرش ۽ اُتم مهاڪاويه:** 'رامائڻ' ۽ مهاڀارت پراچين ڀارت جا ٻه آرش مهاڪاويه آهن. آرش معني رشين دواران رچيل. 'رامائڻ' مهاڪاويه 'والميڪي' رشيءَ لکيو. رامائڻ ڪٿا جو مهانايڪ شري رام آهي. مهاڀارت مهاڪاويه وياس رشيءَ لکيو. ان جو وشيه ڪورو ۽ پاندون وچ ۾ يُڌ آهي. ان مهاڪاويه ۾ شري ڪرشڻ جو ورڻن آهي. مهاڀارت ۾ الڳ الڳ انساني ڀاونائن ۽ انهن جي نتيجن جو اثردار نموني ورڻن ٿيل آهي.

ڀاشا، ساهتيه ۽ ڪلا جو ڪو عرصو اهڙو هوندو آهي جنهنجو ناماچار هميشهه رهندو آهي، ان عرصي ۾ نهيل ساهتيه، ڪلا وغيره کي اُتم ساهتيه چئجي ٿو. سنسڪرت ڀاشا ۾ لکيل ڪاليداس جو 'رگهوونش' ۽ 'ڪُمارسَنڀوَ' جو ڀارويءَ جو لکيل 'ڪِراتار جُنيه' ۽ ماگهه جو 'شِشُپال وَڌ' اهي پراچين وقت جا مهاڪاويه مشهوُر آهن.

**ناٽڪ:** ڳائڻ، وڄائڻ ۽ ناچ وسيلي ڪا ڪهاڻي پيش ڪرڻ ڀارت جي جهوني پرمپرا آهي. ڀرت مُنيءَ دواران لکيل 'ناٽيه شاستر' ڪتاب ۾ انهن ڪلائن بابت تفصيلوار ٻڌايل آهي. انهن ڪلائن ۾ جڏهن گفتگوُ به جوڙجي ٿي ته اهو ناٽڪ ٿئي ٿو. پراچين سنسڪرت ناٽڪن ۾ ڀاس جو رچيل

’سَوپن وا سودت‘، ڪاليداس جو ’ا ڀگيان شڪُنتلا‘ ناٽڪ مشهورُ آهن.

**ڪهاڻيُون:** پراچين ڀارت ۾ ڪهاڻين جو اُپيوگ وندر رستي سکيا ڏيڻ لاءِ ٿيندو هو. گُڻاڙهيه جو پئشاچي‘ ڀاشا ۾ لکيل ’برهتڪٿا‘ ڪتاب مشهور آهي. وشنُو شرما نالي پنڊت جو لکيل ’پنچتنتر‘ ڪتاب ڪهاڻين جو عُمدو مثال آهي. اُن ڪتاب جو گهڻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. ٻوڌي جا تڪ ڪهاڻيُون به مشهورُ آهن.



**ڪري ڏسو.**

پنچتنتر جي ڪا ڪهاڻي حاصل ڪري اُنکي ناٽڪ روپ ۾ پيش ڪريو.

## ۱۰.۲ لوڪ جيون

پراچين ڀارت جي ساهتيه مان اُن وقت جي لوڪ جيون جي ڄاڻ ملي ٿي. پراچين ڀارت ۾ ديش اندر توڙي پرڏيهي واپار سبب خوشحالي هُئي. سماج اَلڳ الڳ جاتين ۾ ورهايل هو. ڪاريگرن ۽ واپارين جا سنگهه هئا. اُنهن کي شريڻي چوندا هئا. واپار ساموندي‌ءِ خُشڪي رستي ٿيندو هو. مُلايم ڪپڙو، هاٿي ڏند، قيمتي رتن، مصالحا، عُمدا مٽيءَ جا برتن، وغيره شين کي وديشن ۾ خوب گهر هُئي. چانور، جَوَ، ڪڻڪ ۽ مَسوُر مُکيه فصل هُئا. ماڻهن جي کاڌي ۾ انهن اناجن مان ٺهيل شيون ۽ ماس، مڇيُون، کير، گيهه ۽ ڦل شامل هُئا. ماڻهوُ گهڻو ڪري سوٽي ڪپڙا پهريندا هُئا. ان کانسواءِ ريشمي ۽ اوني ڪپڙا به واپرائيندا هُئا. اهي ڪپڙا ڌوتي، کُلهي تي انگوڇو، پٽڪو ۽ ساڙهيءَ وانگر هُئا. ڪُشاڻن جي وقت ۾ ڪپڙا سِبڻ جو هُنر ڀارتي ماڻهن سکيو.

## ۱۰.۳ وگيان

**طِبُّ (دوائن جو شاستر):** ڀارتيه طِب کي ’آئرِويد‘ چيو ويندو آهي. آئرِويد جي جهونُي روايت آهي. آئرِويد ۾ بيماريءَ جا لڇڻ، اُنجو ڄاچ ۽ علاج وغيره بابت ويچار ڪيل آهي. ان سان گڏ اهو به ويچار ڪيل آهي ته بيماري نه ٿيڻ لاءِ ڇا ڪجي. بِنبِسارَ جي دربار ۾ جيوڪ مشهور وَڏ هو. چَرڪ سنهِتا‘ ڪتاب ۾ علاج وگيان ۽ دوائن بابت تفصيلوار ڄاڻ ڏنل آهي. اهو ڪتاب چَرڪَ لکيو. سُشرت نالي جُراح (surgeon)- ’سُشرت سَنهِتا‘ ۾ بيمارين جي ڄاچ ۽ اُنهنجي علاج بابت لکيو آهي. الڳ الڳ ڪارڻن سبب ٿيندڙ زخم. هڏي ٽُٽڻ، اُنجا قسم اُنهن تي شستر ڪريا. (operations) جا قسم جو سوچ ويچار ان ڪتاب جي خاصيت آهي. شسرت سُنهتا جو عربي ڀاشا ۾ ’ڪتاب - اي - سُسُد‘ نالي سان ترجُمو ٿيو هو. واڳيٽ به طب بابت انيڪ ڪتاب لکيا. جن ۾ مُکيه آهن ’اشٽانگ سنگرهه‘ ۽ ’اشٽانگ هرديه سَنهتا‘. سِڌ ناگارجن ٻوڌي ڀِکوُ جي لکيل ڪتاب ’رس رتناڪر‘ ۾ ڪيميائي شيوُن ۽ ڌاتن بابت چرچا ڪيل آهي.

**حساب ۽ ٻولار وگيان:** پراچين ڀارتي ماڻهن حساب ۽ ٻولار وگيان وشين جو اونهو اڀياس ڪيو هو. ’ا کان ۹‘ ۽ ’۰‘ (ٻُڙيءَ) جو استعمال سڀ کان پهريون ڀارتي ماڻهن ڪيو. ايڪن، ڏهاڪن موجب انگن جو مُلهه بدلجندو اها پراچين ڀارتي ماڻهن کي ڄاڻ هُئي. آريه ڀٽ نالي ودوان ’آريه ڀٽيه‘ ڪتاب لکيو. هُن حسابن ڪريائن جا ڪيترائي سوُتر ڏنا آهن. آريه ڀٽ ٻولار وگياني به هو، هُن ٻڌايو ته ڌرتي سج جي چوڌاري ڦرندي آهي. عيسوي سنه جي ڇهين صديءَ ۾ وِراهه مِهر ’پنچ سِڌانِتڪا‘ ڪتاب لکيو. ان ۾ ڀارتي ٻولار وگيان جي سڌانتن

سان گڏ گريڪ، رومن، ايجپٽي پولار وگيان سڌانتن جو بہ ويچار ڪيل آهي. عيسوي سن جي ستين صديءَ ۾ برهمگپت جي لکيل ڪتابن جو عربي ڀاشا ۾ ترجمو ڪيو ويو.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

**ڪڻاد:** ڪڻاد 'وئشيشڪ درشن' نالي ڪتاب لکيو. ان ڪتاب ۾ اَڻن پرماڻن بابت لکيل آهي. ڪڻاد موجب دنيا اَڪيچار شين سان ڀريل آهي. اهي شيون يعني اَڻن جا جُدا جُدا روپ. روپ بدلجندا آهن پر اڻا نہ.

## ۱۰.۴ سکيا جا مرڪز:

پراچين ڀارت ۾ سکيا جا انيڪ ناميارا مرڪز هئا. اتي سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ پرڏيهي شاگرد بہ ايندا هئا.

**تکشلا وِشوودياليہ:** تکشلا پراچين ڀارت جي واپاري رستي تي اهم شهر هو. هاڻي اهو پاڪستان ۾ آهي. اُتي مليل پراچين وستوُوديا جي شين مان لڳي ٿو تہ اهو ع.س کان اڳہ ڇهين صديءَ ۾ وسايو ويو. گوتم ٻڌ جو همر وقتي جيوڪ ويد تکشلا وشو وديالیہ ۾ سکيو هو. ع.س. کان اڳہ چوٿين صديءَ ۾ تکشلا جو نالو سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويو هو. موريہ سامراجيہ جو سنستاپڪ چندر گپت موريہ بہ اتي سکيو هو. وياڪرڻ جو ودوان پاڻني، چرڪ ويد بہ اتان جا شاگرد هئا. سِڪندر سان گڏ آيل گريڪ اتهاسڪارن بہ تکشلا بابت لکيو آهي. گريس ۾ ڪٿي بہ اهڙو وشو وديالیہ نہ آهي، ائين انهن لکيو آهي. چيني ٻوڌي ڀڪوُ فاهيان ۴۰۰ع جي آس پاس ڀارت ۾ آيو هو. هو تکشلا بہ ويو هو. ان وشووديالیہ ۾ ويدڪ ساهتيہ، ٻوڌي فيلسوفي، ارٿ شاستر، ترڪ شاستر وغيره الڳہ الڳہ وشين جي تعليم ڏني ويندي هئي.

**واراڻسي:** وَرنا ۽ اَسي اهي گنگا جوُن ٻہ اُپ نديوُن آهن. انهن ٻن ندين جي وچ ۾ وسيل شهر تي واراڻسي نالو پيو. واراڻسيءَ ۾ ويدن ۽ جين، ٻوڌي فيلسوُفيءَ جي سکيا ڏيندڙ مرڪز قديم وقت کان هئا.

**وَلڀي:** گُجرات جي سوراشٽر ۾ ولڀي نالي پراچين نگر هو. ع.س جي پنجينءَ کان اَٺين صديءَ ۾ اهو جين ۽ ٻوڌي ڌرمي گيان جي سکيا جو اهم مرڪز هو. يوئان شوانگہ ۽ اِتسنگہ نالي ٻوڌي ڀکوُ بہ ولڀي ويا هئا.

**نالندا وشووديالیہ:** بهار جي پٽنا شهر ويجهو نالندا وشووديالیہ جا نشان آهن. سمراٽ هرش ورڌن ان وشووديالیہ کي خوُب دانُ ڏنو هو. يوئان شوانگہ ۽ اِسنگہ جي لکيل ورڻن موجب نالندا وشو وديالیہ ۾ هزارين شاگردن جي رهڻ جو بندوبست هو. اُتان جي لئبرريءَ ۾ هزارين ڪتاب هئا. اُتي داخلا وٺڻ لاءِ شاگردن کي امتحان ڏيڻو پوندو هو.



نالندا وشو وديالیہ جي مُهر.

**وڪرم شيلا وشووديالیہ:** وڪرم شيلا وشو وديالیہ، اجوڪي بهار جي ڀاگلپور ويجهو هو. ڌرم پال نالي راجا اُنجي استاپنا ع.س اٺين صديءَ ۾ ڪئي هئي. اُتي ڇهہ وِهار (ٻوڌي مَٺ) هئا. هرهڪ مَٺ ۾ داخل ٿيڻ جو الڳہ دروازو هو.

**ڪانچي:** پَلَو حڪومت جي وقت ۾ (ع.س

چهين صدي) اجوڪي تامل ناڊوءَ جو ڪانچي شهر مُکيہ تعليمي مرڪز هو. اُتي ويدڪ ۽ ٻوڌي گرنٿن جو سِکڻ - سيکارڻ ٿيندو هو.

**١٠.٥ اڏوات ۽ ڪلائُون:** موريہ ۽ گُپت زماني ۾ ڀارتي اڏاوتي ڪلا جو وڪاس اوڄ تي پهتو. سمرات اشوڪ جا ٿپي ٿپي تي کڙا ڪيل ٿنبا ڀارتي شلپ ڪلا جو بهترين مثال آهي. اهو سلسلو سانچيءَ جو اسٽوپ ۽ اديہ نگري، کنڊ گري ڪارلي، ناسڪ، اجنتا ۽ ويرول جي غفائن وسيلي لڳاتار هلندو رهيو. گُپت زماني ۾ ڀارتي مُورتي ڪلا جو وڪاس ٿيو. ڏکڻ ڀارت ۾ چالوڪيہ ۽ پَلو حڪومتن وقت مندرن جي اڏاوت ڪلا جو وڪاس ٿيو. مهابليپوُرم جو مندر انجو شاهد آهي. پلو حڪومت وقت ديوي ديوتائن جوُن ڪُٽ جوُن مورتيوُن ناهڻ جي شروعات ٿي، دهليءَ ويجهو مهروليءَ ۾ گپت ڪال جي لوهي ٿنبي مان ڄاڻ



سانچي اِسٽوپ

پوي تي تہ پراچين ڀارتي ماڻهن جو ڌاتوُ وگيان ڪيترو وڌيل هو.

پراچين ڀارتي سيپتا پري پاڳي ۽ اوڄ تي رسيل هُئي، اهو اسان پڙهيوسين ايندڙ باب ۾ اَسان ڀارتي سيپتا جو دُنيا جي ٻين سيپيتائن سان آيل سنبنڌن ۽ اُنجي دورُ گامي نتيجن بابت پڙهنداسين.



مهروليءَ جو لوهي ٿنبو



نٽراج جي ڪُٽ جي مُورتي

## اَڀياس

**١. هرهڪ سوال جو هڪ جُملي ۾ جواب لکو**

١. پراچين پارتيہ وشوودياليہ جي ياداشت ناهيو.

٢. ڪهڙين پراچين پارتي شين کي بين ديشن ۾ گُهر هُئي؟

**٢. نالا لکو.**

پراچين پارت جا مهاڪاويہ -----

**٣. خالن ۾ مُناسب لفظ پريو.**

١. رامائڻ مهاڪاويہ ----- رِشيءَ لکيو.

٢. پارتي طب کي ----- چئجي ٿو.

٣. ----- وشو وديااليہ ۾ هزارين شاگردن جي رهڻ جو بندوبست هو.

**۴. ٿوري ۾ جواب لکو:**

١. ٽپٽڪ جي معنيٰ سمجهايو.

٢. ڀڳوت گيتا ۾ ڪهڙو سنديش ڏنل آهي؟

٣. آيرويد ۾ ڪهڙين ڳالهين بابت ويچار ڪيل آهي؟

۴. سنگهم ساهتيہ معنيٰ ڇا؟

**۵. بحث مباحثو ڪريو.**

مؤريہ ۽ گپت ڪال جي اڏاوت ۽ ڪلائون.

**٦. توهان ڇا ڪندا؟**

١. آيرويدڪ علاج بابت ڄاڻ حاصل ڪري روزاني زندگيءَ ۾ انجو استعمال ڪيئن ڪندا؟

٢. باب ۾ آيل سانچي استوپ کي ڄاڇيو ۽ اُن بابت وڌيڪ ڄاڻ گڏ ڪريو.

**٧. توهان ڇا ڪندا، جيڪڏهن؟**

**توهان پڪنڪ تي ويا ۽ توهانجو دوست اتهاسڪ عمارتن تي پنهنجو نالو لکي ٿو.**

**مشغولي:**

١. توهانجي پسگردائيءَ ۾ ڪهڙيون خاص جايُون آهن ان بابت گهرجي پاتين ڪان ڄاڻ حاصل ڪريو.

٢. توهانجي ويجهو هوُندڙ اتهاسڪ يادگار هنڌن ۽ جاين تي وڃو اُن مان معلوُم ٿيندڙ اتهاس بابت لکو.



ناسڪ جون غفائون

# ١١ - پراچين ڀارت ۽ جڳ

**١١.١ ڀارت ۽ مغربي ديش.**

**١١.٢ ڀارت ۽ ايشيا کنڊ جا ٻيا ديش.**

## ١١.١ ڀارت ۽ مغربي ديش.

هڙاپا سڀيتا جي ماڻهن مغربي ديشن سان واپاري ناتا قائم ڪيا هئا. اُن وقت کان ئي ڀارت جي ٻين ديشن سان مالي ۽ سڀيتڪ ڏي - وٺ شروع ٿي. ٻڌ ڌرم جو ڦهلاءُ افغانستان ۽ وچ ايشيا جي ٻين ديشن ۾ ٿيو هو. ايراني سامراجيه جي وقت ۾ به ڀارت جو مغربي دنيا سان سنٻنڌ وڌڻ لڳو. اُن زماني ۾ گريڪ اتهاسڪارن جي ڀارت لاءِ جگياسا وڌڻ لڳي. اُنهنجي لکيل ڀارت بابت ليکن وسيلي مغربي ديشن جي ڀارت سان سُڃاڻپ ٿي. اڳتي هلي، سڪندر جنهن رستي تان ڀارت ۾ آيو، اهو ڀارت ۽ مغربي ديشن وچ ۾ واپار لاءِ واپرجڻ لڳو. گريڪ مورتي ڪلا جي اثر هيٺ ڪُشاڻن جي وقت ۾ هڪ نئين ڪلا اوسر ٿي. اُنکي گانڌار ڪلا چئجي ٿو. گانڌار ڪلا وسيلي مُکيه طور گوتم ٻڌ جون مورتيون ٺاهيون ويون. اهي مورتيون گهڻو ڪري افغانستان جي گانڌار پرديس ۾ مليون، ان ڪري ان نموني کي 'گنڌار ڪلا' چيو ويندو آهي. انهن مورتين جو مُهاندو گريڪ مُهاندن سان ملندڙ جُلندڙ آهي. ڀارت ۾ شروعاتي تي سڪا به گريڪ سڪن جي آڌار تي ضربيا ويا.



افغانستان جي هڏا جي اسٽوپ تي گانڌار نموني جو شلپ. گريڪ ماڻهن جي پوشاڪ، ائنفورا (هڪ دِلو) ۽ ساز.



پئرس جي عجائب گهر ۾ گوتم ٻڌ جي مورتي - گانڌار نمونو.

عيسوي سن جي پهرين - ٻين صديءَ ۾ ڀارت ۽ روم وچ ۾ واپار وڌيل هو. ان واپار ۾ ڏکڻ ڀارت جي بندرن جو به وڏو حصو هو. مهاراشٽر جي ڪولهاپور ۾ ٿيل کوٽائيءَ ۾ ڪُٽ ڌاتوءَ جون ڪُجهه شيون مليون آهن. اُهي رومن بناوت جون آهن. تامل ناڊوءَ جي اريڪاميڊوُ جي کوٽائيءَ ۾ به رومن بناوت جون انيڪ شيون مليون آهن، اهي




رومن سمراٽ آگسٽس جو اريڪاميڊوُ ۾ مليل سون جو سڪو

ٻئي هنڌ ڀارت ۽ روم وچ ۾ واپار جا اهم مرڪز هئا. اهڙن انيڪ واپاري مرڪزن جي ڄاڻ اُن وقت




تي ساهتيہ مان ملي ٿي. ان واپار ۾ ايجپٽ جو اليڪزينڊريا بندر اهم هو ڀارتي مال عربي واپاري اليڪز ينڊريا تائين پهچائيندا هُئا. اُتان اهو يورپ جي ديشن ۾ پهچايو ويندو هو. عربي ماڻهن ڀارتي سامان سان گڏ ڀارتي فيلسوفي ۽ وگيان کي بہ يورپ تائين پهچايو. ٻڌيءَ جو ويچار ڀارت جي دُنيا کي ڏنل وڏي سوکڙي آهي. عربي ماڻهن اهو ويچار يورپ تائين پهچايو.

### ٢. ١١ ڀارت ۽ ايشيا کنڊ جا ٻيا ديش

ايشيا جي انيڪ ديشن ۾ پراچين ڀارتي سڀيتا جو گهڻو اثر پيو هو.

**شريلنڪا:** ٻڌ ڌرم جو ڦهلاءُ ڪرڻ لاءِ سمراٽ اشوڪ پنهنجي پٽ مهيندر ۽ ڌيءُ سنگهہ مِترا کي شريلنڪا موڪليو هو. انهن جي نالي جو ذڪر



سِگريا غفائن جو پٽ - چٽر

شريلنڪا جي ٻوڌي گرنٿ ’مَهاونس‘ ۾ آيل آهي. سنگهه مِترا پاڻ سان گڏ ٻوڌي وڻ جي ٽاري کڻي ويئي هُئي. شريلنڪا جي اَنُراڌپور جي ٻوڌي ’وڻ‘ ان ٽاريءَ مان ئي وڌيل آهي ائين اُتي مڃيو ويندو آهي.

شريلنڪا جي موتين ۽ ٻين ملهائتي شين جي

ڀارت ۾ ڏاڍي گُهر هُئي، اُتي سِگريا ۾ ع.س. جي پنجين صديءَ ۾ ڪشيپ راجا غفائُون کوٽايون هيون. اُتان جي ڀتين جي چٽرن جو نمونو اجنتا جي چٽرن سان ملندڙ جُلهندڙ آهي، شريلنڪا جا ’مهاونس‘ ۽ ’ديپ ونس‘ گرنٿ پارت ۽ شريلنڪا وچ ناتن جي ڄاڻ ڏين ٿا. اهي گرنٿ پالي ڀاشا ۾ لکيل آهن.

**چين ۽ ٻيا ديش:** قديم وقت کان ڀارت ۽ چين ۾ واپاري ۽ سيپيتڪ ناتا استاپن ٿيل هُئا. سمرات هرش وردن چين جي دربار ۾ ايلچي موڪليو هو. چين ۾ نهندڙ، ريشمي ڪپڙي کي ڀارت ۾ ’چيناشُڪ‘ چوندا هُئا. (اُنجي ڀارت ۾ ڏاڍي گُهر هئي. پراچين ڀارت جا واپاري چيناشُڪ جي روانگي مغربي ديش ڏانهن ڪندا هُئا. اهو واپار خشڪي رستي ٿيندو هو. ان رستي کي ريشم رستو بہ چوندا هُئا. ڀارت جا ڪُجهه پراچين هنڌ ان ريشم رستي سان ڳنڍيل هُئا. انهن مان ممبئيءَ ويجهو نالا - سوپارا بہ هڪ هنڌ هو. ڀارت ۾ آيل فاهيان ۽ يوئان شوانگ ٻوڌي ڀڪوُ بہ انهيءَ رستي کان ڀارت ۾ آيا.

عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ چيني سمرات منگ جي نيند تي ٻوڌي ڀِڪوُ ڌرم رڪشڪ ۽ ڪشيپ ماتنگ چين ويا. اُنهن ڪيترن ڀارتي ٻوڌي گرنٿن جو چيني ڀاشا ۾ ترجمو ڪيو. ان کانپوءِ چين ۾ ٻُڌ ڌرم جو ڦهلاءُ ٿيڻ لڳو. ٻُڌ ڌرم جپان، ڪوريا ۽ وئيتنام ۾ بہ پهتو.

**ڏکڻ - اوڀر ايشا جا ديش:** ڪمبوڊيا ديش جي ’فُنان‘ پراچين راڄ جي استاپنا عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ ٿي.

چيني پرمپرا موجب ’ڪوَنڊِيہ‘ نالي ڀارتي ماڻهوءَ ان راڄ جي استاپنا ڪئي. فنان جي ماڻهن کي سنسڪرت ڀاشا جي ڄاڻ هُئي. اُن وقت جو هڪ اُڪريل شِلا ليکہ مليو آهي. اهو سنسڪرت ۾ آهي، ڏکڻ - اوڀر ايشيا جي ٻين ديشن ۾ بہ ڀارتي ونش جي ماڻهن جا ننڍا راڄ اُڀريا. انهن راڄن سبب ڀارتيہ سيپتا جو ڦهلاءُ انهن ديشن ۾ ٿيندو رهيو.

ڏکڻ - اوڀر ايشيا جي ڪلائن ۽ سيپتڪ جيون تي ڀارتي سيپتا جي ڇاپ چٽي نموُني ڏسجي ٿي. انڊونيشيا ۾ اڄ بہ رامائڻ ۽ مهاڀارت تي آڌارت ناچ ۽ ناٽڪ مشهوُر آهن. ڏکڻ اوڀر ايشيا جي راڄن ۾ ڀارتي سيپتا جو اثر ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. پراچين وقت ۾ ٻُڌ ڌرم ميانمار، ٿائلنڊ، انڊونيشيا

وغيره ديشن ۾ پهتو. پوءِ واري وقت ۾ شِو ۽ وشڻوءَ جا مندر بہ ٺهيا.

هن سال اسان ع.س کان اڳہ ٣٠٠٠ کان ع.س جي اٺين صديءَ تائين ڀارت جي اتهاس جو جائزو ورتو. ايندڙ سال اسان ع.س جي نائين صديءَ کان ارڙهين صديءَ تائين جو اتهاس سکنداسين. ع.س ٩ صديءَ کان ع.س ١٨ صديءَ تائين جي عرصي جي اتهاس کي ’وچولي زماني جو اتهاس‘ چوندا آهن.

## اڀياس

۱. سُڃاڻو:

(۱) رومن بناوت جون شيون مليل هنڌ.

(۲) ڪُشاڻ وقت ۾ ڀارت ۾ هڪ نئين ڪلا نموني جو وڪاس ٿيو، اُن جو نالو.

(۳) مهاونس ۽ ديپ ونس ڪتابن جي ڀاشا.

(۴) پراچين وقت ۾ ٻڌ ڌرم جو ڦهلاءُ ٿيل ديش.

۲. ويچار ڪري لکو.

(۱) ڏکڻ - اوڀر ايشيا تي ڀارتي سڀيتا جو اثر ڏسجي ٿو.

(۲) چين ۾ ٻڌ ڌرم جو ڦهلاءُ ٿيڻ لڳو.

۳. توهان ڇا ڪندا؟

توهانجي وڌندڙ شوق کي هٿي ملي ته توهان ڇا ڪندا؟

۴. چٽر جو ورڻن ڪريو.

باب ۾ آيل افغانستان جي هَڏا ۾ اسٽوپ تي گانڌار نموني جي شلپ کي جاچي انجو ورڻن ڪريو.

۵. وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو.

۱. گانڌار نمونو ۲. ريشم رستو.

۶. باب ۾ آيل ڏکڻ اوڀر ايشيا جا ديش نقشي خاڪي ۾ ڏيکاريو.

مشغُولي:

توهانکي وڌندڙ ڪنهن ڪلا بابت ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ ڪلاس ۾ اُها ڄاڻ پيش ڪريو.

# ناگرڪ شاستر

## اسانجو مڪاني راڄ ڪاروبار

### فهرست


باب جو نالو — صفحو

١. اسانجو سماجڪ جيون ........................ 59
٢. سماج ۾ علحدگي ........................ 62
٣. ڳوناٺيون مڪاني راڄ ڪاروباري ........................ 65
۴. شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون ........................ 71
۵. ضلعا ڪاروبار ........................ 77


### ناگرڪ شاستر - درجو ڇهون - علمي حاصلات

درجي ڇهين جي آخر ۾ شاگرد ڏنل لياقتن ۾ قابليت حاصل ڪن، اِها اُميد آهي.

| ٻڌايل تعليمي ترتيب | علمي حاصلات |
|---|---|
| سڪندڙن کي جوڙن ۾/ گروهن ۾/ شخصي طور سکڻ جا موقعا ڏيڻ ۽ هيٺين ڳالهين لاءِ اتساهت ڪرڻ.<br>• علحدگي، پيد ياو، سرڪار، گذران وغيرهه ڳالي ڳالهين تي ڳالهه ٻول ۾ ڀرو وٺڻ.<br>• ڪٽنب، اسڪول، سماج ۽ ماڻهن سان ٿيندڙ وهنوارجي جاچ.<br>• ڪاروباري وياڳ جو سماج ۾ ڪم سمجهڻ، ڪٽنب جي ڳالهين ۽ سماج ( شهرجي ڳالهين ۾ فرق سمجهڻ.<br>• پسگردائيءَ جو ڏنڌن نسبت اپياس روُپ ۽ بيان ڪرڻ.<br>• درسي ڪتابن تي آڌارت اپياس - ڪنهن گرام پئنچائت يا مهانگر پالڪا / نگرپالڪا جو ڪاروبار سمجهڻ، جاچڻ (شاگرد جي شهرموجب) | سڪندڙ:<br>06.73H.13 پنهنجي پسگردائيءَ جي علحدگيءَ بابت صاف نريون رکن ٿا.<br>06.73H.14 الڳ الڳ پيد پاوَ سڃاڻن ٿا ۽ انهن جو روُپ ۽ اصل سمجهن ٿا.<br>06.73H.15 الڳ الڳ طرين جي برابري ۽ ويڇي جو پيدياو سمجهائن ٿا ۽ ايمانداسريءَ سان منهن ڏين ٿا.<br>06.73H.16 سرڪاري ڪم سمجهائن ٿا خاص ڪري مڪاني سطح تي.<br>06.73H.17 سرڪارجا الڳ الڳ، سطح مڪاني، راجيه ۽ ومي سڃاڻن ٿا.<br>06.73H.18 ڳوناٺي ۽ شهري مڪاني سنستائن جا صحت ۽ تعليم بابت ڪم جا طريا جاچن ٿا.<br>06.73H.19 ڳوناٺي ۽ شهري ايراضين ۾ مؤجود ڌنڌن لاءِ جوابدار جزا ٻڌائن ٿا.<br>06.73H.20 شخص، ڪٽنبي ۽ سنستائن سان گڏجي سماج ٺهي ٿو اهو سمجهن ٿا.<br>06.73H.21 راشٽريه ۽ ايڪتا لاءِ سيني ڌرمن لاءِ سڀڱئي نريي جي ضرورت ڄاڻن ٿا.<br>06.73H.22 مڪاني سرڪاري سنستائون لوڪ شاهيءَ جو پايو آهن اهو سمجهن ٿا.<br>06.73H.23 عام مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هرهڪ جو ڀرو ضروري آهي اهو سمجهن ٿا.<br>06.73H.24 ضلع ڪاروبارجي ڄاڻ حاصل ڪن ٿا. |

# ١ - اسانجو سماجڪ جيون

١.١. ماڻهوءَ کي سماج جي ضرورت ڇو محسوس ٿي؟
١.٢. ماڻهوءُ ۾ ملنساري
١.٣. اسانجو وڪاس
١.۴. سماج جي معنيٰ.

درجي پنجين ۾ ماڻهوءَ جي اوسر ڪئين ٿي اهو توهان سکيا. اسانجو اڄ جو سماجڪ جيون هزارن سالن جي اوسر جو نتيجو آهي. ماڻهوءُ پٿڪنڊڙ جيون مان ڏا نئيڪي جيون ڏانهن هليو آهي.







اڄ کان ۵۰ سال پوءِ وارو سماج ڪئين هوندو، ان بابت ويچار ڪريو.

## ١.١. ماڻهوءَ کي سماج جي ضرورت ڇو محسوس ٿي؟

شخص ۽ سماج جي وڪاس لاءِ ٿانئيڪي ۽ حفاظتي ميڙ واري زندگي ضروري آهي. پٿڪنڊڙ ماڻهوءَ کي استرتا ۽ حفاظت نہ هُئي، ميڙ ۾ رهڻ سان حفاظت ملي ٿي اها سمجھ اچڻ تي ماڻهوءُ سنگهنن ۾ رهڻ لڳو. سماج جي ٺهڻ ۾ اهو هڪ مُکيہ سبب آهي. سماج جو روزانو وهنوار سوُلائيءَ سان هلڻ لاءِ ماڻهوءَ کي نيمن جي گُهرج محسوس ٿي. ان مان رسموُن، رواج، مُلهہ، نيم ۽ قاعدا وجود ۾ آيا. ان اسان انسان جو سماجڪ جيون وڏيڪ سنگهنت ۽ استر ٿيو.

## ١.٢ ماڻهوءُ ۾ مِلنساري

ماڻهوءَ سڀاويڪ طوُر ملنسار آهي اسان سڀني کي هڪ ٻئي سان گڏ، ٻين جي صُحبت ۾ ۽ ماڻهن ۾ رهڻ وڻندو آهي. سڀني سان گڏ رهڻ اها اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالھ آهي ۽ اسانجي گهرج بہ آهي.

اسانجوُن انيڪ گهرجوُن آهن. اٽو، لٽو، اَجهو اهي اسانجون بدني گهرجوُن آهن. اهي پوُريون ٿيڻ تي انسان کي استرتا ملي ٿي، پر انسان لاءِ اهو ڪافي نہ آهي. اسانجوُن جذباتي ۽ مانسڪ گهرجوُن بہ آهن. مثال، پاڻ کي محفوُظ محسوُس ڪرڻ اها اسانجي جذباتي ضرورت آهي. اَسانکي خوشي ملندي آهي تہ ڪنهن کي ڏُڪائڻ جي اِڇا ٿيندي آهي. ڏک ٿيڻ تي ڪو گڏ هُجي ائين لڳندو آهي. اسانجي گهر جا ڀاتي، مائٽ ۽ دوست / ساهيڙيون انهن جي صُحبت ۾ رهڻ اسانکي وڻندو آهي. ان مان اسانجي ملنساري ڏسجي ٿي.



### پڙهو ۽ لکو.

چترڪلا چٽاڀيٽيءَ ۾ توهان کي پهريون انعام مليو آهي. اهو انعام پاڻ وٽ رکندا يا دوستن / ساهيڙين کي ڏيکاريندا؟ اُهي توهانکي ڪهڙو رد عمل (Response) ڏين؟ اُنهنجي رد عمل ڪانپوءِ توهانکي ڪيئن لڳو؟

- تعريف ڪرڻ ڪري تمام سُٺو لڳو.
- اچا سُٺا چتر ڪڍڻ جو هِرش جاڳيو.
- ٻيو ڇا محسوس ٿيو، اهو لکو.

اٽو، لٽو، اَجهو، تعليم ۽ تندرستي اهي اسانجو بنيادي ضرورتون آهن اهي توهانکي ڄاڻ آهي، سماج ۾ ماڻهن جي محنت ۽ هُنر سان شيون ٺهنديون آهن. تعليم ۽ صحت سهوليتن ڪري اسان عزت سان جي سگهون ٿا. اهي سڀ ڳالهيون اسانکي سماج ۾ ملن ٿيون. جُدا جُدا اُديوگن ۽ ڌنڌن ڪري اسانجون ضرورتون پوريون ٿينديون آهن، مثال، ايپاس لاءِ اسانکي ڪتاب جي ضرورت آهي، ڪتاب لاءِ ڪاغذ جي ضرورت آهي. ان لاءِ ڪاغذ ٺاهڻ، ڇپائي ۽ ڪتاب ٺاهڻ وغيره ڌنڌن ۽ اُديوگن جو وڪاس ٿئي ٿو. انيڪ ماڻهن جو ان ۾ يوگدان آهي. سماج ۾ جُدا جُدا ڌنڌن سبب اسانجون ضرورتون پوريون ٿين ٿيون، ان مان اسانجي لياقتن - هنرن جو واڌارو ٿئي ٿو. سماج ۾ بنيادي ضرورتون پوريون ٿين ٿيون. حفاظت، تعريف، مدد وغيره لاءِ اسان هڪ ٻئي تي مدار رکندا آهيون. ان ڪري اسانجو سماجڪ جيون هڪ ٻئي تي مدار رکندڙ آهي.



### ڪري ڏسو

صُبح جو اُٿڻ کان وٺي اسانکي ڪهڙين شين جي ضرورت پوندي آهي. انجي ياداشت ٺاهيو. انهن کي پنجن شين کي تيار ڪرڻ ۾ توهان تائين پهچائڻ ۾ ڪنهنجو يوگدان هوندو آهي اهو پتو لڳايو.

## ١.٣ اسانجو وڪاس

هرهڪ انسان ۾ ڄائي جم کان ڪُجهه ڪڻ ۽ قابليت هوندي آهي. اهي سُپت حالت ۾ هوندا آهن. انهنجو وڪاس سماج سبب ٿئي ٿو. هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ اسان ڀاشا جو سهارو وٺندا آهيون، پر اُها اسانکي جنم کان نہ ايندي آهي. اسان اُها ڏيري ڏيري سکندا آهيون. جيڪا ڀاشا گهر ۾ ڳالهائي ويندي آهي، اُها اسان پهرين سگهندا آهيون. اسانجي پاڙي ۾ ٻي ڀاشا ڳالهائيندڙ ماڻهو رهندا هُجن تہ اَسان اُن ڀاشا کي بہ سمجهندا آهيون. اسڪول ۾ جُدا جُدا ڀاشائُون سکڻ جو موقعو ملي ٿو.

هر ڪنهن جي ويچار ڪرڻ جي بہ قابليت بہ الڳہ اهي. مثال، ڪلاس ۾ مضمون جو وشيہ ساڳيو هُئڻ ڪانپوءِ بہ، ڪي بہ بہ مضمون ساڳيا چو نہ هوُندا آهن؟ چو تہ اُهي الڳہ ويچار ڪري لکيا ويا آهن. اسانجي جذباتي قابليت ۽ ويچار شڪتي سماج ڪري ئي وڌي ٿي، پنهنجا ويچار پيش ڪرڻ ۽ جذبات ظاهر ڪرڻ جا موقعا سماج ۾ ملي ٿو.

انسان جي ڪَلا گُڻن جو وڪاس بہ سماج ڪري ٿئي ٿو. گائڪ، چترڪار، وگيانڪ، ساهسي انسان، سماجڪ ڪم ڪندڙ انيڪ ماڻهوُ سماج جي همت ڏيارڻ ۽ ٽيڪي سبب پنهنجن گڻن جو وڪاس ڪري سگهن ٿا. ان لاءِ همت افزائي بہ ضروري آهي.

## ١.۴. سماج جي معنيٰ؟

سماج ۾ استري - پرش بالغ، بزرگ، ننڍا ٻار اهي شامل آهن. ڪٽنب سماج جو جُزو آهي. سماج ۾ الڳہ الڳہ ميڙ، سنستا ۽ سنگهٺن هوندا آهن. ماڻهن ۾ آپسي سنبنڌ، آپسي وهنوار، سندن ڏي وٺ بہ سماج ۾ شامل آهن. ماڻهن جا جُهنڊ يا گڙدي سماج نہ آهي، ڪُجهه ساڳيا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جڏهن ماڻهوُ گڏ اچن ٿا تہ سماج ٺهندو آهي.

اڻتو، لٽو، اجهو، سلامتي وغيره ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ سماج کي هڪ قائم سرشتو ناهڻو پوي ٿو. اهڙي سرشتي کان سواءِ وهنوار ٿي نه سگهندا.



### چا توهان کي ڄاڻ آهي.

جنم جات موجب سڀ انسان برابر اهن. انساني نظريي کان سيني جو درجو هڪجيترو آهي، ڀارت جي جوڙجڪ موجب سڀ ماڻهوُ قاعدي جي نظر ۾ برابر آهن.

جوڙجڪ اسانکي موقعن جي سمانتا جي خاطري ڏني آهي. تعليم، قابليت ۽ هُنر استعمال ڪري اسان پنهنجي ترقي ڪري سگهون ٿا.

سماج جو وجود ٽڪائڻ لاءِ سرشتو ضروري آهي، مثال، ڪاڏي جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ ڪيتي ڪرڻ ضروري آهي. ڪيتيءَ سان جُڙيل سڀ ڪم پورا ٿيڻ لاءِ الڳ الڳ سنستائون ناهٽيون پون ٿيون. ڪيتيءَ جا اوزار ناهڻ لاءِ ڪارخانا، ڪسانن کي قرض ڏيڻ لاءِ بئنڪوُن، پيدا ٿيل فصل لاءِ بازار اهڙو وڏو سرشتو ناهڻو پوي ٿو. اهڙين انيڪ سرشتن وسيلي سماج استر ٿئي ٿو.

ايندڙ باب ۾ اسان سماج ۾ علحدگيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

H08490



## اڀياس

**١. خالن ۾ مُناسب لفظ ڀريو.**

١. سماج جو روزانو وهنوار سؤلائي سان هلڻ لاءِ ماڻهوءَ کي ---- جي گُهرج محسوُس ٿي.

٢. انسان جي ڪلا گُڻن جو وڪاس ----- ڪري ٿئي ٿو.

٣. اسانجوُن جذباتي ۽ ----- گهرجوُن به آهن.

**٢. هيٺين سوالن جا جواب هڪ هڪ جُملي ۾ ڏيو.**

١. اسانجوُن بُنيادي گُهرجوُن ڪهڙيون آهن؟

٢. اسانکي ڪنهنجي صُحبت وڻندي آهي؟

٣. سماج ۾ اسانکي ڪهڙا موقعا ملن ٿا.

**٣. توهانکي ڇا تو محسوُس ٿئي؟ ٻن ٽن جُملن ۾ لکو.**

١. سماج ڪيئن ٺهندو آهي؟

٢. سماج ۾ قائم سرشتا ڇو تيار ڪرڻا پوندا آهن؟

٣. ماڻهوءَ جو سماجڪ جيون وڏيڪ سنگهنت ۽ استر ڪيئن ٿيو؟

٤. سماجڪ سرشتو نه هُجي ها ته ڪهڙا مسئلا پيش تين ٿا؟

**٤. هيٺين حالتن ۾ توهان ڇا ڪندا؟**

١. توهانجي دوست / ساهيڙيءَ جي اسڪوُلي شيءِ گهر رهجي ويئي آهي.

٢. توهانکي رستي ۾ ڪو سوُرداس / اپاهج ماڻهوُ مليو.

**مشغوُلي:**

١. ڪيتيءَ جا اوزار ناهيندڙ ڪنهن ڪاريگر سان مُلاقات ڪريو، ان ڪم ۾ هُنکي ڪنهن ڪنهنجي مدد ملندي آهي انجي ياداشت ناهيو.

٢. توهانجي ويجهو ڪنهن بئنڪ ۾ وڃو. اُها بئنڪ ڪهڙن ڪمن لاءِ قرض ڏيندي آهي انجي ڄاڻ وٺو.

٣. انسان جوُن بنيادي گهرجوُن ۽ نيوُن گهرجوُن، اُنجي ياداشت ناهيو.

✠✠✠

# ٢- سماج ۾ علحدگي

- ٢.١ علحدگي ئي اسانجي طاقت آهي.
- ٢.٢ ڌرم نرپکشتا جو متو.
- ٢.٣ اسانجي گهڙجڻ ۾ سماج جو يوگدان.
- ٢.۴ سماج باقاعدي هلائڻ.

ڀارتي سماج ۾ جُدا جُدا ڀاشائون، ڌرم، سپيتاڻون، رسمون، رواج آهن. اها علحدگي اسانجي سپيتڪ شان آهي. مراٺي، ڪَنڙ، تيلگو، بنگالي، هندي، گُجراتي، اُردوُاهڙيون انيڪ ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهوُ اسانجي پسگردائيءَ ۾ رهن ٿا. اهي الڳ الڳ طريقن سان ڏڻ وار ملهائيندا آهن. اُنهنجي پوُڄا - اُپاسنا جي ريت به الڳ الڳ آهي. الڳ الڳ اتهاسڪ ورثو هوُندڙ پرديش به اسانجي ديش ۾ آهن، انهن ۾ علحدگيءَ جي ڏي - وٺ ٿيندي آهي. اسانجي ديش ۾ اهي الڳ الڳ ميڙ سالن جا سال گڏ رهڻ سبب انهن ۾ ايڪتا جي ڀاونا آهي. ان مان ڀارتي سماج جي ايڪتا ڏسجي ٿي.

## ٢.١ علحدگي ئي اسانجي طاقت آهي.

الڳ الڳ ميڙن سان گڏ رهڻ معنيٰ هم مؤجودگي محسوُس ڪرڻ. هم مؤجودگيءَ سبب اسان ۾ آپسي سمجهه وڌي ٿي. ان سان هڪ ٻئي جي ريتين ۽ جيئڻ جي ڍنگ جي ڄاڻ پوي ٿي. اسان هڪ ٻئي جي جيئڻ جي ڍنگ جي عزت ڪرڻ سکوُن ٿا. ٻين جون ڪي پرمپرائوُن اپنايوُن ٿا. ان مان سماج ۾ ٻڌي وڌي ٿي. سماجڪ ٻَڌيءَ سان گهٽين ئي قُدرتي ۽ سماجڪ آپدائن ڪي منهن ڏيئي سگهون ٿا.

## ٢.٢ ڌرم نرپکشتا جو متو

ڀارتي سماج ۾ الڳ الڳ ڌرمن جا ماڻهوُ رهندا آهن. انهن ۾ آپسي سمجهه وڌي ۽ هرڪنهن کي پنهنجي شرڌا موجب اُپاسنا ڪرڻ جي آزادي هُجي ان لاءِ اسانجي جوڙجڪ ۾ خاص بندوبست ڪيل آهي.

ڀارت دنيا جو هڪ اهم ڌرم نرپکش راشٽر آهي. اسانجي ديش ۾ ٻوليءَ ۽ ڌرم جي گهڻي علحدگي آهي. اها علحدگي بنا عيب جي جتن ڪرڻ لاءِ اسان ڌرم نرپکشتا جو متو اختيار ڪيو آهي. ان موجب،

- اسانجي ديش ۾ سرڪار ڪنهن هڪ ڌرم جي پنيرائي نٿي ڪري.
- هرهڪ ماڻهوءَ کي پنهنجو يا پنهنجي پسند جي ڌرم جي اُپاسنا ڪرڻ جي آزادي آهي.
- ڌرم جي آڌار تي ڪنهن شخص يا شخصن سان ڀيد ڀاو نٿو ڪري سگهجي. سيني ڌرمن جي ماڻهن سان سرڪار هڪجهڙو ورتاءُ ڪندي آهي.
- تعليم، روزگار، سرڪاري نؤڪريءَ جا وجهه سيني کي ڏنا ويندا آهن. ان ۾ ڌرم جي آڌار تي ڀيد ڀاءُ نه ڪيو ويندو آهي.
- ڌرمي ۽ ڀاشائي ٿورائيءَ وارن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ جوڙجڪ ۾ خاص بندوبست ڪيل آهن. ٿورائيءَ وارن کي پنهنجي ڀاشائي ۽ سيتيڪ سڃاڻپ سَنجوئڻ جي آزادي آهي. تعليم دوارا پنهنجي سماج جي وڪاس ڪرڻ جي به آزادي آهي.
- ڌرم نرپکشتا جي متي سبب ڀارتي سماج ۾ ڌرمي ميل تڪيل آهي.

## ٢.٣ اسانجي گهڙجڻ ۾ سماج جو يوگدان

سماج ۾ رهي اسان ڇا ٿا سکون؟ ڪهڙا گُڻ پرايوُن ٿا؟ اسان جي گهڙجڻ ۾ سماج مدد ڪيئن ڪري ٿو، اچو ته اهو سمجهوُن.

**سهڪار:** ڪوبه سماج شخص ۽ ميڙن جي آپسي سهڪار تي آڌارت هوندو آهي. شخص وچ ۾ آپسي

سهڪار هئڻ ڪانسواءِ سماج زنده رهي نه سگهندو. آپسي مسئلا ۽ سوال حل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ ۽ ڏي وٺ ڪرڻ مطلب سهڪار آهي. اسانجي ڪتنب ۾ جيڪڏهن ڀاتين ۾ اهڙي ورتي نه هوُندي ته اسانجو ڪتنب ٽڪي نه سگهندو، ساڳي ڳالهه سماج سان به لاڳو آهي، سهڪار ڪانسواءِ اسانجو وڪاس روڪجي ويندو، روزاني زندگي به سُٺي نموني نه هلندي، سهڪار سان سماج ۾ آپسي آڌار وڌيڪ مضبوُط ٿئي ٿو، سماج ۾ سيني کي شامل ڪري سگهجي ٿو. سيني جزن کي گڏ ڪري اڳتي وڌڻ جي اها ترتيب آهي.

**اچو، ڳالهه ٻول ڪريون.**

اسانجي سماج جي ڪمزور ۽ وانجهيل جُزن ۽ ڇوڪرين کي تعليم لاءِ ۽ سندن وڪاس لاءِ اسانکي سهڪار ڪرڻ گُهرجي. ان لاءِ سرڪار هاڻي تائين ڪهڙيون يوجنائون عمل ۾ آنديون آهن انجي ڇاڻ وٺو. انهن جزن جي وڪاس لاءِ توهان ڇا ڪندا، ان بابت ڪلاس ۾ بحث مُباحثو ڪريو، ان جا خاص مُدا ٻين ڪلاس جي شاگردن کي ٻڌايو.

**سهنشيلتا ۽ آپسي سمجهه:** سماج ۾ جيئن سهڪار هوندو آهي تيئن‌ڪڏهن ڪڏهن متڀيد، واد ۽ سنگهرش به ٿيندا آهن. ماڻهو - ماڻهو جي وچ ۾ سوچ، ويچار ۽ نظريا نه مليا ته واد ۽ سنگهرش پيدا ٿي سگهندا آهن. هڪ ٻئي لاءِ بدگُماني يا غلط فهمي به سنگهرش جا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. گهڻي وقت تائين هلندڙ سنگهرش ڪنهن جي به فائدي جو نه آهي. ناهه ۽ سمجهوتي وسيلي ماڻهو سنگهرش مٽائڻ سکن ٿا. هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ سهنشلتا وسيلي سنگهرش دوُر ڪري سگهجن ٿا.

آپسي سمجهه سان خود به خود ڪيتريوُن ئي ڳالهيون سکون ٿا. نوان ويچار ڏاريون ٿا. اسانجو سماجڪ جيون وڌ ۾ وڌ شانائتو ٿيڻ ۾ انجي مدد ملي ٿي ۽ اسان ۾ سهنشيلتا وڌي ٿي. سماجڪ تندرستي ۽ شانتي قائم رکڻ جو اهو سؤلو طريقو سکڻ جو موقعو اسانکي سماج ۾ ئي ملي ٿو.

**ڪري ڏسو.**

توهان به گهڻيئي ٿاهه ڪندا هوُندا. هيٺ توهانجا ئي ڪُجهه آزموُدا ڏنل آهن. انهن ۾ ٻيا به آزموُدا لکو.

(الف) هال پورو ڀريل آهي. جڳهه ڳولهيندڙ هڪ شخص کي توهان پاسي ۾ ٿوري جڳهه ڏني.

(ب) توهانکي گيئر واري سائيڪل گُهرجي. پر ڀيڻ جي في به ڀرڻي آهي. توهان پنهنجو اڃا ٿاري ڇڏي.

(ٻ) ڪيٽ جي حد بابت پاڙيسريءَ سان هلندڙ تڪرار ڪورٽ ۾ نه وڃي توهان پاڻ ۾ حل ڪئي. هاڻي پاڙيسري وِنود توهانجو سنو دوست آهي.

**الڳ الڳ ڀومڪائون ادا ڪرڻ جو موقعو:**

سماج ۾ اسانجي حصي ۾ انيڪ ڀومڪائون ايندڙيون آهن. هڪ ئي شخص انيڪ رول اَدا ڪري ٿيو. هرهڪ ڀوُمڪا جون ڪُجهه جوابداريون ۽ فرض مقرر هوندا آهن. ڪتنب ۾ ۽ ٻاهر اسان انهن ڀومڪائن سبب اسان ٻين سان جڙندا آهيوُن. اسانجي ڀومڪا ۾ بدلاوَ به ٿيندا آهن.

**ڪري ڏسو**

**الڳ الڳ ڀومڪائوُن ادا ڪرڻ جو موقعو.**

توهانجون الڳ الڳ ڀومڪائوُن ٻڌائيندڙ هيءُ چتر ڏسو. ويهن سالن ڪانپوءِ توهانکي ڪهڙيون نيون ڀومڪائون ادا ڪرڻيوُن پونديون ان بابت ڳالهه ٻول ڪريو.




### ۲.۴ سماج باقاعدي هلائڻ.

سماج جا وهنوار سؤلي نموني هلن ان لاءِ نيمين جي ضرورت هوندي آهي. پهرين سماج گهڙو ڪري ريتين / رواجن سان هلندو هو. اڄ جي سماج کي ريتين / رواجن سان گڏ قاعدي سان به هلائڻو پوي ٿو. ريتيوُن رواج وغيره کان قاعدي جو روپُ الڳ هوندو آهي. انهن سيني ڳالهين جي آڌار تي انيڪ سنستائون ۽ سنگهٺن سماج کي هلائن ٿيون. مڪاني سطح تي ڪم ڪندڙ راڄ ڪاروبار سنستائون به سماج باقاعدي هلائڻ جي ڪم ۾ اهم ڀومڪا ادا ڪن ٿيون.



## ابياس

**۱. خالن ۾ مُناسب لفظ لکو.**

(۱) الڳ الڳ ميڙن سان گڏ رهڻ مطلب معنيٰ --- - محسوُس ڪرڻ.

(۲) ڀارت دنيا جو هڪ اهم ----- راشٽر آهي.

(۳) سهڪار سان سماج ۾ --------- مضبوط ٿئي ٿو.

**۲. هينين سوالن جا جواب هڪ هڪ جُملي ۾ ڏيو.**

(۱) سهڪار جي معنيٰ لکو.

(۲) ڌرم نرپکشتا جو متو اسان ڇو اختيار ڪيو آهي؟

**۳. هينين سوالن جا جواب ٻن- ٽن جُملن ۾ لکو.**

(۱) ڀارتي سماج جي ايڪتا ڇا مان ڏسجي ٿي؟

(۲) سماج ۾ سنگهرش ڪڏهن ٿي سگهن ٿا؟

(۳) سهڪار جا ڪهڙا فائدا آهن؟

(۴) توهانجي سامهوُن ٻه چوڪر جهڳڙو ڪري رهيا آهن. توهان ڇا ڪندا؟

(۵) توهان اسڪوُلي منتري منڊل ۾ مُکيه منتري آهيو. توهان ڪهڙا ڪم ڪندا؟

**مشغوُلي:**

(۱) ماسترن جي مدد سان اسڪوُل ۾ سهڪاري متي تي ’اسٽور‘ هلايو. ان بابت پنهنجا آزمودا لکو.

(۲) اسڪوُل ۽ ڪلاس ۾ توهان ڪهڙا نيم پاليندا آهيو؟ انجو خاڪو ناهي ڪلاس ۾ لڳايو.

# ٣- ڳوٺاڻيون مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون

٣.١. گرام پئنچات
٣.٢. پئنچات سمتي
٣.٣ ضلع پريشد

سماج کي باقاعدي هلائڻ ۾ مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون اهم ڀومڪا ادا ڪن ٿيون. اسانجي ديش ۾ انهن سنستائن سان گڏ مرڪزي سرڪار ۽ راڄيه سرڪار به سماج باقاعدي هلائڻ جي ڪم ۾ سهياڳي هوندا آهن. مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن کي ٿلهي ليکي ڳوٺاڻيون ۽ شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن ۾ ورهايو ويو آهي. هن باب ۾ اسين ڳوٺاڻين مڪاني حڪومت سنستائن بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين. گرام پئنچات، پئنچات سمتي ۽ ضلع پريشد انهن ڳوٺاڻين مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن کي گڏي 'پئنچاتي راڄ سرشتو' چئجي ٿو.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**




اسانجي ديش ۾ ٽن سطحن تي راڄ ڪاروبار (حڪومت) هلندي آهي. سڄي ديش جو راڄ ڪاروبار مرڪزي سرڪار (سنگهه) هلائيندي آهي. سلامت، پرڏيهي وهنوار ۽ ناڻو آهي وشيه مرڪزي سرڪار جي اختياريءَ ۾ آهن. ٻين سطح تي راڄيه سرڪار آهي، مهاراشٽر سرڪار قاعدو، بندوبست، صحت، تعليم بابت قاعدا ناهيندي آهي. ٽين سطح تي مڪاني راڄ ڪاروباري (حڪومت) سنستائون آهن، ڳوٺاڻين ايراضين جي مڪاني حڪومت سنستائن کي 'پئنچاتي راڄ سنستائون' چوندا آهن.

**مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون**

| ڳوٺاڻيون | شهري |
|---|---|
| گرام پئنچات | نگر پئنچات |
| پئنچات سمتي | نگر پريشد |
| ضلع پريشد | مهانگر پالڪا |

## ٣.١ گرام پئنچات

هرهڪ ڳوٺ جو ڪاروبار گرام پئنچات ڏسندي آهي. پنج سؤ کان گهٽ آدمشماري هوندڙ ٻن يا وڌيڪ ڳوٺن لاءِ هڪ ئي گرام پئنچات هوندي آهي، انکي 'گڏ گرام پئنچات' چوندا آهن. پاڻيءَ جي رسد، روشني، جنم - موت، وواهه جي داخلا وغيره ڪم گرام پئنچات ڪندي آهي.

### گرام پئنچات جا عُهديدار ۽ اڌڪاري:

**سر پنچ:** گرام پئنچات جون چونڊون هر پنجين سال ٿينديون آهن.
چونڊجي آيل ميمبر پاڻ مان هڪ سرپنچ ۽ هڪ اُپ سرپنچ چونڊيندا آهن.
گرام پئنچات جون سڀائون سرپنچ جي صدارت ۾ ٿينديون آهن. سر پنچ جنتا پاران چونڊيو ويندو آهي. ڳوٺ جون وڪاس يوجنائون عمل ۾ آڻڻ جي جوابداري سرپنچ جي هوندي آهي. صحيح نموني ڪاروبار نه هلائيندڙ سرپنچ تي گرام پئنچات جا ميمبر اوشواس جو نهراءُ آڻي سگهن ٿا. سرپنچ جي غيرحاضريءَ ۾ گرام پئنچات جو ڪم اُپ سرپنچ ڏسي ٿو.

**گرام سيوڪ:** گرام سيوڪ، گرام پئنچات جو سيڪريٽر هوندو آهي. هُنجي مُقرري ضلع پريشد جو مُکيه ڪاريه ڪاري اڌڪاري ڪندو آهي، گرام پئنچات جو روزانو ڪم ڪار ڏسڻ، گرام پئنچات جون وڪاس يوجنائون ماڻهن کي سمجهائڻ، وغيره ڪم گرام سيوڪ ڪندو آهي.

**گرام سڀا:** ڳوٺاڻي ايراضي يا ڳوٺ ۾ رهندڙ ووٽرن جي سڀا مطلب گرام سڀا. گرام سڀا ڪماني سطح تي ماڻهن جو سڀ کان اهم سنگهٺن آهي. هر مالي سال ۾ گرام سڀا جون گهٽ ۾ گهٽ ڇهه سڀائون ٿيڻ جو بنڌن آهي. گرام سڀا ڪوٺائڻ جي جوابداري سرپنچ جي آهي. هر مالي سال جي پهرين سڀا ۾ گرام پئنچات دوران رکيل ساليانی احوال ۽ حساب تي گرام - سڀا چرچا ڪندي آهي. گرام سڀا جون صلاحون گرام پئنچات کي پهچايون

ويندیون آهن. ڳوٺ پنچاپت جي وڪاس یوجنائن
کي ڳوٺ سڀا منظوري ڏئي ٿي. سرڪاري یوجنائن
جو فائدو ڪير وٺي سگهندو، اهو فيصلو ڳوٺ سڀا
ڪندي آهي.

**گرام سڀا ۾ عورتن جو سهڀاڳ:** گرام سڀا کان
اڳ عورتن جي سڀا ٿيندي اهي. اُن ۾ عورتون
پنهنجن مسئلن تي کلئي نموني چرچا ڪنديون
آهن. پيئڻ جو پاڻي، دارُوبندي روزگار، جلائو
شڪتي، صحت وغيره وشين تي عورتون گرام سڀا
۾ وشواس سان ڳالهائينديون آهن، صحيح بدلاون
لاءِ اُپاوَ بہ ٻڌائينديون آهن.

**گرام پئنچات جي اُپت جا وسيلا:**

ڳوٺ جي وڪاس لاءِ گرام پئنچات انيڪ
يوجنائون هلائيندي آهي. ان لاءِ گرام پئنچات وٽ
پئسا هئڻ ضروري آهن. الڳہ الڳہ ڍلون لڳائي گرام
پئنچات ناڻو جمع ڪندي آهي.







**٣.٢ پئنچات سمتي:** هڪ تعلقي جي سڀني
ڳوٺن جو ڳڏيل وڪاس ڳٽ (گروهہ) هونُدو آهي.
ان وڪاس ڳَٽ جو ڪاروبار ڏسندڙ سنسٿا يعنيٖ
پئنچات سمتي آهي. گرام پئنچات ۽ ضلعا پريشد
کي پئنچات سمتي هڪ پل وانگر جوڙيندي آهي.

**پئنچات سمتيءَ جا عهديدار:** پئنچات
سمتيءَ جون چونڊون هر پنجين سال ٿينديون آهن.
چونڊيل عيوضي پاڻ مان هڪ سڀاپتي ۽ هڪ اُپ
سڀاپتيءَ جي چونڊ ڪندا آهن. پئنچات سمتيءَ
جي سڀا ڳُهرائڻ ۽ اُن سڀا جو ڪم ڪار هلائڻ اها

## پئنچات سمتي جا ڪم




وڪاس ڳتن ۾ ڪهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن، انهن جو خاڪو پئنچات سمتي ٺاهيندي آهي. هر مهني پئنچات سمتيءَ جي گڏجاڻي ۾ گھٽ ۾ گهٽ هڪ سيا ٿيڻ ضروري آهي پئنچات سمتيءَ کي ضلع فنڊ مان ڪُجھ رقم ملندي آهي وڪاس ڳت ۾ وڪاس يوجنائن لاءِ پئنچات سمتيءَ کي راڄيہ سرڪار وٽان بہ انودان ملندو آهي.

### ۳.۳ ضلعا پريشد:

هرهڪ ضلعي لاءِ هڪ ضلعا پريشد هوندي آهي. هاڻي مهاراشٽر ۾ ۳۴ ضلع آهن پر ضلعا پريشد ۳۴ آهن. جو تہ ممبئي (شهر) ۽ ممبئي اُپنگر ضلعا اهي ڳوٺاڻي ايراضين جا پاڳا نہ آهن، ان ڪري اُتي ضلعا پريشد نہ آهن.

**ضلعا پريشد جا عهديدار:** ضلعا پريشد جون چونڊون هر پنجين سال ٿينديون آهن. چونڊيل عيوضي پاڻ مان هڪ اڌيڪش ۽ هڪ اُپ اڌيڪش چونڊيندا آهن.

ضلعا پريشد جي سيائن جي صدارت اڌيڪش ڪندو آهي. سياجي ڪم ڪار تي هنجو ضابطو هوندو آهي. ضلعا پريشد جي مالي وهنوار تي اڌيڪش جو ضابطو هوندو آهي.

ضلعا پريشد جي پونجي (فنڊ) مان مُناسب خرچ ڪرڻ جو اڌڪار ضلعا پريشد اڌيڪش کي هوندو آهي. اڌيڪش جي غيرحاضريءَ ۾ اهي سڀ ڪم اُپ اڌيڪش ڪندو آهي.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**ضلعا پريشد جو ڪم ڪيئن هلندو آهي؟**

ضلعا پريشد جو ڪاروبار الڳہ الڳہ سمتين دواران هلندو آهي، مالي سمتي، ڪرشي سمتي، تعليم سَمتي، صحت سمتي، پاڻيءَ جو بندوبست ۽ صفائي سمتي وغيره. مِهلا ۽ ٻال ڪلياڻ سمتي عوُرتن ۽ ٻارن جا سوال حل ڪنديون آهن.

**مُکيہ ڪاريہ ڪاري اڌڪاري:** ضلعا پريشد جي ڪيل فيصلن کي عمل ۾ آڻڻ جو ڪم ضلعا پريشد جو مُکيہ ڪاريہ ڪاري اڌڪاري ڪندو آهي. هُنجي مُقرري راڄيہ سرڪار ڪندي آهي.

## توهان ڇا ڪندا؟

سمجهو تہ توهان ضلعا پريشد جا مُکيہ ڪاريہ ڪاري اڌڪاري آهيو. پنهنجي ضلعن ۾ توهان کهڙن وڪاس جي ڪمن کي اڳرائي ڏيندا؟

## ضلعا پريشد جا ڪم



صحت شيوائون



تعليمي شيوائون




ٻجن جي رسد



پاڻيءَ جو رسد



ڳوٺن ۾ وڻ لڳائڻ



روشني ۽ لائيٽ بندوبست

### توهان ڇا ڪندا؟

دنيش ۽ نيها کي هينيون ڳالهيون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٿي وڃڻ لاءِ چوندا؟

- نندين ٻائرن کي ٽڪا هڻائڻ -----
- پتا سان گڏ وڃي ۷ /۱۲ جو اُتارو آڻڻ لاءِ --
- نئين ٻاڻ جي استعمال جي جانڪاري وٺڻ لاءِ ----
- غيلظ پاڻيءَ جي رسد جي شڪايت ڪرڻ لاءِ - ----
- جنم داخلو حاصل ڪرڻ لاءِ ------
- اُپت / جاتيءَ جو داخلو حاصل ڪرڻ لاءِ ---

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

۱۹۹۲ ۾ ۷۳ ۽ ۷۴ جوڙجڪ دُرستي ٿي، انهن دُرستين وسيلي ڳوناٽيون ۽ شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون کي جوڙجڪ ۾ جڳهه ملي. پسگردائيءَ جو وڪاس اٿردار نموني ڪرڻ لاءِ انهن جي اڌڪارن ۾ واڌ آندي ويئي. انهن جي اختياريءَ وارا وشيه بہ وڌايا ويا.

اُهي سٺي نموني ڪم ڪري سگهن ان لاءِ سندن اُپت جا وسيلا بہ وڌايا ويا.

### پئنچات راڄ سرشتو - هڪ نظر ۾.

مُکيہ ڪاريہ ڪاري اڌڪاري ⟵ ضلعا پريشد ⟶ اڌيڪش

گٽ وڪاس اڌڪاري ⟵ پئنچات سمتي ⟶ سڀاپتي

گرام سيوڪ ⟵ گرام پئنچات ⟶ سرپنچ

↓ راڄيہ سرڪار مُقرر ڪندي آهي.

↓ چوندن وسيلي چوندِيا ويندا آهن.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**چوندن ۾ ڪير بيهي ٿو سگهي؟**

گرام پئنچات، پئنچات سمتي ۽ ضلعا پريشد انهن راڄ ڪاروباري سنستائن ۾ چونڊجي اچڻ لاءِ ڪُجهہ لياقت جون شرطوُن پوريون ڪرڻيون پونديون آهن. جيئن، چوندن ۾ بيهندڙ شخص ڀارت جو ناگرڪ هُجي، هُنجي عمر ۲۱ سال پوري هُجي. مڪاني ووٽر لسٽ ۾ هُنجو نالو شامل هُجي. لياقت جوُن اهي شرطوُن شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن لاءِ بہ لاڳوُ آهن.

**مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون - ڀوناٽيون**

ضلعا پريشد | پئنچات سمتي | گرام پئنچات

**ميمبرن جو عدد**

گهٽ ۾ گهٽ ۵۰ ۽ وڌ ۾ وڌ ۷۵ | گهٽ ۾ گهٽ ۱۵ ۽ وڌ ۾ وڌ ۴۵ | گهٽ ۾ گهٽ ۷ ۽ وڌ ۾ وڌ ۱۷

**عهديدار**

اڌيڪش، اُپ اڌيڪش | سڀاپتي، اُپ سڀاپتي | سرپنچ، اُپ سرپنچ

**اڌڪاري**

مُکيه ڪاريه ڪاري اڌڪاري | گٽ وڪاس اڌڪاري | گرام سيوڪ



## اڀياس

### ۱. مُناسب جواب تي (✓) لڳايو.

۱. هرهڪ ڳوٺ جو مڪاني ڪاروبار ---- هلائيندي آهي.

گرام پئنچات ☐ پئنچات سمتي ☐ ضلعا پريشد ☐

۲. هر مالي سال ۾ گرام سڀا جوُن گهٽ ۾ گهٽ ---- سڀائون ٿيڻ گهرجن.

چار ☐ پنچ ☐ ڇهه ☐

۳. مهاراشٽر ۾ هاڻي ---- ضلعا آهن.

۳۴ ☐ ۳۵ ☐ ۳۶ ☐

### ۲. ياداشت ٺاهيو.

پئنچات سمتيءَ جا ڪم

### ۳. توهانکي ڇا ٿو لڳي اهو ٻڌايو.

۱. گرام پئنچات الڳ الڳ ڍلون لڳائي ٿي.

۲. مهاراشٽر جي ڪل ضلعن جي پيٽ ۾ ضلعا پريشد جو عدد گهٽ آهي.

### ۴. خاڪو پورو ڪريو.

منهنجو تعلعو، منهنجي پئنچات سمتي

۱. تعلقي جو نالو-----

۲. پئنچات سمتيءَ جي سڀاپتيءَ جو نالو ----

۳. پئنچات سَمتيءَ جي اُپ سڀاپتي جو نالو ----

۴. گٽ وڪاس اڌڪاريءَ جو نالو -----

۵. گٽ تعليمي اڌڪاري جو نالو ----

### ۵. ٿوري ۾ جاچ ڏيو.

۱. سرپنچ ۲. مکيه ڪاريه ڪاري اڌڪاري.

**مشغوُلي:**

۱. ڪلاس جي ٻارن کي سرپنچ، ناگرڪ، گرام سيوڪ پوُمڪائون ڏيئي گرام سڀا جي بئٺڪ ڪريو.

۲. ٻارن جي سنسد جو خاڪو تيار ڪريو ۽ اُهو ڪلاس ۾ لڳايو.

۳. توهانجي پسگردائيءَ يا شهر ويجهو ضلعا پريشد جي يوجنائن جي جاچ لکو.

# ۴- شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون


۴.۱ نگر پئنچات

۴.۲ نگر پريشد

۴.۳ مهانگر پالڪا


اڳين باب ۾ اسان ڳوٺاڻين ايراضين جي مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن جي سُروُپ سمجهيوُسين. هن باب ۾ اسان شهري ايراضين جي مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن جو سُروُپ سمجهنداسين. شهري راڄ ڪاروباري سنستائن ۾ نگر پئنچات، نگر پريشد ۽ مهانگر پالڪا شامل آهن.

اسانجي ديش ۾ شهرن جو تعداد چڱو آهي. شهر تڪڙا وڌي رهيا آهن. ڳوٺن مان نيم شهر، نيم شهرن مان شهر ۽ شهرن مان مها نگر ٿي رهيا آهن. شهرن جي آس پاس هوندڙ ڳوٺن جو بہ روُپ بدلجي رهيو آهي.



**اچو چرچا ڪريون**

شهرن جي سامهوُن مُکيہ مسئلا ڪهڙا آهن؟ موڪلن ۾ شهر ۾ رهندڙ مائٽن وٽ ڏياري ۽ جو موڪلوُن مزي سان گُذاري آيل ريشما، اُتان جي واقعن بابت ويچار ڪرڻ لڳي. ريشما وانگر توهان بہ انهن تي ويچار ڪريو ۽ توري ۾ اُن بابت لکو.

- بيمارن لاءِ گاڏيءَ جو پونگو زور سان وڄي پيو پر گاڏيءَ کي رستو خالي نہ پيو ملي.
- پاڻيءَ جي رسد ۾ کَمي ڪئي ويئي، پاڻيءَ جي ٽئنڪر سامهوُن گڙدي هُئي.
- باغن ۾ ٻارن ۾ بُزرگن لاءِ سهوُليتوُن ميسر ٿين پيون.

**شهرن ۾ سهوُليتوُن ۽ مسئلا**

۱. اُديوگ، واپار جا موقعا
۲. وڏندڙ شيوا ڪيتر
۳. وڏي پئماني تي روزگار
۴. وندر، ڪلا، ساهتيہ وغيره سهوُليتون ميسر

۱. گهرن جي اڻاٺ
۲. جڳهہ جي گهٽتائي
۳. آمدرفت جا مسئلا
۴. ڪچري جي نيڪال جي مُشڪلات
۵. وڌندڙ گنهگاري
۶. غليظ بستين ۾ گهٽي آدمشماري.

## ۴.۱ نگر پئنچات

جيڪي ڳوٺ، شهر بڻجڻ جي راهہ تي هوُندا آهن اُتي نگر پئنچات هوندي آهي. اسان کي هنڌ ڏسندا آهيوُن جيڪي نہ پوُرا ڳوٺ هوُندا آهن ۽ نہ پوُرا شهر. اُتان جي مڪاني راڄ ڪاروبار سنستا نگر پئنچات هوندي آهي. بين مڪاني حڪوُمت سنستائن وانگر نگر پئنچات ۾ بہ هر پنجين سال چوندون ٿينديون آهن. چوندبل عيوضي پاڻ مان اڌيڪش ۽ اُپ اڌيڪش جي چوند ڪندا آهن.

- سپ مڪاني حڪوُمت سنستائون ڪُجهہ ضروري ڪم ڪنديوُن آهن. ساڳيءَ طرح نگر پئنچات جا ضروُري ڪم ڪهڙا هوُندا؟ ٻڌايو.

## ۴.۲ نگر پريشد

ننڍن شهرن لاءِ نگر پريشد مڪاني حڪومت سنسٿا هوندي آهي. نگر پريشد جون چونڊون هر پنجين سال ٿينديون آهن. چونڊيل عيوضي نگر سيوڪ تي ڪم ڪندا آهن. اُهي پاڻ مان هڪ اڌيڪش چونڊيندا آهن.انڪي نگر اڌيڪش چئبو آهي.

نگر پريشد جي سيني سپائن جو اڌيڪش نگر اڌيڪش هوندو آهي. هوُ سڀا جو ڪاروبار هلائيندو آهي. نگر پريشد جي مالي ڪاروبار تي اڌيڪش نظر رکندو آهي. نگر اڌيڪش جي غير حاضريءَ ۾ اُپ نگر اڌيڪش ڪم ڏسندو آهي.

نگر پريشد کي ڪُجهه لازمي طوَر ڪرڻا پوندا آهن، انهن کي ضروُري ڪم چئجي ٿو. مثال، رستن تي لائيٽ جي سهوُليت ميسر ڪرڻ، پاڻي پهچائڻ، عام صفائي ۽ گند ڪِچرو نيڪال جو بندوبست ڪرڻ، جنم - موٽ، وواهہ جا داخلا رکڻ.

ان کانسواءِ جنتا جي وڌيڪ شيوا لاءِ نگر پريشد ٻيا ڪم بہ ڪندي آهي. اُنکي نگر پريشد جا غيرضروري ڪم چئجي ٿو. عام رستن لاءِ خاڪو ناهڻ ۽ اُن لاءِ زمين حاصل ڪرڻ، غليظ بستين ۾ سُڌارو ڪرڻ، عام باغ نهرائڻ، جانورن لاءِ سلامتي گهر ميسر ڪرائڻ وغيره اهي نگر پريشد جا غير ضروُري ڪم آهن.

### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

هر نگر پريشد لاءِ هڪ مُکيہ اڌڪاري هوُندو آهي. نگر پريشد ۾ ٿيل فيصلن کي هوُ عمل ۾ آڻيندو آهي. هُنکي مدد ڪرڻ لاءِ ٻيا بہ اڌڪاري هوُندا آهن.

- توهانکي اهڙو اڌڪاري ٿيڻ وڻندو چا؟ توهان صحت اڌڪاري ٿيا تہ ڪهڙا ڪم ڪندا؟




### توهان چا ڪندا؟

۱. ڪچرو جمع ڪندڙ کي گهر جو ڪچرو ڏيڻ وقت. ------
۲. پاڻيءَ جو پائيپ ٽُٽڻ ڪري رستي تي پاڻي جمع ٿيو آهي. -----
۳. توهان ڏٺو تہ پاڻي پُري لاءِ خراب پاڻي واپرئي رهيا آهن. -----
۴. پُل تان ڇڻا ماڻهوُ گُلن - ڦُلن جون پنيون نديءَ ۾ ڦٽيءَ ڪري رهيا آهن. -----
۵. غليظ بستين کي سُڌارڻ جو ڪاريہ ڪرم اخبار ۾ ڇپيو آهي، انجي هڪ - بہ ڳالهہ توهانکي صحيح نٿي لڳي. ----

### نگر پريشد طرفان ماڻهن کي سنديش

ڊينگيوُ جو ڦهلاءُ روڪڻ لاءِ مڇرن جي پيدائش تي روڪ وجهو. ان لاءِ هينيان ڪم ڪريو.

۱. جهوُنا ٽاير، ناريل جوُن کلوُن، خالي ڊبا ڇت تي يا آس پاس نہ رکو.
۲. بخار نہ لهڻ جي حالت ۾ تڪڙو ڊاڪٽر کي ڏيکاريو.
۳. ماحول صاف رکو.

- ان سنديش موجب توهان گهر ۽ پاڙي ۾ چا ڪندا؟

## ۴.۳ مھانگر پالڪا

وڏن شھرن ۾ ناگرڪن کي اَلڳ اَلڳ شيوائُون ڏيندڙ مڪاني حڪومت سنستا کي 'مھانگر پالڪا' چئجي ٿو. مھاراشٽر ۾ پھريائين ممبئيءَ ۾ مھانگر پالڪا استاپت ڪئي ويئي.

**پتو لڳايو، هوشيار ٿيو!**

مھاراشٽر ۾ ڪيترن شھرن جو ڪم مھانگر پالڪا ڏسندي آهي؟

توھانجي شھر ۾ مھانگر پالڪا وجوُد ۾ ڪڏھن آئي؟

شھر جي آدمشماريءَ موجب مھانگر پالڪا جي ڪل ميمبرن جي تعداد مقرر ٿيندو آهي. هر پنجين سال مھانگر پالڪا جون چونڊوُن ٿينديون آهن. چونڊيل عيوضي نگر سيوڪ هوندا آهن. اُهي پاڻ مان هڪ مھاپوَر ۽ هڪ اُپ مھاپوَر چونڊيندا آهن. مھاپوَر شھر جو پھريون ناگرڪ مڃيو ويندو آهي. مھانگر پالڪائن جي سڀائن جو هوُ اڌيڪش هوُندو آهي.

مھانگر پالڪا جي عام سڀا ۾ شھرن جي ڪيترن مسئلن تي چرچا ٿيندي آهي. ان ۾ شھر جي وڪاس لاءِ اهم فيصلا ورتا ويندا آهن.

**مھانگر پالڪائن جون سمتيوُن:** مھا نگر پالڪائن جو ڪم ڪار سمتين ذريعي ٿيندو آهي. تعليم سمتي،صحت سمتي، آمدرفت سَمتي اهي ڪُجھ اهم سمتيوُن آهن.

**مھانگر پالڪا جو ڪاروبار:** مھانگر پالڪا آيُڪتہ (commissioner) مھانگر پالڪا جي ڪاروبار جو پرمُک هوندو آهي. مھانگر پالڪا ۾ ٿيل فيصلن کي هوُعمل ۾ آڻيندو آهي. مثال، جيڪڏهن ڪنهن مھانگر پالڪا پنيوُن واپرائڻ تي بندش وڌي تہ اُن فيصلي کي عمل ۾ آڻڻ جو ڪم مھانگر پالڪا آيُڪت ڪندو آهي. هوُ مھانگر پالڪا جو ساليانو تخمينو (بجيٽ) تيار ڪندو آهي.

هو مھانگر پالڪا جي عام بيٺڪن ۾ حاضر رهندو آهي.



**ڪري ڏسو**

توھانجي ڪلاس ۾ هڪ تعليم سمتي ٺاهيو. ڇوڪرا، ڇوڪريون برابرا انداز ۾ هوُنڌڙ اها سمتي هينين وشين تي چرچا ڪري ۽ احوال لکي.

(الف) ڪلاس ۾ سھوُلتيوُن

(ب) ڪلاس ۾ ننڍي لئبرري ٺاهڻ بابت سوچڻ.

(پ) راندچتاپيتيءَ جو آيوجن.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

ڪُل آدمشماريءَ ۾ عوُرتن جو تعداد لڳ ڀڳ اَڌ آهي. تہ بہ راڄ ڪاروبار ۾ عوُرتون گھٽ ئي ڏسڻ ۾ ايندي‌وُن آهن. پنھنجن گھروُ ڪمن ذريعي استريوُن ڪاڌو، جلائوُ شڪتي، پاڻي وغيره ڪيترا ئي اهم وشيہ سنڀاليندي‌وُن آهن پر ان بابت فيصلو وٺڻ جو حق ڪين گھٽ هوُندو آهي. گھر جي پاڻيءَ جو ڪم استريو ڏسنديوُن آهن پر پاڻيءَ جي مسئلي ۾ هُنن جو يوگدان نہ هوندو آهي. مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن ۾ ۵۰ سيڪڙو جڳھيوُن عوُرتن لاءِ محفوُظ رکڻ سان اهڙا اهم مسئلا حل ڪرڻ جو موقعو عوُرتن کي مليو آهي.

هيٺ ڏنل خاڪي مان مهانگر پالڪا جا ڪم ڳولهيو ۽ هڪ ياداشت ٺاهيو.

- پاڻي پهچائڻ
- پوليس
- ريلوي ٽائيم ٽيبل ٺاهڻ
- پسگردائي بچاءُ
- ديش جي سرحدن جو بچاءُ
- رستن تي روشنيءَ جو بندوبست
- غير قانوني عمارتون ٽوڙڻ
- جنم - موٽ، شادي جي داخلا
- باهه وسائڻ
- خطرناڪ عمارتن کي هدايت
- پرائمري تعليم
- اڏاوت منظوري
- شهري جي عام آمدرفت

## مهانگر پالڪا جي اُپت جا وسيلا

- ← ونڊر ڍل
- ← گهرن تي ڍل
- ← قرض وٺڻ
- ← پاڻيءَ تي ڍل
- ← راجيه سرڪار
- ← ملڪيت ڍل
- وٺان انوُدان
- ← واپار ڍِل




### هينيان جُملا پڙهي توهانکي ڇا ٿو لڳي؟

- توهان جي شهر ۾ ميٽرو (زير زمين گاڏيون) شروع ٿيڻ واريوُن آهن.
- چوويهن ماڙن جي عمارت کي منظوُري ملي آهي.
- هرهڪ ورياڳ ۾ باغ ۽ ونڊر ڪيندر ٺهندو.
- صاف پاڻيءَ جو استعمال باغن ۽ گاڏي ڌوئڻ لاءِ ڪندڙن تي ڪارروائي ٿيندي.
- آلي ڪچري جو ماحول ۾ ئي تفرق ڪرڻو آهي.
- بزرگن لاءِ ورڊ آشرو ٺاهيا ويندا.

### مهانگر پالڪا ائين ڇو ڪيو؟

- مهانگر پالڪا ٽيڪڙين تي وڻ ٽوڙي عمارت بڌڻ لاءِ منظوُري نه ڏني.
- ڊينگيوُ سوائين فلوُ جهڙن بيمارين کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ انيڪ اُپاوَ ڪيا.
- باهه وسائڻ جوُن جديد شيوائوُن شروعُ ڪيوُن.
- ڀاڄي بازار ۾ وزن ۽ تارازين جي جاچ ڪئي.

### چا ڪندا؟

توهانجي ماحول ۾ نگر پريشد يا مهانگر پالڪا جو دواخانو کُولهيو. ان دواخاني ۾ ڪهڙيون سهوليتون ميسر آهن؟ دواخاني ۾ علاج ڪرائڻ لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو آهي؟

## مڪاني راڄ ڪاروباري (حڪومت) سنستائون - شهري

- مهانگر پالڪا
- نگر پريشد
- نگر پئنچات

### ميمبرن جو تعداد

- آدمشماري موجب ميمبرن جو تعداد
- گهٽ ۾ گهٽ ١٧ وڌ ۾ وڌ ٣٨
- گهٽ ۾ گهٽ ٩ وڌ ۾ وڌ ١٥

### عهديدار

- مهاپور، اُپ مهاپور
- نگر اڌيڪش، اُپ نگر اڌيڪش
- اڌيڪش، اُپ اڌيڪش

### اڌڪاري

- آيُڪتر (ڪمشنر)
- مُکيہ اڌڪاري
- ڪاريہ ڪاري اڌڪاري



### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**جايو محفوظ رکڻ (Reservation) معنيٰ ڇا؟ اُهو ڇو ضروري آهي؟**

ڳرام پئنچات، پئنچات سمتي ۽ ضلعا پريسد، نگر پئنچات، نگر پريشد ۽ مهانگر پالڪائن جي چونڊن ۾ ڪُل جاين مان ڪُجهه جايون انوسُوچت جاتي (S.C.) انوسوچت جماعتن (S.T.) ۽ پنتي پيل طبعي جي ماڻهن لاءِ محفوظ رکيل هونديون آهن. انهن جاين تي اُن طبقي جا ماڻهوُ ئي چونڊجي اچن ٿا. انکي ئي جايون محفوظ رکڻ (Reservation) چئجي ٿو. ان ڪانسواءِ ڪُل جاين مان اڌ جايون عوُرتن لاءِ محفوظ هونديوُن آهن.

سماج جي وانجهيل جُزا ۽ عوُرتوُن ڳوٺ يا شهر جي ڪاروبار ۾ بهرو وٺي سگهن ۽ فيصلن ۾ سهيائي ٿين ان لاءِ جايوُن محفوظ ڪرڻ ضروُري آهي. لوڪشاهيءَ ۾ سڀني جو فيصلو وٺڻ ۾ ڀاڱيدار ٿيڻ ضروُري آهي.



## اڀياس

### ١. مُناسب جواب چونڊي خال ڀريو.

١. مهاراشٽر ۾ ڀهريائين ------- شهر ۾ مهانگر پالڪا اسٿاپن ڪئي ويئي.
(ناگپور، ممبئي، لاتور)

٢. شهر ٿيڻ جي راهه ۾ جيڪي ڳوٺ هوندا آهن اُتي ----- ڪم ڏسندي اهي.
(نگر پريشد، مهانگر پالڪا، نگر پئنچات)

٣. نگر پريشد جي مالي ڪاروبار تي ----- نظر رکندو آهي.
(مُکيه اڌڪاري، ڪاريه ڪاري اڌڪاري، آڊيٽر)

### ٢. توهي ۾ جواب لکو.

١. شهرن ۾ ڪهڙا مسئلا هوُندا آهن؟

٢. مها نگر پالڪا جي الڳ الڳ سمتين جا نالا لکو.

### ٣. ڏنل مُدن جي آڌار تي شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنسٿائن جي ڇاڻ جو خاڪو ٺاهيو.

### ٤. هيٺين بابت ٻُڌايو.

١. نگر پريشد جي ضروري ڪمن ۾ ڪهڙا ڪم شامل هوُندا آهن؟

٢. نگر پئنچات ڪٿي هوُندي آهي؟

### ٥. توهانجي ضلعي ۾ نگر پريشد، نگر پئنچات ۽ مهانگر پالڪا ڪٿي آهن انجي ياداشت ٺاهيو.

### مشغوُلي

١. وچڙندڙ بيماريو نه ڦهلجن ان جي جاڳرت لاءِ نعرا تيار ڪريو ۽ ڪلاس ۾ لڳايو.

٢. توهانجي ويجهو مهانگر پالڪا ۾ وڃو. اُتي جنتا لاءِ ڪهڙا نوان ڪاريه شروُع ڪيا ويا آهن انجي ڄاڻ حاصل ڪريو. توهان اُن ۾ يوگدان ڪيئن ڏيئي سگهندا، ان بابت ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.

| مُدا | نگر پئنچات | نگر پريشد | مهانگر پالڪا |
|---|---|---|---|
| عهديدار | | | |
| ميمبرن جو تعداد | | | |
| اڌڪاري | | | |



دواخانو

# ٥ - ضلعا ڪاروبار

**٥.١. ضلعا اڏڪاري (ڪليڪٽر)**
**٥.٢. ضلعا پوليس پرمُک**
**٥.٢. ضلعا ڪورٽ**




اهي سوال توهانکي بہ آيا هوندا؟ ضلعا پريشد پئنچاتي راڄ سرشتي يعنيِ ڳوٺاڻي مڪاني راڄ ڪاروباري سنسٿائن جو هڪ جُزو آهي. پر اسانجي مهاراشٽر ۾ ضلعي جو ڪاروبار ضلعا پريشد سان گڏوگڏ ضلعا اڏڪاري بہ هلائيندو آهي. مرڪزي سرڪار ۽ راڄيہ سرڪار اِن ڪاروبار ۾ شامل هوُندا آهن.

## ٥.١ ضلعا اڏڪاري

ضلعا ڪاروبار جو پرمُک ضلعا اڏڪاري هوُندو آهي. هُنجي مُقرري راڄيہ سرڪار ڪندي آهي. ضلعا اڏڪاريءَ کي ڪيت جي ڏل گڏ ڪرڻ ڪان وٺي. ضلعي ۾ قاعدو ۽ بندوبست رکڻ جو تائين انيڪ ڪم ڪرڻا پوندا آهن.

هيٺئين خاڪي جي مدد سان سمجهنداسين.

| | ضلعا اڏڪاري | | |
|---|---|---|---|
| **ڪيتي** | **قاعدو ۽ بندوبست** | **چوندن جو اڏڪاري** | **آپدا بندوبست** |
| • زمين جي ڏل گڏ ڪرڻ | • ضلعي ۾ شانتي ٻڌائي رکڻ | • چوندوُن مُناسب طريقي ڪرائڻ | • آپدا جي وقت ۾ ترت فيصلا ڪٽي نقصان روڪڻ. |
| • ڪيتيءَ سان جُڙيل قاعدن کي عمل ۾ آڻڻ | • سماجڪ صحت ٽڪائي رکڻ | • چوندن لاءِ ضروُري فيصلا وٺڻ. | • آپدا بندوبست لاءِ حُڪم ڪيڻ. |
| • ڏڪار ۽ چاري جي ڪميءَ تي اُپاوَڪرڻ | • سيا بنديءَ ۽ ڪرفيو ڏاري ڪرڻ | • ووٽر لست ۾ نوان بدلاوَ ڪرڻ. | • آپدا ۾ ستايلن کي وري وسائڻ |

**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

**سماجڪ صحت(پريم) قائم رکڻ چو ضروري آهي؟**

سماج ۾ متڀيد، اٽبٽت ۽ سنگهرش شانتيڪي طريقي سان نبيرڻ گُهرجي. پر ڪن وقتن تي ائين نہ ٿي اَشانتي نرماڻ ٿيندي آهي. ان سان هنسا جي گهٽنا ٿيڻ سان سماجڪ صحت بگڙجي ويندي آهي.

اسانجي ترقيءَ ۾ رنڊڪ ايندي آهي. عام ملڪيت جو نقصان ٿيندو آهي. ائين نه ٿئي ان لاءِ ضلعا اڌڪاري ڪوشش ڪندو آهي. ان سان گڏ ناگرڪن کي به سماجڪ صحت ٻڌائي رکڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجن.

**تعصيلدار:** هر تعلقي لاءِ هڪ تعصيلدار هوُندو آهي. تعصيلدار تعلقي جو ڏنڊ (سزا) اڌڪاري به هوُندو آهي. تعلقي ۾ شانتيءَ بندوبست رکڻ جي جوابداري تعصيلدار جي هوندي آهي.

### ۵.۲ ضلعا پوليس پرمُک (superintendent)

مهاراشٽر ۾ هرهڪ ضلعي جي شهر ۾ هڪ پوليس اڌيڪشڪ هوُندو آهي. هوُ ضلعي جو پرُمک پوليس اڌڪاري هوُندو آهي. ضلعي ۾ شانتيءَ انتظام رکڻ ۾ ضلعا پوليس پرمُک، ضلعا اڌڪاريءَ کي مدد ڪندو آهي. شهر ۾ شانتيءَ انتظام رکڻ جي جوابداري پوليس آيُڪتر (ڪميشنر) جي هوندي آهي.



پوليس اڌيڪشڪ پوليس جٿي جي جاچ ڪندي

**ضلعا ڪاروبار**

- ضلعا اڌڪاري
  - اُپ ضلعا اڌڪاري
  - تعصيلدار
  - تلاٽي
  - پوليس پاٽيل
- پوليس اڌيڪشڪ
  - پوليس اُپ اڌيڪشڪ
  - پوليس انسپيڪٽر
  - سهايڪ (Deputy) پوليس انسپيڪٽر

### ۵.۳ ضلعا ڪورٽ

ضلعا سطح جي ڪورٽ پنهنجي اختياريءَ جي ايراضيءَ جي وواد حل ڪرڻ، ووادن جو نياءُ ڪرڻ ۽ جهڳڙن جو وقتي نبيرو ڪرڻ اهي ڪم ڪندي آهي.

ڀارت جي جوڙجڪ الڳ نياءُ سرشتي جي رچنا ڪئي اهي. نياءُ سرشتي جي چوٽيءَ تي ديش جي سُپريم ڪورٽ هوندي آهي. اُنجي هيٺيان هاءِ ڪورٽ هوندي آهي. اُنجي هيٺان ننڍيوُن ڪورٽون هونديوُن آهن، انهن ۾ ضلعا ڪورٽ، تعلقا ڪورٽ ۽ محصوُل ڪورٽ هوُندي آهي.



ڪورٽن ۾ ڪم ڪار

ضلعا سطح جي هونڊز ڪورٽ کي ضلعا ڪورٽ چئبجي ٿو. اُن ۾ هڪ مکيه ضلعا جج ۽ ٻيا جج هوندا آهن. ضلعن جي الڳ الڳ ڪيسن جو ڪم ڪار هلائڻ ۽ فيصلو ڏيڻ جو ڪم ضلعا ڪورٽ جا جج ڪندا آهن. تعلقا ڪورٽ جي ڏنل فيصلي خلاف اپيل ضلعا ڪورٽ ۾ ڪري سگهبي آهي.

ضلعا ڪورٽ

- ديواني جج (ديواني ڪيسن لاءِ)
- سترجج
  - مئجسٽريٽ I ڪلاس
  - مئجسٽريٽ II ڪلاس
  - (فوجداري ڪيسن لاءِ)

## آپدا بندوبست

ماڻهن کي الڳ الڳ آپدائن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ٻوڏ، ٻاهه لڳڻ، طوفان، بادل ڦاٽڻ، برف پوڻ، زلزلا، زمين کسڪڻ، جهڙين قدرتي آپدائن سان گڏ دنگا، بند ٽٽڻ، بم ڦاٽڻ، وچرندڙ بيماريون جهڙن آپدائن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. اهڙين آپدائن سبب وڏي پئماني ماڻهن جو لڏپلاڻ ۽ جان ۽ مال جو نقصان ٿئي ٿو. ان سبب ماڻهن کي وري وسائڻ جا مسئلا به پيدا ٿين ٿا. آپدا کي رٿئائتي ۽ وگيانڪ نموني منهن ڏيڻ کي ’آپدا بندوبست‘ چئبجي ٿو. ۽ آپدا بندوبست ۾ پورو ضلعا ڪاروباري شررستو رُڌل رهي ٿو. تڪنيڪ جي واڌاري سبب گهٽين ئي آپدائن جي اڳوات سُوچنا ملي ويندي آهي. مثال، ٻوڏ ۽ طوفان جي اڳوات سوُچنا ڏيڻ جو تڪنيڪ جو وڌارو ٿيو آهي. هن تڪنيڪ وسيلي خطري جي سوچنا ملي ويندي آهي.



### هميشه ياد رکو.

آپدا جي وقت ۾ هميشه تيار رهجي. آپدا کي منهن ڏيڻ لاءِ ماڻهن ۽ الڳ الڳ وياڳن جي مدد جي ضرورت هوندي آهي. ان لاءِ اسانجي گهر ۾ هٿيڪي جاءِ تي دوا خانا، پوليس، باهه وسائيندڙ دستي، رت ٻئنڪ انهن جا نمبر لکيل هُجن. جيئن انهن سان ترت ڳالهائي سگهجي. پنهنجن دوستن کي به اها ڳالهه سمجهايو.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

مهاراشٽر ۾ انيڪ اڏڪارين ڪاروبار ۾ سُڌارو اڻڻ لاءِ تجربا ڪيا. انهن تجربن سبب ناگرڪن کي هلندر شيوائن ۾ سُڌارو ٿيو. جنهن سان ماڻهن جو ڪاروباري سنسٿائن ڏانهن نظريو سُڌريو. ۽ ڪاروباري سنسٿائن ڏانهن سندن رد عمل (Response) ۾ راڄ ڪاروبار ۾ سهياڳ وڌيو.

**(الف) لکينا طريقو (پئٽرن) ڪارائتو**
ڪاروبار ٿئي ۽ ناگرڪن کي درجيدار شيوائون ملن ان ڪري احمدنگر جي اُن وقت جي ضلعا اڏڪاري شر انيل ڪُمار لکينا، ڪاروباري شرشتي ۾ انيڪ سُڌارا آندا.جنکي ’لکينا پئٽرن‘ چوندا آهن. ڪم ڪرڻ جو پئمانو مقرر ڪرڻ، نيم سؤلي پاشا ۾ ماڻهن کي سمجهائڻ وغيره سُڌارا ڪيا ويا. ماڻهن جا ڪم هڪ ئي جڳهه تي ٿين ان لاءِ هُن ’هڪ دري يوجنا‘ شروُع ڪئي.

**(ب) ’دَڙوي پئٽرن‘:** پٽي ضلعي جي اُن وقت جي ضلعا اڏڪاري شري چندرڪانت دَڙوي دواران ڪيل ڪاروبار سُڌارا ’دَڙوي پئٽرن‘ نالي سان سڃاتا وڃن ٿا. ٽيبل تي ڪاغذن ئو فائيلن جو ڍڳ سانڍي نه رکي انهن جو ساڳئي ڏينهن نبيرو ڪرڻ ۽ تڪڙا فيصلا وٺڻ انهن سَڌارن جو مقصد هو.

اهو پئٽرن ٻڙي ڊير (zero pendency) نالي سُڃاتو ويندو آهي. ان سان فيصلن وٺڻ ۾ دير کي ٽاريو ويو. ان سان ڪاروباري سرشتو تيز ٿيو.

(ب) ڇهاندي پئٽرن: ناسڪ جي اُن وقت جي وڀاڳ جي آيُڪتہ (ڪمشنر) ڊا. سنجيہ ڇهاندي معرفت ڪيل ڪاروباري سُڌارا ڇهاندي ’نالي سُڃاتا وڃن ٿا. ڪاروبار سرشتي ۽ عام جنتا ۾ ويڇو گهٽ ٿئي، اُنجي جنتا ڏانهن جوابداري وڌي، وڪاس جي ڪمن جي اڳرائي جنتا جي رايي سان مقرر ٿئي. ان لاءِ هُن ’گرامست (ڳوناٽن جو) ڏن، يوجنا شروع ڪئي. ڪاروباري اڌڪاري ۽ ڪرمچاري هڪ مقرر ڏينهن تي ڳوٺ ۾ وڃي ماڻهن سان سڌو ڳالهائن ٻولهائن ۽ سندن مشڪلاتون حل ڪن ان لاءِ گرامست ڏن جو آيوجن ڪيو ويندو آهي.



## اڀياس

**۱. هڪ هڪ جُملي ۾ جواب ڏيو.**

۱. ضلعا ڪاروباري سرشتي جو پرمُک ڪير هوندو آهي؟

۲. تحسيلدار تي ڪهڙي جوابداري هوندي آهي؟

۳. نياءَ سرشتي جي چوٽيءَ تي ڪهڙي ڪورٽ هوندي آهي؟

۴. ڪهڙين آپدائن جي اسان کي اڳوات سُوچنا ملي سگهي ٿي؟

**۲. جوڙا ملايو:**

| الف گروهہ | ب گروهہ |
|---|---|
| (الف) ضلعا اڌڪاري | (۱) تعلقا ڏنڊاڌڪاري |
| (ب) ضلعا ڪورٽ | (۲) قاعدو ۽ بندوبست رکڻ |
| (پ) تعصيلدار | (۳) وواد حل ڪرڻ. |

**۳. هيٺين وشين تي چرچا ڪريو.**

۱. آپدا بندوبست

۲. ضلعا اڌڪاريءَ جا ڪم

**۴. توهانکي هيٺين مان ڇا بڻجڻ وڻندو، ڇو؟**

۱. ضلعا اڌڪاري.

۲. ضلعا پوليس پرمُک

۳. ڪورٽ

**مشغُولي:**

۱. توهانجي ويجهو پوليس اسٽيشن تي وڃي اتان جي ڪم ڪار جي ڄاڻ وٺو.

۲. الڳ الڳ آپدائُون، ان بابت وٺڻ جي خبرداري ۽ اهم فون نمبرن جو خاڪو تيار ڪري ڪلاس ۾ لڳايو.

۳. نئين سال جي موقعي تي ضلعا اڌڪاري، ضلعا پوليس پرمُک، ضلعا مُکيہ جج کي گريٽنگ ڪارڊ موڪليو.



ग्रामसभा



مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و ابياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

इतिहास व नागरिकशास्त्र इ. ६ वी (सिंधी (अरे.) माध्यम)

₹ 37.00